# ڀٽو خاندان

(ڀٽو خاندان جي تاريخ ۽
اهم شخصيتن بابت مضمون)

مرتب


نور محمد ڀٽو



سچ پبليڪيشن حيدرآباد

# پتو خاندان جو شجرو

ترتيب: نور محمد پتو 2012




Designed by: M. Ajmal Khan
Khokhar Muhalleh Hyderabad
022-2787985 / 0346-3833244

# ڀٽو خاندان

ڀٽو خاندان جي تاريخ ۽ اهم شخصيتن بابت مضمون

مرتب

نور محمد ڀٽو

سچ پبليڪيشن حيدرآباد

www.bhutto.org

سمورا حق ۽ واسطا محفوظ

ڪتاب جو نالو : خاندان (پاڳو پهريون ۽ ٻيون)

ڪمپوزنگ : ڪمپوزنگ سينٽر، حيدرآباد، سنڌ.

لي آئوٽ: بختيار احمد ڀٽو (0346-3704101)

تعداد : 1000

سال : ڊسمبر 2011ع

ڇاپو : پهريون پاڳو مارچ 2006ع

ٻيون پاڳو فيبروري 2009ع

ڇاپو : چوٿون ڊسمبر 2012ع

پيسٽر: سهيل سلام ڀٽو

قيمت: 50/= روپيا

هي ڪتاب نديم مختيار ڀٽو سچ پبليڪيشن طرفان سلام پرنٽنگ پريس، بخش علي اسٽريٽ، گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپائي 173_C پراڻي وحدت ڪالوني، ويسٽ ونگ حيدرآباد مان پڌرو ڪيو.

www.bhutto.org

# فهرست



| | | |
|---|---|---|
| 1. | ڀٽو خاندان جي تاريخ | 6 |
| 2. | ٽين دنيا جو مفڪر ذوالفقار علي ڀٽو | 9 |
| 3. | محترمہ شهيد بينظير ڀٽو | 14 |
| 4. | شهيد راڻي بينظير ڀٽو | 16 |
| 5. | شهيد راڻي بينظير ڀٽو | 23 |
| 6. | سر شاهنواز خان ڀٽو | 24 |
| 7. | بيگم نصرت ڀٽو | 26 |
| 8. | بيگم شيرين امير ڀٽو | 28 |
| 9. | ببو بيگم | 31 |
| 10 | شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو | 32 |
| 11 | شاهنواز ڀٽو جونيئر | 33 |
| 12 | محترمہ فاطمہ ڀٽو | 35 |
| 13 | عبدالمجيد خان ڀٽو | 45 |
| 14 | وڏيرو رسول بخش خان ڀٽو | 46 |
| 15 | سردار واحد بخش خان ڀٽو | 47 |
| 16 | نواب نبي بخش خان ڀٽو | 49 |
| 17 | سردار ممتاز علي خان ڀٽو | 52 |
| 18 | مرحوم ولي محمد خان ڀٽو | 54 |
| 19 | علي محمد ڀٽو | 57 |
| 20 | محمد اسماعيل ڀٽو | 61 |





www.bhutto.org

| | | |
|---|---|---|
| 63 | عنايت خاتون ڀٽو | 21 |
| 65 | آمنہ بيگم ڀٽو | 22 |
| 67 | مولانا جان محمد ڀٽو | 23 |
| 69 | محمد چٽل ڀٽو | 24 |
| 70 | حبيب الله ڀٽو | 25 |
| 71 | انور علي خان ڀٽو | 26 |
| 72 | محمد حسن ڀٽو | 27 |
| 74 | مرحوم محمد حسين ڀٽو | 28 |
| 76 | مرحوم مختار احمد خان ڀٽو | 29 |
| 80 | مختار احمد ڀٽو | 30 |
| 83 | جميل احمد ڀٽو | 31 |
| 86 | ناهيد امداد ڀٽو | 32 |
| 89 | نجم الحسن ڀٽو | 33 |
| 90 | محمد مراد ڀٽو | 34 |
| 91 | محمد صديق ڀٽو | 35 |
| 93 | سخي مرد محمد هاشم ڀٽو | 36 |
| 94 | ذيشان علي ڀٽو | 37 |
| 95 | محترم الهچايو ڀٽو | 38 |




www.bhutto.org

# پنھنجي پاران

## ڪجھ ڀٽو خاندان جي باري ۾

ڀارت ۽ پاڪستان جي سرحد لڳ راجستان ۾ رهڻ سبب ضلع حصار پنجاب مستقل ٿيا ۽ ڪلهوڙن جي دور حڪومت ۾ 1748ع ۾ جاگيرون حاصل ڪيائون. ميرن جي دربار ۾ خيرپور رياست جا امير ب هئا ۽ انگريزن جي دور ۾ سر، سردار، نواب ۽ خانبهادر جا لقب عطا ڪيا ۽ ذوالفقار علي ڀٽو ۽ بينظير ڀٽو پنهنجي نالو قابليت سبب سڄي دنيا ۾ پيدا ڪيو.

ڀٽو خاندان ڀاڳو ڀهريون ۽ ڀاڱو ٻيون هڪ ئي ڇاپي ۾ اوهان جي خدمت ۾ پيش رکجي ٿو. اُميد ته ڀٽو خاندان جي فردن جي زندگي جو احوال معلوم ڪري اوهان پنهنجي چاڻ ۾ واڌارو ڪندا.

**مرتب**

رابطي لاءِ:

0331_3522911



www.bhutto.org

# ڀٽو خاندان جي تاريخ

ڀٽو خاندان جو هڪ مختصر قافلو جيڪو محمد بن قاسم جي لشڪر جي سپاهين جي حيثيت ۾ سنڌ ۾ پهتو هو. انهن جو تعلق مصر ۽ شام جي قبيلن سان هو 1712ع ۾ هتي پهتا.

ڀٽو خاندان پهريون ڀيرو 1236ع ۾ سيف الدين ايبڪ فرمانروا دهلي رضيه سلطانه طرفان ڀٽو خاندان جي هڪ فرد کي فوج جو چيف سالار مقرر ڪري موڪليو. ان وقت اها سلطنت سنڌ تائين وڪريل هئي ۽ برهم پترا تائين اُن جون حدون هيون. جنهن جو لقب قلتلغ خان هو. ان ڪري ڀٽو خاندان جا فرد پنهنجي نالي کان پوءِ خان ضرور لکندا آهن.

جهانگير بدر جي ڪتاب "ليڊر ڪيسي بنا جائي" تان ورتل.

ڀٽو خاندان جي تاريخ مغل خاندان جي سنڌي ڪنڌ تي حڪومت ڪرڻ وقت17 هين صدي عيسوي جي آخري عشري ۾ دهلي جي اصلي وارث شهيد محمد دارا شڪوه شهزادي جو ڀٽو قبيلي ساٿ ڏنو ان جو نالو سهتو خان آهي، جنهن اورنگزيب عالمگير بجاءِ دارا شڪوه جو ساٿ ڏنو جيڪو هڪ پڪو مسلمان، صوفي منش، اهل علم ۽ اهل ذوق انسان هو.

ڀٽو قبيلو اصل قديم ۽ وسيع سنڌ جي پرڳڻي راجستان (هندستان جي ٿر) جي علائقي جيسلمير جو رهواسي هو. جتي راجستان جي علائقي جيسلمير ۽ جئپور ۾ رهندڙ هئا. انهن جو قديم لباس اتان جي راجائن ۽ مهاراجائن جهڙو هوندو هو. محترم جي ايم سيد تحقيق ڪندي لکي ٿو ته آرائين قبيلي جي شاخ مان روايتون آهن ته ڀٽو قبيلو آهي.

ٻي روايت موجب ڀٽا اصل جيسلمير جا راجپوت قبيلي مان هئا. سندس هڪ وڏو پنجاب جي ضلعي حصار ۾ رهائش اختيار ڪئي ته انهن آرائين قبيلي سان مٽي مائٽي ڪئي ته اهي آرائين سڏجڻ لڳا.

سائين جي ايم سيد ڪتاب تاريخ راجستان جي ليکڪ ٽاڊ صاحب



www.bhutto.org

جو حوالو ڏيندي چيو اهي تہ ڀٽي يادو قبيلي جي 56 ڪلن مان ڪل چندرونسي گهراڻي جي بادشاهہ هرڪرشنا جي 8 زالن مان وڏي زال رڪمني هئي جنهن مان ڪيس وڏو پٽ پرائڊيما ڄائو جنهن جي شادي شهزادي بدرويا سان ٿي جنهن مان ڪيس ٻہ پٽ انڙ ۽ نجبر ڄاوا، ڪيس پوئين پٽ بجر مان جيڪو اولاد ٿيو سي ڀٽي سڏجڻ لڳا. جن جي اڳتي هلي شاخ ڀٽا جي نالي سان سڏجڻ لڳي. جن جو سردار بان ۾ رهندو هو (صفحو 122_23. جلد پهريون، جنب گذاريم جن سين ڪتاب تان ورتل)

مختيار احمد ڀٽو لکي ٿو تہ ڀٽو قبيلي جا فرد ريگستاني ٿر جي رياست جئپور ۽ جيسلمير ۾ اڄ بہ آباد آهن. سندس تعلق راجپوت گهراڻي جي عورت سان آهي. انهن راجپوتن اسلام قبول ڪيو انهن جو سردار جنهن جو نالو شنشو هو اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ سهتو خان ٿيو. (جنوري 1999ع هالار ڊائجسٽ حيدرآباد تان ورتل).

سرمد علي استينٽلي والپرٽ ايڊووڪيٽ ڪتاب ذلفي منهنجو دوست جو حوالو ڏيندي لکي ٿو تہ ڀٽا اصل ۾ راجستان جي واڃٽ ڪنڌڙ واري جا راجپوت هئا. سندس وڏو سهتو خان1707_1658ع جي دور ۾ مسلمان ٿيڻ بعد خان جو لقب ملڻ بعد اورنگزيب عالمگير جي وقت ۾ واري جي وسڪاري مان نڪري لاڙڪاڻي چانڊڪا جي پرڳڻي جي علائقي رتي ديري ۾ رهائش اختيار ڪئي. پيڙهين کان اهو خاندان مهم جو ويڙهاڪ هو رتيديري ۾ رهائش اختيار ڪرڻ کان پوءِ سردار تہ اڳ هئا. زميندار‌ي شروع ڪئي. (آڪٽوبر 1996ع سنڌ رنگ اسپيشل مرتضيٰ ڀٽو نمبر).

خيرپور رياست جي حاڪم مير مراد علي خان ٽالپر 1921ع ۾ سر... پير بخش ڀٽو کي نياپو ڪيو تہ پنهنجو پٽ ضمانت طور موڪل جيڪو ميرن وٽ امانت ۾ رهندو. جنهن پنهنجو پٽ الهہ بخش خان ڏياري موڪليو. جيڪو اتي پنج سال رهيو. ميرن کي خطرو هو تہ پير بخش ڀٽو ساڻن ويڙهہ نہ ڪري جڏهن تہ محمد امين خان ڀٽو پٽ خيرپور رياست جو امير رهي چڪو آهي، جيڪو تمام وڏو بهادر هو جنهن تلوار سان شينهن ماري وڌو هو. ڀٽو خاندان جو پهريون قيدي الهہ بخش خان هو. دودو خان ڀٽو ڀٽي خاندان



www.bhutto.org

جو پهريون ماڻهو هو جنهن امن ڀري زندگي گذاري. (سنڌ رنگ اسپيشل نمبر 1996ع)

ننڍي ڪنڊ مان اها وڏي احساس ڪمتري آهي جو هندن پاڻ کي آريائي نسل مان ڪڍي پاڻ کي عربن جو اولاد مسلمان سڏائڻ لڳا. عربن کان پوءِ ننڍي ڪنڊ جي ماڻهن پاڻ کي وچ ايشيا جي حملي آورن ۽ لٽيرن جو اولاد سڏائڻ ۾ فخر محسوس ڪرڻ لڳا. ساڳئي بيماري سنڌ جي رهواسين ۾ آهي ڪافي سنڌي قبيلا ذاتيون پاڻ کي بلوچن عربن وچ ايشيائي قومن جي نسل مان شمار ڪندا رهيا آهن. پيا نج سنڌي آهن. پنجاب ۾ رهڻ سبب آرائين سڏجڻ لڳا. راجستان ۾ رهڻ سبب راجپوت سڏجڻ لڳا. جيسلمير ۾ رهڻ سبب ڏاريا نه ٿيا ڇاڪاڻ ته اهو ننڍي ڪنڊ جو پرڳڻو سمورو هڪ پرڳڻو هو. جيئن سماٽ قبيلي جا سما، سومرا، مهر، سميجا، نهڙيا، آريسر ٿر راجستان سنڌ ۾ رهن ٿا.

محترمه بينظير ڀٽو لکي ٿي ته اسان هندستان جي ويڙهاڪ نسل راجپوت سان تعلق رکون ٿا. (شهيد بينظير ڀٽو ڪا قتل صفحو157 ، ليکڪ علي جاويد نقوي).

اياز پاڳت ڀٽن بابت لکي ٿو ته سماٽ جي ڏنل شجرن ۾ ڀٽو قبيلي جي بڻ بڻياد نج سنڌي قبيلن مان ثابت ٿئي ٿو جيڪو راجستان کان سنڌ تائين پکڙيل آهي (صفحو 393 ڪتاب سنڌ ۾ رهندڙ ذاتيون، قومون ۽ قبيلا ( هفتيوار سنڌو ڊائجسٽ حيدرآباد 2_8 جنوري 2011ع تان ورتل)



www.bhutto.org

# ٽين دنيا جو مفڪر ذوالفقار علي ڀٽو

پاڪستان کي جديد ملڪ ٺاهي سڄي دنيا ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جو اهم ڪردار آهي. هن جي پرڏيهي پاليسي سبب پاڪستان جو دنيا جي ملڪن ۾ مقام بلند ٿيو. جناب ذوالفقار علي ڀٽو ايشيا توڙي اسلامي ملڪن ۾ ٽين دنيا جو مقبول اڳواڻ هو. پاڪستان کي ايٽمي قوت ٺاهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. جنهن سبب کيس ھٿائي شهيد ڪيو ويو.

موهن جي دڙي جي وادي جي ڪوک ۾ هن 05 جنوري 1928ع تي سر شاهنواز ڀٽو جي گهر ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم ڪئٿڊريل اسڪول مان حاصل ڪئي. جڏهن نواب احمد خان جيڪو سندس رشتي ۾ چاچو ٿئي. سندس اُٺي ويهڻي کيس پسند آئي. سر شاهنواز ڀٽو کي چيائين ته اهو منهنجو ناٺي ٿيندو. هن پنهنجي ڌيءَ امير بيگم عرف شيرين ڀٽو کيس ڏيڻي ڪئي. 1947ع ۾ ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ بعد هارورڊ يونيورسٽي آف سائوٿرن ڪيليفورنيا امريڪا مان 1949ع ۾ يونيورسٽي آف برڪلي جي ڪئمپس ۾ داخل ڪيو ويو. ذوالفقار علي ڀٽو ايشيائي پهريون شاگرد هو جنهن برڪلي اسٽوڊنٽس ڪائونسل جي چونڊ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. 1950ع ڌاري پوليٽيڪل سائنس ۾ آنرز ڪري پوسٽ گريجوئيشن ڪئي. جون 1953ع ۾ سنڌ مسلم لا ڪاليج ۾ بين الاقوامي قانون جو استاد مقرر ٿيو ۽ اولهہ پاڪستان هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت شروع ڪئي.

ذوالفقار علي ڀٽو 1940ع ۾ امير بيگم شيرين ڀٽو سان شادي ٿي. ذوالفقار علي ڀٽو ون يونٽ خلاف هو. هن 1956ع ۾ هڪ وحداني رياست يا وفاق هڪ ڪتاب لکيو. 08 سيپٽمبر 1951ع تي اصفهاني خاندان جي بيگم نصرت ڀٽو سان سندس شادي خانہ آبادي ٿي. 1952ع ڌاري بينظير ڀٽو 1953ع ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو، 1954ع ۾ صنم ڀٽو ۽ 1958ع ڌاري شاهنواز ڀٽو جونيئر جنم ورتو.

ذاولفقار علي ڀٽو پنهنجي هڪ بزرگ علي محمد ڀٽو کان لاهور ۾ ملاقاتن دوران تاريخ، قانون، اسيمبلي جي ڪاروائي بابت ڄاڻ حاصل



www.bhutto.org

ڪئي ۽ سندس ان تي مڪمل دسترس حاصل ٿي ويئي.

ڀٽو صاحب برک هاري اڳواڻ ڪامريڊ حيدر بخش جتوئي خلاف قائم ڪيل ڪيس جي پيروي ڪئي.

ذوالفقار علي ڀٽو تمام ننڍي ڄمار ۾ 29 سالن ۾ اسڪندر مرزا جي وزارت ۾ وفاقي وزير مقرر ڪيو ويو. کيس صنعت پيداوار ۽ قدرتي وسيلن واري وزارت حوالي ڪئي ويئي.

کيس وفاقي سيڪريٽرين التوا ۾ پيل ڪيس ۽ فائيل سندس حوالي ڪيا. ذوالفقار علي ڀٽو انهن فائيلن تي نوٽ هنيو تہ هلنڊڙ رولس هيٺ انهن تي غور ڪري ٻيهر مون ڏانهن واپس ريمارڪس سان فائيل پيش ڪيا وڃن. پندرهن منٽن اندر فائيل واپس سيڪريٽرين کي موٽائي ڏنائين.

وفاقي سيڪريٽرين جو ڀٽو کي مرعوب ڪرڻ وارو حربو ناڪام ٿي ويو. ڀٽو صاحب جو معمول هوندو هو تہ پنهنجي آفيس ۾ 00_8 وڳي پهچي ويندو هو. 15 سيپٽمبر 1957ع ۾ ڪين گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي وفد جو ميمبر ٺاهيو ويو.

ذوالفقار علي ڀٽو کي 1957ع ڌاري گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪرڻ جي لاءِ ڪشمير جي مسئلي تي پاڪستان جي حق ۾ تقرير ڪئي.

جڏهن فيلڊ مارشل محمد ايوب خان 1958ع ڌاري صدر جي واڳ سنڀالي تہ ڀٽو صاحب کي پرڏيهي وزارت حوالي ڪئي وئي. ذوالفقار علي ڀٽو روس سان تيل ۽ گئس جي ڳولها جي لاءِ ٺاهہ ڪيا.

ذوالفقار علي ڀٽو پرڏيهي پاليسي ۾ وڏو انقلاب آندو. پاڪستان کي عوامي جمهوريا چين جي ويجهو آندو. اسلامي ملڪن سان تمام ويجها تعلقات قائم ڪيا ويا. آمريڪا جي صدر کان علاوه فرانس جو صدر ديگال ڀٽو صاحب کي وڏو مان مرتبو ڏيڻ لڳا. جڏهن 1965ع ۾ پاڪ ڀارت ويڙهہ کان پوءِ روس ۾ تاشقند ٺاهہ ڪيو ويو تہ ذوالفقار علي ڀٽو جا ايوب خان سان اختلاف ٿي پيا. ڀٽو صاحب 1966ع ڌاري حڪومت ڇڏي نومبر 1967ع ڌاري لاهور ۾ پيپلز پارٽي جو بنياد وڌو. "اسلام اسان جو دين آهي. سوشلزم اسان جي معيشيت آهي. جمهوريت اسان جي سياست آهي ۽ طاقت جو سرچشمو عوام آهي." جو پروگرام کڻي ميدان ۾ آيو.



www.bhutto.org

مهل جي والد علي محمد ڀٽو کان نوجوان ذوالفقار علي ڀٽو پڇيو ته
ڇا مان اسيمبلي چونڊ وڙهي پوءِ وزارت ماڻيان ته بابا وراڻيو ته اڳ عوام جي خدمت ڪري پنهنجي حلقي جي تڪ جي عوام ۾ مقبوليت ماڻي پوءِ چونڊ وڙهه. جنهن تي ڀٽو صاحب عمل ڪيو. 28 آڪٽوبر 1957ع ۾ واپار وارو وفاقي وزير. 1960ع ۾ اقليتي معاملن ۽ بعد ۾ اپريل ۾ بجلي، قدرتي وسيلن ۽ ڪشمير بابت کاتا ڏنا ويا. 27 سيپٽمبر 1960ع ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي ۾ خطاب ڪيائين. ڊسمبر 1960ع ۾ روس جو دورو ڪري تيل کوجڻ بابت ٺاهه ڪيائين. مارچ 1962ع ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. 13 جون 1962ع تي نئين آئين هيٺ وزير مقرر ڪيا ويا.

ڊسمبر 1962ع ۾ ڀارت سان پاڪستان طرفان ڳالهين ۾ شريڪ ٿيو. 23 فيبروري 1963ع تي پاڪستان جو پرڏيهي وزير مقرر ڪيو ويو. 26 مارچ 1963ع تي چين سان سرحدي ٺاهه ڪيو. 27 جولاءِ 1963ع تي ايران سان سرحدي ٺاهه ڪيائين. ڀٽو صاحب پهرين سيپٽمبر 1963ع تي گڏيل قومن جي ٽيڪنڊڙ اجلاس ۾ وفد جي سرواڻي ڪئي. 1964ع ۾ سلامتي ڪائونسل ۾ ڪشمير جي مسئلي تي اجلاس ۾ وفد جي قيادت ڪئي. اپريل 1964ع ۾ ٻي افرو ايشيائي ڪانفرنس جڪارتا ۾ وفد جي نمائندگي ڪيائين. ڀٽو صاحب استنبول ۾ ايران ترڪي ۽ پاڪستان وچ ۾ اقتصادي، تعليمي ۽ ثقافتي رابطن بابت آر سي ڊي ٺاهه ڪرايو. 27 جون 1964ع تي دولت مشترڪه جي پرڏيهي وزيرن جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي. 31 جولاءِ 1965ع تي ميثاق استنبول جو اعلان ڪيو. سيپٽمبر 1965ع ۾ ڀٽو صاحب سلامتي ڪائونسل جي اجلاس ۾ ڀارت جي جارحيت خلاف تاريخ ساز تقرير ڪئي. چيو ته ڪشمير لاءِ هزارين سالن تائين ويڙهه ڪبي.

ذوالفقار علي ڀٽو 27 جون 1964ع تي اعزاز ”هلال پاڪستان“ ملڪ جي خدمت جي اعتراف طور ڏنو ويو. ايران طرفان ”نشان همايون“ ۽ انڊونيشيا طرفان ”آرڊر آف ريپبلڪ“ اعزاز ڏنو ويو.

ڀٽو صاحب تاشقند ٺاهه کان پوءِ 20 جنوري 1966ع تي پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي پنهنجي وطن پرست هجڻ جو ثبوت ڏنائين. راولپنڊي کان لاهور ريل جي سفر دوران هن تقرير ڪئي ته هن جا ڳوڙها وهي ويا. اهو آلو رومال ان وقت سندس چاهيندڙن ٻن هزارن ۾ خريد ڪري



www.bhutto.org

ورتو. 24 مئي 1966ع تي ڀٽو صاحب کي سنڌ يونيورسٽيءَ طرفان ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏني وئي. ڀٽو صاحب آگسٽ 1966ع کان آڪٽوبر 1966ع تائين پرڏيهي دوري تي هليو ويو. هن جا برطانيہ جي عالمي مدبر لارڊ برٽن رسل سان سٺا تعلقات هئا ۽ اهو سندس صلاحيتن جو وڏو مداح هو. ڀٽو صاحب ڳوٺ محمد حسين ٺوڙها ضلعي حيدرآباد ۾ شير سنڌ مير رسول بخش خان ٽالپر جي سئوٽ مير محمد بخش ٽالپر جي ڳوٺ ۾ پارٽي ناهڻ جي لاءِ اجلاس ڪوٺايو.

16 جولائي 1967ع تي مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جي رهائشگاهہ هالا نوان ۾ پارٽي جو ملڪي سطح تي قائم ڪرڻ بابت فيصلو ڪيو ويو.

30 نومبر 1967ع تي ڊاڪٽر مبشر حسن جي رهائشگاهہ تي لاهور ۾ پيپلزپارٽي قائم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو. 16 جنوري تي ملتان ۾، 18 نومبر 1968ع تي صادق آباد ۽ سانگهڙ ۾ قاتلانہ حملا ڪرايا ويا. سيپٽمبر 1968 تي صدر ايوب خلاف تحريڪ هلائڻ جي اعلان بعد 12 نومبر 1968ع تي گرفتار ڪري 13 فيبروري 1969ع تي آزاد ڪيو ويو. جڏهن تہ 25 مارچ 1969ع تي ايوب خان حڪومت ڇڏي ڏني. 17 ڊسمبر 1970ع تي عام چونڊن بعد اوڀر پاڪستان ۾ شيخ مجيب الرحمان اولهہ پاڪستان ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي پيپلز پارٽي وڏي اڪثريت سان ڪامياب ٿي.

20 ڊسمبر 1971ع تي ذوالفقار علي ڀٽو کي صدر ۽ چيف مارشل لا ايڊمنسٽريٽر مقرر ڪيو ويو. 19 اپريل 1973ع تي ملڪ کي نئون آئين ڏنو ويو. 14 آگسٽ 1973ع تي ڀٽو صاحب وزيراعظم جي حيثيت ۾ حلف کنيو. ڀٽو صاحب جولائي 1973ع تي شملا ناهہ ڪري 93 هزار جنگي قيدي ۽ پنهنجا قبضي هيٺ آيل علائقا خالي ڪرائي ورتا.

ڀٽو صاحب 10 فيبروري 1972ع تي پورهيتن بابت سڌارا، 14 مارچ تي تعليمي سڌارا ۽ صحب بابت پاليسي، 17 اپريل تي زرعي ۽ پوليس سڌارا آندا. 02 جنوري 1974ع تي قومي بئنڪن کي قومي تحويل ۾ ورتو ويو. 20 سيپٽمبر 1976ع تي زرعي سڌارن هيٺ 30 لک زمين مفت هارين ۾ ورهائي وئي. هنزه، گلگت مان جاگيرداري سرشتي جو خاتمو آندو. سرداري نظام جو پڻ خاتمو آندو. 19 مارچ تي ويمي ڪنڌڙ ڪمپنين کي قومي تحويل ۾ وٺي اسٽيٽ لائيف انشورنس ڪارپوريشن آف پاڪستان



www.bhutto.org

ٿاهي. پاڪستان اسٽيل مل ۽ پورٽ قاسم قائم ڪئي وئي. 24 فيبروري 1974ع تي اسلامي سربراهي ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. 17 مارچ 1976ع تي فرانس سان ايٽمي ري پروسيسنگ پلانٽ جي لاءِ ٺاهه ڪيائين.

ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ ۾ اعشاريا سرشتو جاري ڪري ميل جي جاءِ تي ڪلوميٽر، سير جي جاءِ تي ڪلوگرام وارو سرشتو لاڳو ڪيو.

قائداعظم يونيورسٽي، پيپلز اوپن يونيورسٽي، زرعي ڪاليج ٽنڊو ڄام کي يونيورسٽي، سنڌ انجنيئرنگ ڪاليج کي مهراڻ يونيورسٽي، شاهه لطيف يونيورسٽي ڪئمپس خيرپور ۾ لاڙڪاڻي، ڪراچيءَ ۽ نوابشاهه ۾ ميڊيڪل ڪاليج قائم ڪيا. پي ٽي وي جو رنگين ۽ رنگين فلمن جو دور شروع ٿيو.

مارچ 1977ع ۾ عام چونڊن بعد مٿس ڌانڌلي جو الزام هڻي جنرل ضياءالحق 05 جولائي تي تختو اونڌو ڪري، کيس جيل ۾ وڌو. 28 جولائي 1977ع تي آزاد ڪيو ويو. 03 سيپٽمبر 1977ع تي ٻيهر گرفتار ڪري 13 سيپٽمبر تي ضمانت ٿيڻ جي باوجود 16 سيپٽمبر 1977ع تي المرتضيٰ هائوس لاڙڪاڻي مان گرفتار ڪري، نواب احمد خان قصوري جي قتل ڪيس ۾ ٽڪڙو ڪيس هلائي 18 مارچ 1978ع تي پنجاب هاءِ ڪورٽ، لاهور سزاءِ موت ٻڌائي. 24 فيبروري 1979ع تي سپريم ڪورٽ اپيل رد ڪري موت جي سزا بحال رکي. 04 اپريل 1979ع تي کين ڪوٽ لکپت ۾ شهيد ڪيو ويو. شهيد ڀٽي چيو هو تہ:

”مان تاريخ آهيان، مون تاريخ کي ٺاهيو آهي. تاريخ مون کي نہ ٺاهيو آهي. مان پنهنجي موت جي پرواني تي پاڻ صحيح ڪري تاريخ کي ابدي زندگي بخشي آهي. توڙي جو موت زندگي کي مات ڏني، مون کي اوهان کان ڏاڍو ڏور موت وٺي ويو آهي. پر مان موت کي مات ڏئي ڇڏي آهي. پر توهان جي دلين جي ڌڙڪنن مون کي امر ڪري ڇڏيو آهي.“



www.bhutto.org

# محترمہ شهيد بينظير ڀٽو

محترمہ بينظير ڀٽو 21 جون 1953ع تي ڪراچي ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي گهر ۾ 70 ڪلفٽن ڪراچيءَ ۾ جنم ورتو. بينظير ڀٽو ابتدائي تعليم ليڊي بينگر نرسري اسڪول ڪراچي ۽ ڪئنٽونمينٽ آف جوزرالينڊ ميري اسڪول ڪراچي ۽ ڪائونٽ اسڪول، پريزنيشن اسڪول جي راولپنڊي ۾ پڙهڻ بعد ڪائونٽ اسڪول ڪوهہ مري جي اسڪول ۾ پڙهڻ ۽ 15 سالن جي ڄمار ۾ او ليول جو امتحان پاس ڪرڻ بعد ڪراچي ۾ اي ليول جو امتحان پاس ڪيو. محترمہ بينظير ڀٽو نيٽ بال ۽ اسڪوائش راند کيڏندي هئي. جنهن بعد محترمہ بينظير ڀٽو آمريڪا ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪئي. 1969ع کان 1973ع تائين ايڊڪلف ڪاليج ۽ هارورڊ يونيورسٽي ۾ بي اي سطح جي ڊگري حاصل ڪئي. جڏهن تہ 1973ع کان 1977ع تائين ليڊي مارگريٽ آڪسفورڊ ۾ سياست، اقتصاديات ۽ فلسفي جي تعليم حاصل ڪئي. جڏهن تہ هن بين الاقوامي قانون ۽ ڊپلوميسي جي حوالي سان ڪورس آڪسفورڊ يونيورسٽي مان مڪمل ڪيو. ان دوران 1976ع ڌاري آڪسفورڊ يونيورسٽي جي شاگرد يونين جي صدر چونڊي وئي. اها پهرين ايشيا جي شاگردن جي عورت سربراهہ هئي. 1973ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو 90 هزار پاڪستانين کي، جيڪي بنگال ۾ ويڙهہ دوران قيد ڪيا ويا هئا، انهن جي سارسنڀال ڪئي.

ڪجهہ عرصو 1977ع ڌاري پرڏيهي کاتي ۾ ملازمت بہ اختيار ڪيائين. کيس صحافي ٿيڻ جو شوق هو. پنهنجي والد بزرگوار ذوالفقار علي ڀٽو سان ڀارت سان شملا ٺاهہ تي صحيح ٿيڻ وقت ڀارت جي وزيراعظم اندرا گانڌي سان پڻ ملاقات ڪئي هئي.

ذوالفقار علي ڀٽو جي اقتدار تان لهڻ بعد محترمہ ڪجهہ عرصو جيل ۾ رهي، جنهن بعد پنهنجي والده جي بيماري سبب سندس علاج ڪرائڻ لاءِ پرڏيهہ 1984ع ۾ برطانيہ هلي وئي. جڏهن 1986ع تي جڏهن لاهور واپس آئي تہ سندس زبردست آجيان ڪئي وئي. ڏهہ لک ماڻهن سندس استقبال ڪيو.

18 ڊسمبر 1988ع تي ڪڪري گرائونڊ ۾ سندس شادي حاڪم علي زرداري سان ٿي. جنهن مان کيس هڪ پٽ بلاول ۽ بہ نياڻيون بختاور ۽ آصفہ جنم ورتو آهي.

محترمہ بينظير ڀٽو 02 ڊسمبر 1988ع تي چونڊن ۾ ڪاميابي ماڻڻ



www.bhutto.org

بعد وزيراعظم جو حلف کنيو. ان وقت سندس عمر 35 سال هئي. 05 آگسٽ 1990ع تي سندس حڪومت ختم ڪئي وئي.

1993ع تي چونڊ بعد کيس ٻيهر پاڪستان جو وزيراعظم چونڊيو ويو. اها حڪومت سيپٽمبر 1996ع ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو جي قتل بعد بدعنواني جي الزام هيٺ ختم ڪئي وئي. محترمه بينظير ڀٽو ڪورٽ کان اجازت وٺڻ بعد 1998ع ۾ پرڏيهه هلي وئي. محترمه بينظير ڀٽو 16ڪلاڪن کان وڌيڪ ڪلاڪ وزيراعظم طور عوام جي فلاح جي ڪم ۾ مصروف هوندي هئي. محترمه بينظير ڀٽو پاڪستان جي ايٽمي ٽيڪنالاجي ۽ ميزائيل ٽِڪنالاجي کي عملي طور تي طاقتور بڻايو. جنهن سبب پاڪستان جي سلامتي کي آڏو رکندي ميزائيل ٽيڪنالاجي حاصل ڪري پاڪستان جو ڪنڌ مٿي ڪري ڇڏيو. فيبروري 1989ع ۾ ميزائيل ٽيڪنالاجي کي وڌيڪ فعال ناهڻ جي تاڪيد ڪئي. خانپور پنجاب ويجهو چين سان ناهه ڪري ميزائيل ٽيڪنالاجي ذريعي ائٽم بم کڻي وڃڻ جي سگهه پيدا ڪئي. جيڪو 500 ڪلوميٽرن تائين دشمن جي رينج تائين پهچي سگهي ٿو. اڄ پاڪستان ان رينج وڌائڻ جي صلاحيت پيدا ڪري چڪو آهي. جنهن ڪري ملڪ جا ويري محترمه بينظير ڀٽو جا دشمن بڻجي ويا. هن بهادر نياڻي انهن قومن سان مهاڏو اٽڪايو ۽ پنهنجي جان جي پرواهه نه ڪندي وطن تان قربان ٿي وئي. جتان 18 آڪٽوبر 2007ع تي واپس پاڪستان آئي. ان دوران 18 آڪٽوبر 2007ع تي 30 لک ماڻهن سندس ڪراچي ۾ استقبال ڪيو ۽ ان دوران آپگهاتي حملو ڪري کيس مارڻ جي سازش ڪئي وئي، جنهن دوران 140 ماڻهو شهيد ۽ 450 ماڻهو زخمي ٿيا.

27 ڊسمبر 2007ع تي کيس لياقت باغ ۾ گولي هڻي شهيد ڪيو ويو. کيس ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جي پرسان سپرد خاڪ ڪيو ويو.

بينظير ڀٽو 1988ع تي ريڊ ڪلف ڪاليج طرفان اعليٰ ايوارڊ، 1989ع ۾ مراڪش جو سپ کان اعليٰ ايوارڊ، فرانس جو اعليٰ ايوارڊ، 1995ع ۾ لاس اينجلس، فنجي، ڪيليفورنيا يونيورسٽي طرفان ميڊل، 1996ع ۾ بوسينا جي صدر طرفان گولڊ ميڊل، بوسينا جي ماڻهن کي امداد فراهم ڪرڻ تي. 1989ع ۾ هارورڊ يونيورسٽي طرفان اعزازي ڊگري، 1995ع ۾ گاڪوشون يونيورسٽي ٽوڪيو طرفان اقتصاديات جي اعليٰ ڊگري، 2008ع ۾ گڏيل قومن جي انساني حقن جو اعليٰ ايوارڊ سندس شهادت بعد سندس پٽ بلاول ڀٽو زرداري کي ڏنو ويو.



www.bhutto.org

تحرير: لطافت علي مهر

# شهيد راڻي بينظير ڀٽو

ذڪرُ ايشيا جي عظيم دانشور، دور انديش سياستدان، مدبر ۽ مذهبي اسڪالر مولانا ابوالڪلام آزاد مرحوم ”رباعيات سرمد“ جو ديباچو لکندي سوال اٿاريو تہ جن اکين ڪڏهن ڪنهن جي انتظار ۾ اوجاڳو نہ ڪيو هوندو تن کي حق جو جلوو ڪيئن نظر ايندو؟ يعني عشق جي روشني کان سواءِ حقيقت جي راهہ نظر نٿي اچي سگهي، ان نسبت سان عشق کي صريحاً افضليت حاصل آهي. عشق الله تعاليٰ جي عنايت آهي.

ڌرتي سان عشق ۽ پنهنجي مظلوم ماروئڙن، جهانگيئڙن سان عشق ۽ ان جي انتها ۾ پنهنجي مظلوم عوام جي حقن جي بحالي لاءِ ويڙهہ وڙهندي پنهنجي قيمتي جاني قربان ڪرڻ هڪ وڏي ڪميٽمينٽ ۽ آدرش آهي. ايشيا جي تاريخ ”سرمد شهيد“، ”منصور الحلاج“ ۽ ”صوفي شاهہ عنايت شهيد“ ۽ ٻين انسان دوست رهبرن ۽ رهنمائن جي ”عوامي عشق“ سان ڀري پئي آهي انهن عاشقن جو عشق بہ لازوال آهي جو صديون گذرڻ بعد بہ سندن عشق جا پانڌيئڙا ۽ عقيدت مند سندن مقبرن ۽ مزارن تي سلام پڙهندي عقيدت جا گل ۽ موتي پيا وکيرين. ”اها عوامي عشق“ جي ڪشش، سچائي ۽ چاهت آهي جو اهو عشق صديون گذرڻ بعد بہ پنهنجي پوئلڳن کي نٿو وساري! ”عشق“محبت جو اوچو درجو آهي، هن مقام تي پهچي ”عاشق“ پنهنجي جان جي پرواهہ بہ نٿو ڪري.

سوري آهہ سينگار، اصل عاشقن جو
مڙڻ موٽڻ ميهڻو تيا نظاري نروار
ڪسڻ جو قرار، اصل عاشقن کي (سر ڪلياڻ)

قدرت جا فيصلا ڏسو جن ”سرمد شهيد“، ”منصور الحلاج“ ۽ ”صوفي شاهہ عنايت شهيد“ کي شهيد ڪرايو سي ڪيڏانهن غائب ٿي ويا؟ تاريخ ۾ سندن ڪٿي ڪوبہ ذڪر نہ بچيو آهي ۽ نہ وري قاتلن کي قدرت قبر لاءِ ڪا ڪنڊ ڏياري پر شهيدن جي مقبرن ۽ مزارن تي صدين کان جڳ پيا ڍرن:

ڪنور پاڙون پاتار ۾ رازق سندي راس
تنهن عشق کي شاباس جنهن محبتي ميڙيا.



www.bhutto.org

تاريخ جي هڪ اهڙي ئي امر ڪردار 21 جون 1953ع تي ڪراچي ۾ جنم ورتو. سنڌ جي باوقار شهزادي، شمع آزادي جي جا نثار پروانن جي روح روان، ملڪ ۾ حقيقي جمهوريت ۽ آزادي جي علمبردار عظيم سورمي، سرويچ انقلابڻ مظلوم ۽ محڪوم عوام جي دردن، آهُن، اهنجن ۽ پيڙائن جي ترجمان ۽ وقت جي جابر، آمر، ظالم ۽ غاصب حڪمرانن جي ڏاڍ ۽ دهشت کي للڪاريندڙ ۽ سندن مروج ڪيل ڏاڍ ۽ دهشت ڀري خوني نظام کي عوامي سيلاب ذريعي ساڙي ڀسم ڪندڙ شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جهڙي طرح عوام ۽ وطن جي ويرين سان وڙهندي ساهه ڏيئي سرهي ٿي، ان جو مثال تاريخ ۾ ملڻ ڏاڍو مشڪل آهي.

شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو غيرت، جرئت، ڏاهپ ۽ فهم و فراست ۾ مهارت رکندڙ دور انديش مردم شناس خاتون هئي ۽ کيس عوام سان بي پناهه محبت هئي. سنڌ جي ڀٽي خاندان جي قربانيون کان پوري دنيا واقف آهي. جنهن خاندان عوام سان "عشق" خاطر ۽ جمهوريت جي بحالي لاءِ جانين جو نذرانو ڏيئي تاريخ ۾ امر ڪردار ادا ڪري نئين تاريخ رقم ڪئي آهي.

شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي سياسي تربيت سندس والد شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي ڇانو ۾ ٿي، شهيد ڀٽي جي دور انديش نگاهن اهو ڇاڻي ورتو هو ته بينظير اڳتي هلي عالمي سطح جي ليڊر بڻبي. ان ڪري هن پنهنجي پياري ڌيءَ کي مغرب جي اعليٰ تعليمي ادارن ۽ يونيورسٽيز ۾ تعليم ڏياري سياست جي رموزن کان آگاهي ڏيارڻ لاءِ پرڏيهي دورن ۾ پاڻ سان گڏ وٺي ويندو رهيو. منجهس حد درجي جي ذهانت ۽ قابليت موجود هئي، جنهن سبب هن 1976ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي لنڊن مان سياسيات فلسفي ۽ اقتصاديات جا اعليٰ امتحان پاس ڪري امتيازي ڊگريون حاصل ڪيون.

آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ پڙهائي دوران پڻ شاگردن جي يونين جي پهرين غير ملڪي شاگرد صدر چونڊي ويئي. آڪسفورڊ ۾ تعليم دوران شهيد ڀٽي کيس هڪ خط ۾ حب الوطني ۽ ماروئڙن سان وفادار رهڻ لاءِ تاڪيد ڪندي چيو ته: ياد رک! "تنهنجي زندگي ۾ ڇا به ٿئي، تون آخر پنهنجي وطن پاڪستان ئي موٽنديئن." تنهنجي جاءِ هتي آهي، تنهنجون پاڙون هتي آهن. لاڙڪاڻي جي مٽي ۽ گرمي تنهنجي هڏن ۾ سمايل آهي ۽



www.bhutto.org

اتي ٿي تون مٿي ٻئجي مٿيءَ سان ملي ويندين. انهيءَ ڪري منهنجي پياري ڌيءَ! پنهنجي ويڙهيچن سان وفا جو وچن هميشہ ياد رکجانءِ."

هن شهيد بابا سان ڪيل وچن نہ رڳو ياد رکيو پر پاڻ وفا جو علم سدائين اوچي رکندي آئي. شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ سورن جي ستايل ۽ ڏکويل ماڻهن جا ڏک دور ڪرڻ جو عزم ۽ ارادو ڪيو. پنهنجي علمي ڏاهپ کي قوم جي امانت سمجهي ماڻهن جي رهبري ۽ رهنمائي لاءِ استعمال ڪيو ۽ سياست جهڙي اڙانگي سفر ۾ ڪنڊن ڀرئي رستي جي چونڊ ڪئي.

وطن کان دور ۾ ساڍيهہ جي سڪ کيس پنهنجي ماروئڙن ڏانهن موٽڻ جي چڪ ڏياري ۽ جڏهن وطن ورڻ جو اعلان ڪيو تہ مارن جا مک خوشيءَ وچان ٻهڪي پيا تہ سنڌ جي شهزادي اچي رهي آهي.

انهيءَ فيصلي تي ضياء حڪومت کي سخت لوڏو آيو ۽ عوامي دٻاءُ جي نتيجي ۾ فوجي حڪومت 30 ڊسمبر 1985ع تي ملڪ مان مارشل لا ختم ڪئي ۽ 10 اپريل 1986ع تي شهيد راڻي پاڪستان موٽي آئي ۽ پارٽي قيادت جي فيصلي مطابق هو لاهور جي هوائي اڏي تي لٿي، جتي لکين ماڻهن پنهنجي محبوب قائد ۽ دلين جي راڻي جو پروانن جيان تاريخي استقبال ڪيو. لاهور شهر ۾ لهڻ سان ئي مٿس بزدلاڻي حملي جي ڪوشش ڪئي ويئي، پر هن همت نہ هاري.

هوءَ ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ عوام وٽ ويئي هن عوام سان رابطا بحال ڪيا. پاڪستان پيپلز پارٽي Re_organize ڪندي، نئين سر تنظيم سازي ڪئي ۽ پارٽي تي نظر رکندي غير فعال ۽ سينيارٽي جي بنياد تي پارٽي کي نقصان رسائيندڙ اڳواڻ، ڪارڪنن غير ذميدارن کي گهر ويهڙو ڪيو ۽ پارٽي کي بچائڻ جون ڪوششون تيز ڪندي ڊائريڪٽ عوام سان رابطا وڌائي ڇڏيا. جنهن سبب عوام ۾ مقبوليت وڌندي ويئي ۽ عوام سان محبت، چاهت ۽ مقبوليت جو گراف وڌندو ڏسي آمر حڪمرانن جون ننڊون ڦٽي ويون ۽ محترمہ جي گرفتاري لاءِ سازشون سٽڻ لڳا ۽ 1986ع شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ کي گرفتار ڪيو ويو جنهن تي عوام سخت ردعمل ڏيکاريو ۽ عوامي ڪاوڙ احتجاج اقتدار ڌڻين کي محترمہ کي آزاد ڪرڻ تي مجبور ڪري وڌو.



www.bhutto.org

17 آگسٽ 1988ع تي جنرل ضياء الحق هڪ فضائي حادثي ۾ مارجي ويو ۽ ان وقت جي قائم مقام صدر اسحاق خان چونڊون ڪرايون، اهي چونڊون نومبر 1988ع ۾ ٿيون. جنهن ۾ محترمہ بينظير ڀٽو جي بي پناهہ مقبوليت سبب پيپلز پارٽي 93 سيٽون ڪاميابي سان حاصل ڪيون. اهڙي طرح صدر پاڪستان غلام اسحاق خان شهيد راڻي کي بطور وزيراعظم پاڪستان نامزد ڪيو.

02 ڊسمبر 1988ع تي تاريخ عالم ۽ تاريخ پاڪستان ۾ هڪ نئين باب جو اضافو ٿيو شهيد راڻي پاڪستان جي يارهين ۽ اسلامي دنيا جي پهرين خاتون وزيراعظم جي حيثيت سان حلف کنيو.

1993ع جي عام چونڊن ۾ هڪ دفعو ٻيهر پيپلز پارٽي کي ڪاميابي حاصل ٿي ۽ شهيد راڻي ٻيهر پيپلز پارٽي جي حڪومت ٺاهي وزيراعظم ٿي ۽ عوامي خدمت کي پنهنجي مقصد بڻائيندي ڪافي انتظامي اصلاحات ۽ روزگار جا موقعا فراهم ڪيا پر پاڪستاني سياست جو رنگ ۽ ماحول سازگار ثابت نہ ٿيو ۽ دفعي ڪنهن ٻئي نہ پر سندس ئي پارٽي جي بااعتماد ساٿي ۽ صدر فاروق احمد لغاري اسٽبلشمينٽ جي چرچ تي ڪيس برطرف ڪري ڇڏيو.

1993ع ۾ ميجر جنرل ظهيرالاسلام عباسي، برگيڊيئر مستنصر بلا ۽ قاري سيف الاسلام جي قيادت ۾ محترمہ بينظير جي حڪومت جو تختو اونڌو ڪرڻ جي سازش ڪئي ويئي پر خوش قسمتي سان اها سازش وقت کان اڳ پڪڙجي ويئي ۽ سازش ۾ ملوث 36 فوجي ۽ 20 سويلين گرفتار ٿيا پر تنهن هوندي بہ پيپلز پارٽي حڪومت خلاف سازشون جاري رهيون ۽ 20 سيپٽمبر 1996ع ۾ شهيد راڻي جي حڪومت ۾ ئي سندس ڀاءُ ۽ ذوالفقار علي ڀٽي جي ڀڳدار پٽ مير مرتضيٰ ڀٽو کي هڪ جعلي پوليس مقابلي ۾ سندس ئي گهر اڳيان شهيد ڪرايو ويو. انهيءَ ڏک صدمي ۾ هو سخت ذهني پيڙا جو شڪار ٿي ويئي.

مرتضيٰ ڀٽو جي شهادت جي موقعي تي ماڻهن ڪيس ضياء الدين اسپتال مئو ۽ پيرين اگهاڙو بد حواسي ۾ ملڪ جي چونڊيل وزيراعظم کي ڊوڙندي ڏٺو. ان وقت سندس اکين مان لڙڪن جو هڪ سمنڊ اُٿلي آيو.



www.bhutto.org

شهيد راڻي 15 آگسٽ 2007ع تي نيويارڪ جي ڪائونسل فار فارين رليشنز (Council for Foreign Relations) کي اهم خطاب ڪندي چيو تہ منهنجو ملڪ پاڪستان هڪ دفعو ٻيهر بحرانن جي ور چڙهي ويو آهي ۽ اهي بحران نہ صرف منهنجي ملڪ ۽ قوم لاءِ هاڃيڪار آهن، پر ان جا پوري دنيا تي انتهائي خوفناڪ اثر پوندا. انهن بحرانن اڄ کان اڌ صدي اڳ ان وقت ڪر کنيو هو جڏهن 1958ع ۾ فوج جو پهريون ڀيرو اقتدار تي سڌو سنئون قابض ٿي ملڪ مٿان چار فوجي حڪومتون رهيون. جن 30 سالن کان وڌيڪ عرصو ملڪ جي اقتدار تي قبضو جاري رکيو ۽ جمهوري حڪومتون ملڪ ۾ چند سالن تائين حڪومتون ڪري سگهيون. آئون دعويٰ سان چوان ٿي تہ اسان جي ملڪ ۾ جمهوريت کي اُسرڻ ۽ وڌيڪ وڌڻ ويجهڻ جو موقعو ئي نہ ملي سگهيو آهي.

جيئن تہ مون کي ٻہ دفعا عوام 10 سالن لاءِ وزيراعظم چونڊيو هو پر رڳو 5 سالن کان بہ گهٽ وقت تائين حڪومت ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو. جنهن وقت 1996ع ۾ مون کي اقتدار کان محروم ڪيو ويو ان وقت جي ۽ اڄ جي حالتن ۾ تمام گهڻو فرق آهي. خاص طور اهي ادارا ۽ شعبا گهڻو متاثر ٿيا آهن، جن تي منهنجي حڪومت جي گرفت هئي.

هن وقت القاعده سان تعلق رکندڙ طالبان حامي قوتون ايتريون تہ مضبوط ۽ منظم ٿي چڪيون آهن، جو سرحد جي ٻئي پار افغانستان ۾ نيٽو جي فوج تي حملا ڪري رهيون آهن.

منهنجي ملڪ ۾ جمهوريت تي راتاها هڻڻ ڪري ادارا تباهہ ٿي رهيا آهن. جمهوريت لاءِ سڀ کان اهم سمجهيو ويندڙ ڍانچو ڪمزور ٿيو آهي.

سياسي پارٽين کي دٻاءُ هيٺ رکيو ويو آهي. (اين جي اوز) کي ختم ڪيو ويو آهي. ججن کي معطل ڪيو ويو آهي ۽ سول سوسائٽي دٻاءُ جو شڪار آهي.

جمهوري ڍانچي ۾ هن وقت جيڪا حڪومت آهي، جيڪا 2002ع ۾ ايجنسين جي مدد سان آندي وئي هئي. ان وڌيڪ ڪمزور ڪيو آهي، هن وقت نہ تہ وابستگي جي آزادي آهي نہ چرپر جي آزادي آهي ۽ نہ ئي سياسي ۽ ترقي پسند قوتن کي اظهار جي آزادي آهي. ان ڪري راءِ جي اظهار لاءِ مسجدون ۽ مدرسا وڃي بچيا آهن ۽ انهن تي وري انتها پسند قوتن جو قبضو



www.bhutto.org

آهي. اهو ئي سبب آهي جو اڄ اسان کي مذهبي پارٽيون وڏيڪ سگهاريون نظر اچي رهيون آهن. انتها پسند قوتون وڏيڪ ٿي رهيون آهن ۽ اهي جمهوري قوتن کي هيسائڻ ۾ مصروف عمل آهن. بلڪل ساڳئي طرح اڄ به آمر قوتون عالمي برادري کي ڊيڄارڻ لاءِ مذهبي ڪارڊ استعمال ڪري رهيون آهن.

اسين جمهوريت ۽ جمهوري قوتن جا حامي آهيون. توهان کي فوجي آمريت ۽ جمهوريت مان هڪ کي چونڊ ڪرڻي آهي.

”ملڪ ۾ جمهوريت جي بحالي لاءِ مون وطن واپس ورڻ جو فيصلو ڪيو آهي، آئون هڪ اهڙي جمهوري پاڪستان جي اڳواڻي ڪرڻ چاهيان ٿي جتي فوجي آمريت جو ڪوبه خطرو نه هجي ۽ جتي دهشتگرد قوتن لاءِ ڪابه گنجائش نه هجي.

18 آڪٽوبر 2007ع پاڪستان پهچڻ واري ڏينهن تي شهيد راڻي جو هڪ آرٽيڪل مضمون ”لنڊن ٽائمز“ ۾ ڇپيو جنهن ۾ هن لکيو آئون جڏهن پنهنجي ملڪ وڃي رهي آهيان، تڏهن منهنجي هٿ ۾ هڪ ڪتاب آهي، اهو اسلامي تدرن ۽ اولهه جي وچ ۾ مفاهمت جو مسودو آهي ۽ هڪ اهڙي اسلام جو نسخو آهي، جيڪو اعتدال پسند ۽ جديد آهي. هي نسخو شدت پسندن کي پاسي تي رکي ٿو فوج کي سياست کان ٻاهر پنهنجي بئرڪن ۾ رکي ٿو. هر شهري خاص طور عورتن سان برابريءَ جي بنياد تي ورتاءُ ڪري ٿو ۽ پنهنجا آزاد ۽ شفاف اليڪشن ذريعي نمائندا منتخب ڪرڻ ۾ مدد ڏيئي ٿو. جيڪڏهن پاڪستاني عوام مون کي هڪ ڀيرو ٻيهر حڪومت جو موقعو ڏنو ته مان پوري پاڪستان ۽ هڪ بلين مسلمانن لاءِ مستقبل جو ماڊل ناهيندس.“

وطن ورڻ کان هڪ ڏينهن اڳ 17 آڪٽوبر تي شهيد راڻي پنهنجي ٻارن کان موڪلائيندي دبئي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي اهو اعلان ڪيو ته منهنجي واپسي ڪنهن مفاهمت جو نتيجو ناهي. هن چيف جسٽس افتخار محمد چوڌري جو ذڪر ڪندي چيو ته سندس بحاليءَ لاءِ پ پ وارن وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. هن پريس ڪانفرنس ۾ هن سنڌي ۽ پنجابي وزيراعظم جي فرق کي واضع ڪيو شهيد راڻيءَ چيو ته آئون وطن واپس ضرور وينديس ۽ مون تي ڪوبه مسلمان خودڪش حملو نه ڪندو. اهڙي طرح شهيد راڻي دبئي مان موڪلائي 18 آڪٽوبر جي ڏينهن اٺڪل اٺن سالن

جي جلاوطني ختم ڪرڻ بعد منجهند جو هڪ لڳي 48 منٽن تي ڪراچي ايئرپورٽ پهتي ته لکين ماڻهن سندس تاريخي استقبال ڪيو. جڏهن سندس جلوس شاهراهه فيصل تي ڪارساز وٽ پهتو ته رات جي رهزنن جلوس تي خودڪش حملو ڪري ڏنو. انهيءَ حملي ۾ شهيد راڻي ته بچي ويئي پر سندس 200 به سئو جانثار ساٿي شهيد ٿي ويا.

گهوڙن ۽ گهوٽن جيئڻ ٿورا ڏينهڙا

ڪڏهن منجهه ڪوٽن، ڪڏهن راهي رڻ جا. (شاهه)

شهيد راڻي ٻئي ڏينهن بلاول هائوس ۾ هڪ پرهجوم پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته مون پاڪستان صدر پرويز مشرف کي خط لکي ٽن ڄڻن جا نالا ڏنا آهن، جيڪي مون تي حملي جا ذميوار آهن. هن چيو ته حملن جي باوجود هو ملڪ نه ڇڏيندي ۽ ٻئي ڏينهن هي دلير خاتون ڪراچي جي روڊن ۽ رستن تي نڪري آئي. ڪراچيءَ جي اسپتالن ۾ ڏکويل ماڻهن جي گهرن ۾ پهچي شهيدن جي وارثن سان تعزيت ۽ زخمين جي عيادت ڪندي رهي.

شهيد راڻي جي آخري ڏينهن ۾ ملڪ ۾ خودڪش ڌماڪن ۽ دهشتگردي سبب انارڪي ۽ سياسي بحران پکڙيل هو. هڪ موقعي تي هن چيو ته "جنرل ضياءالحق جي دور ۾ ڪلاشنڪوف ڪلچر عام ٿيو ته جنرل مشرف جي دور ۾ بم ڌماڪن جو سلسلو شروع ٿيو." اهڙي حالت ۾ به هن پٺتي هٽڻ بجاءِ اليڪشن مهم ۽ جلسا تيز ڪري ڇڏيا. هن جون تقريرون رول ماڊل آهن. ٻڌندڙن جو لاشعور جاڳي پوندو آهي.

27 ڊسمبر 2007 تي راولپنڊي جي لياقت باغ ۾ هن شهادت جي منزل ماڻڻ کان ڪجهه گهڙيون اڳ چيو ته "اسان پنهنجي زندگي، پنهنجي آزادي، پنهنجي جواني ۽ پنهنجو ذهني سڪون سڀ جمهوريت لاءِ قربان ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان جي ترقي ۽ عزت لاءِ جان به قربان ڪري سگهان ٿي."

آخرڪار 27 ڊسمبر 2007ع تاريخ ۾ هڪ اهڙو ڏينهن ثابت ٿيو جو سياست جي Galaxy ڪهڪشان هڪ ڪرشماتي ستاري کان محروم ٿي ويئي ۽ هڪ گونجندڙ آواز جي گونج به هميشه لاءِ بند ٿي ويئي.

هرءَ عشق جي امام هئي..........

مصيبت زده، دردن جي ماريلن، ڏتڙيلن ۽ ستايلن جي امامت ڪندڙ هئي.



www.bhutto.org

تحرير: مفتي محمد پريل "بيدار" مگريو

بسم الله الرحمن الرحيم

# شهيد راڻي بينظير ڀٽو

شهيد حق اي راڻي شهيد بينظير ڀٽو تنهنجو الله مانُ وڌايو تو جام شهادت جو پيتو ساري دنيا توکي سارهايو آ
سنڌ هند ۾ نالو اَمرُ ٿيو آ تاج شهادت بَرسَر پيو
تو تي راضي آ ربّ اڪبر ٿيو جنهن شاهي شان ٻڌايو آ
تو قوم کي جو پيغام ڏنو جمهوريت جو آ پيام ڏنو
ماني، ڪپڙي اجهي جو انجام ڏنو تو موت سان پاڻ ملهايو آ رنگ خون شهيدان لائيندو، تنهنجا ڳڻ هر پيو ڳائيندو
ڏني ووٽ ميار هو لاهيندو، هاڻي اهڙو عوام جو رايو آ تنهنجا قاتل ٿيندا خوار سيئي، ٿيا نفرت جا حقدار سيئي، رلي مرندا مَدَ گهر بار سيئي، جن ناحق خون وهايو آ

آ ملڪ سڄو سوڳوار ٿيو ڪري عزم وري بيدار ٿيو
"جيئي ڀٽو" چئي آ تيار ٿيو سرواڻ بلاول آيو آ
بينظير ڀٽو شهيد حق آ، اهو سال شهادت برحق آ
2007 عيسوي "بيدار" نہ ان ۾ ڪو شڪ آ.

هي قادر قلم وهايو آ" .بينظير ڀٽو شهيد حق" ان مان سال وفات 2007ع نڪري ٿو. ماده سال هجري بدرالهديٰ بينظير 1428 هه محسن زمان بينظير 1428 هه همايون قدم بينظير 1428 هه حاڪم مومنان بينظير 1428 هه



www.bhutto.org

تحرير: سائين جي ايم سيد

# سر شاهنواز خان ڀٽو

سر شاهنواز خان ڀٽو 2 مارچ 1888ع تي غلام مرتضيٰ ڀٽو جي گهر ۾ ڳوٺ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو تعلقي رتي ديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. سر شاهنواز خان ڀٽو ابتدائي تعليم ڳوٺ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ حاصل ڪئي. 1896ع ۾ پنهنجي والد جي وفات سبب پڙهائي اڌ ۾ ڇڏي پنهنجي ڳوٺ اچي لاڙڪاڻي ۽ جيڪب آباد ضلعن ۾ واقع پنهنجي آبائي زمين جي سار سنڀال ڪرڻ لڳا. جڏهن ته وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ 12 نومبر 1906ع تي سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي ۽ سينٽ پيٽرڪ هاءِ اسڪول، ڪراچي ۾ انگريزي پڙهيا. جڏهن ته مارچ 1908ع ۾ سندس چاچو وڏيرو الاهي بخش خان ڀٽو جي قتل کان پوءِ ان جي خاندان جي سار سنڀال جو بار مٿس پيو. 22 سالن جي ننڍي عمر ۾ ملڪي معاملن ۾ دلچسپي وٺڻ سبب ضلعي لوڪل بورڊ لاڙڪاڻي جا ميمبر ٿي ويا. 1913ع ۾ پهرين گڏيل سياسي گڏجاڻي ڪوٺائي جنهن ۾ سنڌ جي برک مسلمانن شرڪت ڪئي. عام ماڻهن جي مفادن کي اڏو رکندي لائحه عمل تيار ڪيو ويو. سر شاهنواز ڀٽو جي ذهانت ۽ سماجي حيثيت کي مان مرتبو ڏنو ويو. سر شاهنواز ڀٽو 1919ع ۾ امپيريل ليجسليٽو ڪائونسل جو 31 سالن جي عمر ۾ مقابلو ڪني ڪامياب ٿيو. 1920ع ڌاري ڪيس بمبئي ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو ويو. جنهن تي 1936ع تائين ڪم ڪيائون. 1920ع ڌاري لوڪل بورڊ لاڙڪاڻي جو صدر چونڊيا ويا، جنهن تي 1933ع تائين ڪم ڪيائون. 1920ع کان 1930ع تائين فرسٽ ڪلاس ميجسٽريٽ لاڙڪاڻو مقرر ٿيا. 1924ع ۾ کيس خان بهادر قصر هند طرفان خطاب عطا ڪيا ويو. 1925ع ۾ سي آءِ اي جو لقب عطا ٿيو. 1924ع ۾ بمبئي سرڪار طرفان وزير مقرر ٿيا. 1913ع ۾ پهرين گڏيل سياسي قدم کنيو. عام ماڻهن جي مفادن کي اڏو رکندي جنهن برک مسلمان سياسي اڳواڻن شرڪت ڪئي، گڏجاڻي ۾ سر شاهنواز ڀٽو سندس ذهانت، سماجي حيثيت کي مان مرتبو ڏنو ويو. سر شاهنواز ڀٽو سنڌ کي بمبئي کان ڌار ڪرڻ جي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو. 1920ع ۾ سنڌ محمدن ايسوسيئيشن جا صدر چونڊيا ويا ۽ 1935ع تائين ان عهدي تي ڪم ڪيائون. سنڌ محمدن



www.bhutto.org

ايسوسيئيشن بمبئي کان سنڌ کي جدا ڪرڻ بابت ٺهراءُ پاس ڪيائون. نومبر 1930ع ۾ لنڊن ۾ گول ميز ڪانفرنس دوران حڪومت طرفان ڪيس سنڌ جو نمائندو مقرر ڪيو ويو. برطانيہ سرڪار طرفان لارڊ رسل سنڌ جي سوال تي غور ڪرڻ جي لاءِ ڪاميٽي جا ميمبر مقرر ڪيا ويا. سنڌ مان سر شاهنواز خان ڀٽو ۽ سر غلام حسين هدايت الله ان ڪاميٽي جا ميمبر مقرر ڪيا ويا. ان ڪميٽي جي اجلاس دوران سر شاهنواز ڀٽو سنڌ جي بمبئي کان جدائي بابت پرزور تقرير ڪئي1930 .ع ۾ سنڌ جي بمبئي کان جدائي جي لاءِ سنڌ آزاد جماعت جا صدر چونڊيا ويا. هڪ سال جي لاءِ سنڌ جي گورنر جي صلاحڪار طور پڻ ڪم ڪيائون. 1933ع تائين گورنمينٽ جا بمبئي سرڪار طرفان وزير مقرر ٿيا. سر شاهنواز ڀٽو ڊسٽرڪٽ ڪوآپريٽو بينڪ لاڙڪاڻي جا پڻ چيئرمين چونڊيا ويا. بمبئي ڪائونسل ۾ سنڌ جي مسلمان ميمبرن جا پڻ اڳواڻ چونڊيا ويا. جتي هن 1935ع تائين ڪم ڪيو1934 .ع ڌاري سنڌ پيپلزپارٽي جو اڳواڻ چونڊيو ويو. خان بهادر الهه بخش سومرو سيد ميران محمد شاهہ محمد هاشم گزدر خان بهادر غلام نبي شاهہ ۽ مخدوم غلام حيدر صديقي، سر شاهنواز ڀٽو جي ڌر سان شامل هئا. سر شاهنواز ڀٽو مرڪزي اسيمبلي تي نواب نبي بخش خان ڀٽو جي مدد ڪري ڪيس ووٽ ڏياريا تہ هن سيٺي کان وڏيڪ ڀيريون نمبر تي ووٽ کنيا. 31 آڪٽوبر 1936ع تي سنڌ اتحاد پارٽي جو ليڊر سر عبدالله هارون ۽ ڊپٽي ليڊر سر شاهنواز ڀٽو ۽ سر غلام حسين هدايت الله، ٽيون نمبر ليڊر سيد ميران محمد شاهہ مقرر ڪيا ويا. سر غلام حسين هدايت الله جي بائيڪاٽ کان پوءِ سر شاهنواز خان ڀٽو ۽ حاجي عبدالله هارون ڊپٽي ليڊر طور ڪم ڪرڻ لڳا. سر شاهنواز خان ڀٽو 4 اپريل 1937ع تي پبلڪ سروس ڪميشن جي ميمبر طور تي 1934ع تائين ڪم ڪيو. 1945ع کان1948 ع تائين رياست جهونا ڳڙهہ ۾ ديوان طور ڪم ڪيائون. پر صحت جي خرابي سبب استعيفا ڏنائون. پاڪستان ٺهڻ بعد گوشہ نشيني اختيار ڪيائون. 19 نومبر1957 ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. ڪيس ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

(سائين جي ايم سيد جي ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" تان ورتل)



www.bhutto.org

# بيگم نصرت ڀٽو

بيگم نصرت ڀٽو اصفهاني ايران جي شهر اصفهان ۾ جنم ورتو. هن جي وڏن جو ڪراچي ۾ ڪاروبار هو .ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن لنڊن کان پڙهي ڪراچي ۾ پهتو ۽ هن وڪالت شروع ڪئي تہ هڪ تقريب ۾ هن جي ملاقات بيگم نصرت اصفهاني سان ٿي ۽ هن جو هن سان پيار ٿي ويو ۽ هن پنهنجي ڀيڻ منور بيگم جي ذريعي کيس شادي جي آڇ ڪئي جيڪا هن جي خاندان قبول ڪري ورتي. 5 سيپٽمبر 1951ع تي هن جي شادي ذوالفقار علي ڀٽو سان ٿي. جنهن بعد اها بيگم نصرت ڀٽو مشهور ٿي وئي. اسڪندر مرزا جي گهر ۾ بيگم نصرت ڀٽو جي ماسات ڏنل هئي، جڏهن اسڪندر مرزا پاڪستان جو پهريون صدر مقرر ٿيو تہ هن ذوالفقار علي ڀٽو کي پنهنجي ڪابينا ۾ قدرتي وسيلن جو وزير مقرر ڪيو. جنهن بعد 1958ع ۾ ايوب خان مارشل لا لڳائي تہ ذوالفقار علي ڀٽو وفاقي ڪابينہ ۾ ٻيهر وزير کنيو ويو ۽ کيس وزير اطلاعات ۽ ٻيون وزارتون ڏنيون ويون. آخر ۾ ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جو پرڏيهي وزير مقرر ڪيو ويو .بيگم نصرت ڀٽو 1952ع ۾ بينظير ڀٽو 1953ع ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو 1954ع ۾ صنم ڀٽو ۽ 1957ع ۾ شاهنواز ڀٽو جونيئر جنم ورتو. ذوالفقار علي ڀٽو ايوب خان جي حڪومت کان جدا ٿيڻ بعد 1967ع ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي جو بنياد رکيو ۽ 1970ع جي عام چونڊن ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ کان پوءِ ذوالفقار علي ڀٽو اڳ ۾ صدر ۽ بعد ۾ وزيراعظم طور حلف کنيو. هن 5 سال حڪومت ڪئي. مارچ 1977ع ۾ چونڊن ۾ پيپلزپارٽي ٻيهر ڪاميابي حاصل ڪئي تہ پي اين اي نظام مصطفيٰ جي لاءِ تحريڪ هلائي مٿس ڌانڌلي جا الزام لڳايا ۽ 5 جولائي 1977ع تي جنرل ضياء الحق مارشل لا لڳائي اقتدار



www.bhutto.org

سنڀاليو. ذوالفقار علي ڀٽو کي 4 اپريل 1979ع تي ڦاسي ڏني وئي. نصرت ڀٽو کي جيل ۾ رکيو ويو. ضياء الحق 11 سال حڪومت ڪئي ۽ 17 آگسٽ 1988 ۾ هڪ هوائي حادثي ۾ فوت ٿيڻ بعد چونڊون ڪرايون ويون ته پاڪستان پيپلز پارٽي ڪاميابي ماڻي ۽ بيگم نصرت ڀٽو پارٽي جي تاحيات چيئرمين ٿيڻ بعد سينئر وزير بڻجي وئي ۽ بينظير ڀٽو وزير اعظم بڻجي وئي. پر اها حڪومت 6 آگسٽ 1990ع تي ختم ڪري غلام مصطفيٰ جتوئي کي صدر غلام اسحاق خان نگران وزيراعظم مقرر ڪيو ۽ چونڊون ڪرايون ويون. انهن چونڊن ۾ آءِ جي آءِ ڪاميابي حاصل ڪئي ۽ محمد نواز شريف کي وزيراعظم مقرر ڪيو ويو.



www.bhutto.org

تحرير: ڊاڪٽر ممتاز ڀٽو

# بيگم شيرين امير ڀٽو

امير بيگم شيرين بيگم جيڪا ذوالفقار علي ڀٽو شهيد جي ڀيڻ گهر واري ۽ نواب احمد خان ڀٽو جي نياڻي هئي. وڏي پروقار شخصيت، سهڻي صورت، ڳالهه ٻولهه ۾ ميناج، هميشه سنجيده ۽ شائستگي جو مظاهرو ڪندڙ باوقار عورت هئي. جنهن جي اخلاق سبب عزيز ۽ ملڻ وارا اڄ به کيس ياد ڪري رهيا آهن.

کيس ڪوبه اولاد نه هو. هن پنهنجي عزيز دين محمد ڀٽو جي فرزند (ماروٽ جو پٽ) نديم جي پالنا ڪئي. جڏهن ته هوائي حادثي ۾ بچي ويل مصر جي هڪ ڇوڪري لبنيٰ جنهن جي شادي امتياز ڀٽو (پٽ نيڪ محمد ڀٽو) جيڪو منهنجي سهري جي ڀاءُ جو ننڍي ۾ ننڍو پٽ آهي، کيس پرڻائي ڏني.

جڏهن ته نديم جي شادي مهنجي نياڻي عنبر سان ٿي. ان سلسلي ۾ اسان جي اولڊ ڪئمپس حيدرآباد واري گهر ۾ امير بيگم شيرين بيگم جو گهر اچڻ ٿيندو هو.

اها ڪو وڏيڪ پڙهيل ڪانه هئي، پر خانداني پس منظر اعليٰ هجڻ سبب سياسي سمجهه رکندي هئي. سماجي لاڳاپن کي بهتر طور سمجهندي ۽ محسوس ڪندي هئي. خانبهادر احمد خان ڀٽو جي ڌيءُ جنهن جي ملڪيت دولت جي ساک سڄي اتر سنڌ ۾ هوندي هئي. سندس والد ڪيترين ئي شاديون ڪيون. پر کيس فقط نياڻيون جايون. نرينه اولاد نه بچي سگهيو. هڪ گهر واري مان اختر بيگم ۽ امير بيگم، ٻي گهر واريءَ مان سرور بيگم جائي جيڪا اسان جي سهري رضا محمد خان ڀٽو جي سئوٽ عالم خان ڀٽو کي شادي ڪري پرڻائي ڏني وئي. جنهن مان هڪ نياڻي انجمن آرا (اجنا) پيدا ٿي. جيڪا پنهنجي سئوٽ سان پرڻيل آهي.

امير بيگم ڀٽو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کان عمر ۾ 07 سال وڏي هئي. ٻي روايت موجب 12 سال وڏي هئي. ڀٽو صاحب تمام سٺا ڏينهن گذاريا. هو وڏي ڀاڀوهه سان شادي کان پوءِ امير بيگم ڀٽو جي خاندان سان ٿي سال گڏ رهيو. بعد ۾ ڀٽو صاحب ولايت وڌيڪ پڙهڻ لاءِ ويو. سر شاهنواز ڀٽو امير بيگم جو سهرو سندس وڌيڪ خيال ڪندو هو ۽ ليڊي خورشيد ڀٽو کي



www.bhutto.org

چوندو هو تہ هن جو خيال ڪندي ڪر امير بيگم ٻڌايو تہ اها ان وقت تمام صحت مند هئي. پوءِ هن ڊائٽنگ شروع ڪئي بعد ۾ سنهي ٿي وئي.

ڀٽو صاحب بيگم نصرت ڀٽو سان نڪاح ڪيو پر امير بيگم ڀٽو سان پيار ڪرڻ ۾ ڪڏهن بہ گهٽتائي نہ آندي ۽ امير بيگم ڀٽو بہ اهڙو پيار مرتضيٰ، بينظير، صنم ۽ شاهنواز سان ڪندي هئي.

بينظير ڀٽو وزيراعظم ٿيڻ بعد پنهنجي والده امير بيگم وٽ نئون ديرو عيد برات جي موقعي تي ضرور ايندي هئي.

جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو جيل ۾ هو تہ امير بيگم ڀٽو ساڻن جيل ۾ ملڻ ويندي هئي. امير بيگم ڀٽو جون اکيون وڏيون هونديون هيون. سندس ڪلڻ يا مرڪڻ ڏاڍو وڻندڙ هوندو هو.

سندس مرڪ جو بہ هڪ خاص انداز هوندو هو. ڏک ۽ غم ۾ ڪنڌ هيٺ ڪري چپ ڪري ڏسندي هئي. امير بيگم ڀٽو سنڌالاجي ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جو ڪارنر ڏٺو تہ خاموش ۽ اداس ٿي ويئي. شايد ڪيس ڀٽو صاحب جو اوج اڳيان پئي ڦريو.

مرتضيٰ ڀٽو جي شهادت 20 سيپٽمبر 1996ع تي هوٽل هيليڊي ۾ شادي جي تقريب ۾ نڪاح جي رسم هلي رهي هئي تہ ان وقت جي هوم سيڪريٽري منظور حسين ڀٽو کي ان واقعي جو اطلاع مليو تہ اهو تقريب مان هليو ويو. ان وقت چيف منسٽر هائوس مان فون آيو هو تہ ڪلفٽن ۾ فائرنگ ٿي آهي، امير بيگم ڀٽو اهو ٻڌي پريشان ٿي وئي، چيائين امڙ الله خير ڪري، اسان جي گهرن طرف تہ فائرنگ نہ ٿي آهي.

ان وقت حبيب آرڪيڊ تين تلوار آڏو ڪراچي ۾ سندس فليٽ هوندو هو. رات جو 12 وڳي موڪلائي واپس هلي وئي. ويندي مهل چيائين تہ مون کي فائرنگ کان پئو ٿيندو آهي. پوءِ امتياز ڀٽو جي فون آئي تہ مير مرتضيٰ ڀٽو فائرنگ ۾ شهيد ٿي ويو آهي.

گهر پهتاسين تہ بي بي سي تان مير مرتضيٰ ڀٽو جي شهادت جي خبر هلي رهي هئي. منهنجي ڏيءَ افشان سان امير بيگم ڀٽو ڏاڍي محبت ڪندي هئي. عمر جي آخري حصي ۾ نئون ديرو هائوس ۾ رهڻ لڳي. سياري جي موسم ڪيس پسند هئي.

امير بيگم ٻڌايو تہ ملتان ۾ مخدوم شاهہ محمود قريشي جي گهر ويندي هئي. امير بيگم ڀٽو سعودي عرب عمرو ۽ حج ڪرڻ جي لاءِ پڻ ويئي هئي. واپسي



www.bhutto.org

۾ دبئي ۾ محترمہ بينظير ڀٽو سان ملاقات ڪري واپس ايندي هئي. امير بيگم ڀٽو ذوالفقار علي ڀٽو جي پيڻ امتياز بيگم جي وفات تي حيدرآباد آئي هئي.

"مون وٽ آيا قسمت سانگي وقت ڪٽيو ويراڳن وانگي، ڏسان خالي اڄ اوتارا ويا وطن وري وڻجارا."

چنچر ۽ آچر واري رات (19 جنوري 2003ع) جو پوڻين ٻين وڳي منهنجي ڏيءَ عنبر فون ڪئي، ممي نئون ديرو مان فون آئي آهي تہ آنٽي شيرين کي هارٽ اٽيڪ ٿيو آهي ۽ کيس لاڙڪاڻي اسپتال کڻي ويا آهن. اسين بہ هينئر نڪري رهيا آهيون. عنبر جن کي هوننئن بہ ايڪيهين تاريخ نئون ديرو وڃڻو هو. ڇاڪاڻ تہ سندس ڏير جي شادي ٻنجويهين جنوري تي رٿيل هئي، جنهن جو سڄو انتظام آنٽي شيرين امير بيگم جي سپرويزن ۾ هليو پئي. جيڪا اُن شادي جي سلسلي ۾ نئون ديرو ۾ ترسيل هئي نہ تہ سردي جا ڪجهہ ڏينهن هوءَ ڪراچي ۾ گذاريندي هئي. رات جو ٽين وڳي وري فون ڪيائين. آنٽي جي طبيعت بهتر آهي، اسين سياڻي ويندا سين. ٻئي ڏينهن آچر تي تقريبن پوڻين ڏهين وڳي عنبر گهبرايل آواز ۾ ٻڌايو تہ ممي بلاول هائوس مان فون آيو آهي تہ آنٽي گذاري وئي ۽ روئڻ لڳي تہ نديم (سندس گهر واري) جي حالت خراب ٿي وئي آهي. مان ان وقت پنهنجي پٽ ارشد حسين سان گڏ ڄامشوري مان سندس گهر قاسم آباد پهتس. ڏٺم نديم اها فون (موبائيل) جنهن تان کيس آنٽي جي انتقال جي خبر ٻڌائي وئي هئي. پٽ سان هٽي ٽڪرا ڪري ڇڪو هو ۽ زارو قطار روئي رهيو هو. کيس آٿت ڏني.

19 جنوري 2003ع تي امير بيگم هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي. کيس ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جي خانداني قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. امير بيگم ڀٽو جي وفات تي نئون ديرو جي ڇت ڪري پئي هئي. اها نئون ديرو وارن جي لاءِ ڇپر ڇانو هئي. خير خيرات ڪندي هئي. ماڻهن جا ننڍا وڏا ڪم روزگار سان لڳائيندي هئي.

هن نئون ديرو اسٽيشن لڳ راهوجا ۾ تازو 88 هزارن جي رقم سان مسجد تعمير ڪرائي هئي. مسجدن ۾ پکا ۽ ايئرڪولر ۽ واٽر ڪولر پڻ لڳرايا اٿس. منهنجي پٽ ذوالفقار علي کي بي حد پيائيندي هئي. سندس وفات تي ذلفي زاروقطار روئيندو رهندو هو.



www.bhutto.org

# ببو بيگم

اداڪاره ببو جي شادي خانه آبادي ذوالفقار علي ڀٽو جي وڏي ڀاءُ امداد علي خان ڀٽو مرحوم سان بمبئي ۾ ٿي. اداڪاره ببو پنهنجي وقت جي نامور اداڪاره هئي. تمام سهڻي ۽ دولتمند هئي. ان جي جوتن ۾ هيرا جڙيل هوندا هئا ۽ بنگلي جا در پاڻ مرادو سندس در تي بيهڻ تي آٽو ميٽڪ کلندا هئا. ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن پاڪستان جو پرڏيهي وزير هو ته ان وقت هن پنهنجي ڀاڄائي کي امداد علي ڀٽو جي حصي جي زمين ڏني هئي ۽ مالي مدد پڻ ڪئي. ببو بيگم جڏهن پارتي فلمن جي هيروئن هئي. ان وقت هن تمام گهڻي دولت ڪمائي پر اها سڀ خرچ ڪري وڌائين. اها سانوري رنگ واري عورت سٺا نقش نگار رکڻ واري عورت رقم ختم وڃڻ سبب پنهنجي چاڻ سڃاڻ وارن ماڻهن جي گهرن ۾ رهندي هئي. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ هن وحيد مراد زيبا جي فلم ارمان ۾ ڪم ڪيو ان ۾ اها ڪريڪٽر ايڪٽر ٿي آئي.

ببو بيگم چوندي هئي ته جڏهن اها بمبئي، ڪلڪتا جي بازارن ۾ دوڪانن تي ويندي هئي ته دوڪانن تان وڏي مقدار ۾ سامان خريد ڪندي هئي. جڏهن ببو بيگم بيمار ٿي پئي ته اداڪار جعفري جيڪو بعد ۾ اخبار جهان هفتيوار ۾ صحافي ٿيو ان جڏهن اسپتال ۾ سندس عيادت ڪئي ته ان دور جي حساب سان وٽس چار آنا به نه هئا جو ڪينو وٺي خريد ڪري کائي سگهي. اهو وڏي افسوس جو مقام آهي. ان هوندي به اها عورت غمگين نظر نه آئي ۽ خوش مزاجي کي برقرار رکيائين.

فقري بازي ۾ چون ٿا ته ان جو ڪوبه جواب ناهي ۽ هن سان ڳالهائڻ ۾ مقابلو ڪرڻ ڪنهن جي وس جي ڳالهه ڪانه هئي. مرحومه 1969ع ڌاري هن فاني دنيا مان ڪراچي ۾ لاڏاڻو ڪري ويئي. انالله وانا عليه راجعون.



www.bhutto.org

# شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو

مير مرتضيٰ ڀٽو 18 سيپٽمبر 1954ع تي 70 ڪلفٽن ڪراچي ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي گهر ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم گرامر اسڪول ڪراچي مان حاصل ڪئي. جڏهن تہ ميٽرڪ سينٽ ميري اسڪول راولپنڊي مان جڏهن تہ انٽرميڊيئيٽ اسٽريچن ڪاليج لاهور مان حاصل ڪئي. جڏهن تہ 1972ع ڌاري هارورڊ يونيورسٽي برطانيہ ۾ وڌيڪ تعليم حاصل ڪرڻ جي لاءِ ويا. جتي هن نيوڪليئر ٽيڪنالاجي ۽ ايٽمي نيوڪليئر هٿيارن بابت موڊيڪيم آف اسٽڊيز ۾ ماسٽر ڪرڻ لاءِ ڪرائسٽ چرچ ڪاليج، آڪسفورڊ يونيورسٽي ۾ تعليم حاصل ڪئي.

سندس والد جي 05 جولائي 1977ع تي تختو اونڌو ڪرڻ بعد 04 اپريل 1979ع تي سندس والد کي ڦاسي ڏني ويئي. جنهن بعد مير مرتضيٰ ڀٽو مير شاهنواز ڀٽو ان وقت جي حڪومت خلاف جدوجهد شروع ڪئي. 02 مارچ 1981ع تي ڪراچي کان پي ڪي 720 پشاور روانگي دوران ميانوالي وٽ 148 مسافرن سوڌو جهاز کي هاءِ جيڪ ڪري ڪابل افغانستان ۾ هوائي جهاز کي لاٿو ويو. 54 سياسي قيدين کي آزاد ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو. جنهن ۾ جام ساقي سوڌو فوجين مٿان گولي هلائڻ جي الزام ۾ گرفتار علي حيدر شاهہ، قادر بخش جتوئي شامل آهن.

جڏهن تہ هوائي جهاز اغوا ڪرڻ ۾ سلام الله ٽيپو عرف عالمگير ارشد علي ۽ جمال ناصر شامل هئا. جن جو لاڳاپو الذوالفقار تنظيم سان ڄاڻايو ويو. جڏهن تہ ان ڇڪتاڻ دوران وزيراعظم جو اڳوڻو ملٽري اي ڊي سي ميجر طارق رحيم کي قتل ڪري ڪابل ايئرپورٽ تي جهاز کان ٻاهر اڇلايو ويو. جهاز بعد ۾ اٿينز يونان، تريپولي پيسا بعد ۾ تيل حاصل ڪري دمشق شام جي ايئرپورٽ تي لٿو جتي مير صاحب جلاوطني اختيار ڪئي.

مير صاحب نومبر 1993ع جلاوطني ختم ڪري ملڪ پهتو. 31 ڊسمبر 1993ع تي بحيثيت سنڌ اسمبلي جي ميمبر طور حلف کنيائين. 05 جون 1994ع تي خاص عدالت کيس ضمانت تي آزاد ڪيو. 20 سيپٽمبر 1996ع تي تين تلوار پرسان سندس رهائشگاهہ وٽ پوليس کيس گهيرو ڪري سندس ساٿين سوڌو ماري وڌو. 03 مئي 1997ع تي رپورٽ پڌري ڪئي ويئي پر قتل جو جوابدار ظاهر نہ ڪيو ويو.



www.bhutto.org

# شاهنواز ڀٽو جونيئر

شاهنواز ڀٽو جونيئر 1958ع تي ذوالفقار علي ڀٽو جي گهر 70 ڪلفٽن ڪراچي ۾ جنم ورتو. شاهنواز ڀٽو ذاولفقار علي ڀٽو جو سڀ کان ننڍي ۾ ننڍو پٽ هو. ان ڪري مٿس ذوالفقار علي ڀٽو جو عڪس هو.

هن ابتدائي تعليم ڪراچي جي گرامر اسڪول ۾ حاصل ڪئي. بعد ۾ هن پنهنجي ڀاءُ مرتضيٰ ڀٽو سان گڏ ريجينٽس ڪاليج لاهور ۾ ڪوهه مري جي تعليمي ادارن ۾ تعليم حاصل ڪئي. بعد ۾ پنهنجي ڀاءُ سان گڏ لنڊن ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪئي.

ان دوران 05 جولائي 1977ع تي سندس والد ذوالفقار علي ڀٽو کي ان وقت جي چيف آف آرمي ضياءِ الحق تختو اونڌو ڪري حڪومت ختم ڪري ذوالفقار علي ڀٽو کي جيل ۾ وجهي مٿس قتل جو ڪيس هلائي پنجاب هاءِ ڪورٽ کان 18 مارچ 1978ع ڦاسي جي سزا ڏياري جنهن جي سپريم ڪورٽ راولپنڊي سزا جي توثيق ڪئي تہ ڪيس ڪوٽ لکپت ۾ 04 اپريل 1979ع تي ڦاسي جي سزا ڏني وئي. جنهن کان پوءِ ٻنهي ڀائرن غلام مصطفيٰ کر، ڄام صادق علي سان گڏجي ڦاسي خلاف مظاهرا ڪيا. باوجود عالمي اڳواڻن جي رحم جي اپيل جي صدر ضياءُ الحق ذوالفقار علي ڀٽو کي ڦاسي ڏياري. شاهنواز ڀٽو ۽ مير مرتضيٰ ڀٽو اُفغانستان جي هڪ وزير جي نياڻي سان شادي ڪئي. جنهن مان مير مرتضيٰ کي هڪ ڌيءَ فاطمہ ڀٽو آهي. جڏهن تہ شاهنواز ڀٽو کي ڌيءَ سسي آهي. ڀٽو خاندان ۾ ڪڏهن بہ ڪنهن کي طلاق ڪين ملي آهي. پر شاهنواز ڀٽو ۽ ريحانہ وچ ۾ بہ ڀيرا عليحدگي ٿي هئي، پر شاهنواز پنهنجي نياڻي سسيءَ جي ڪري پنهنجي زال وٽ رهڻ لڳو. هن پنهنجي جان جي خطري سبب گولي کان بچاءُ ڪنڌڙ جيڪٽ خريد ڪئي هئي. چاڪاڻ تہ ضياءُ الحق ڪيس مارڻ چاهي پيو. مير مرتضيٰ ۽ شاهنواز ڀٽو کي هڪ ڀيرو زهر وارو ڪاڏو ڪارايو ويو هو. پر اڳ ۾ ڪتن ڪاڌو تہ اهي مري ويا. اها زهر افغان مجاهدن سندس نوڪرن ذريعي ڏني. ضياءالحق کي خوش ڪرڻ چاهيو ٿي. هڪ ڀيرو ٻنهي ڀائرن جي ڪار



www.bhutto.org

جي دروازي مٿان گولي زوڪات ڪري هلي ويئي چاڪاڻ تہ شاهنواز انهن جو نشانو هو. شاهنواز گوريلن کي تربيت ڏيندو هو. شاهنواز ڀٽو کي زهر ڏيڻ بعد ريحانہ صنم کي ٻڌايو تہ شاهنواز زهر کاڌي آهي ۽ پوليس شاهنواز جو موت دل ٽٽڻ سبب قرار ڏنو. شاهنواز جي قتل ۾ ضياءالحق جو هٿ هو اهو شڪ عام هو. 70 ڪلفٽن تي قرآن خواني ۽ غائبانہ جنازي نماز ادا ڪئي ويئي. 21 آگسٽ 1985 تي شاهنواز جو لاش ڪراچي آندو ويو. جتان موهن جو دڙو ايئرپورٽ نيئو ويو. جتان کيس المرتضيٰ لاڑڪاڻو آندو ويو. ماڻهن ڪارا ڪپڙا پاتا هئا. 27 ورهين جو نوجوان شاهنواز ڀٽو پنهنجي پيءُ جي پرسان دفن ڪيو ويو. اسلام آباد جي هاءِ اسڪول جو ڪتاب, جانبازي جي ڪارنامن وارا ناول شاهنواز جي ڪتابن جي شيلف ۾ اجا قرآن شريف پيو ويو. جڻ ڪالهہ جي ڳالهہ هجي. هڪ مهينو اڳ ڪراچي جي اخبارن ۾ شاهنواز ڀٽي جون تازيون تصويرون ڳولهڻ لاءِ ماڻهو پهتو هو. جيئن سندس سڃاڻپ ڪري سگهجي. فرانس جي شهر ڪينس جي پوليس ريحانہ کي گرفتار ڪري پاسپورٽ ضبط ڪيو ۽ کيس نينس جي سينٽرل جيل ۾ قيد ڪيو ويو. جولائي 1988 ۾ ريحانہ بيان ڏنو تہ شاهنواز ڀٽو شهيد ٿي ويو کيس سندس سوڳوار ڀينرن بينظير ڀٽو ۽ صنم ڀٽو لاش ڳڙهي خدا بخش جي آبائي قبرستان ۾ سندس والد ذوالفقار علي ڀٽو پرسان سپرد خاڪ ڪيو ويو. شاهنواز ڀٽو سندس والد جي راولپنڊي مان آزادي بعد ريل تي سفر ڪيو هو حيدرآباد ڪوٽڙي ۽ ڪراچي ۾ عوام سندس شاندار استقبال ڪيو هو. شاهنواز ڀٽو پارٽي ۾ خاص طرح سان غريب ڪارڪنن ۾ هر دلعزيز هو ۽ هڪ انقلابي رهمنا هو.



www.bhutto.org

# محترمه فاطمه ڀٽو

فاطمہ ڀٽو 1982ع ۾ مير مرتضيٰ ڀٽو جي گهر پنهنجي افغان والده فوزيا جي گهر ڪابل افغانستان ۾ جنم ورتو. سندس تعلق ڀٽو خاندان سان آهي. هن 2004ع ۾ ڪولمبيا يونيورسٽي مان گريجوئيشن ڪئي. جڏهن تہ پوسٽ گريجوئيشن اسڪول آف اورينٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز مان ماسٽر سائوٿ ايشين گورنمينٽ اينڊ پوليٽڪس سبجيڪٽ ۾ 2005ع ۾ ڪئي.

هن جو پهريون ڪتاب 1990ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ڪراچي طرفان ڇپايو ويو.

Songs of Blood and Sward

2005ع ۾ Whispers Dior it نظمن جو مجموعو جنهن ۾ بينظير ڀٽو بابت پڻ نظم لکيل آهي. ان کان علاوه 8.50 صبح، 8 آڪٽوبر 2005ع ۾ آيل زلزلي بابت هن جو ڪتاب پڻ شائع ٿيو آهي.

فاطمہ ڀٽو روزانو جنگ ڪراچي ۾ هفتيوار ڪالم لکيا آهن. علاوه عرب اسرائيل ويڙهہ دوران جڏهن اسرائيل لبنان تي حملو ڪيو هو ان جي رپورٽنگ ڪئي هئي. ان وقت 70 ڪلفٽن ڪراچي ۾ رهائش رکي ٿي. سندس ڄمار هن وقت 30 سال آهي. هن لبنان اسرائيل جي ويڙهہ دوران 2006ع کان جنوري 2007ع تائين رپورٽنگ ڪئي.

اپريل 2008ع ۾ هن ڪافي رپورٽون لکيون. هن بين الاقوامي اخبارن Beast, Girded ڪاروان ميگزين ۾ پڻ رپورٽون ۽ ڪالم لکيا آهن.

فاطمہ ڀٽو جو لکيل هيءَ زبردست ڪتاب (سانگس، بلڊ سارڊ) جيڪو سندس پيءُ مرتضيٰ ڀٽو جي زندگيءَ جي ڪٿا پڻ آهي، ان ۾ هن ڀٽي خاندان جي تاريخ، غير فطري موتن، جدوجهدن ڪي بي باڪي ۽ ايمانداريءَ سان لکيو آهي. جنهن ۾ هن نہ رڳو پنهنجي ڦڦيءَ بينظير ڀٽو ۽ سندس مڙس تي ڪڙي تنقيد ڪئي آهي. اتي پنهنجي پيءُ، چاچي شاهنواز جي گوريلا سرگرمين ۽ رنگين زندگين ڪي ڪلي طرح سان لکيو آهي. فاطمہ ڀٽو هن ڪتاب ڪي لکڻ لاءِ ڪيترائي دفعا يورپ، آمريڪا، عرب ملڪن توڙي يونان ۾ پنهنجي پيءُ مرتضيٰ جي ساٿين، ڪلاس فيلوز ۽ محبوبائن سان پاڻ ملاقاتون ڪري



www.bhutto.org

پنهنجي پيءُ جي زندگي جي ڪڙين کي ڪڙين سان ملايو آهي. هيءُ هڪ دلچسپ چرڪائيندڙ ۽ انڪشافن سان ڀريل ڪتاب آهي. فاطمه ڀٽو پنهنجي ڪتاب جي شروعات خانداني پس منظر کان وٺي 2008ع تائين ٿيل انهن مڙني دکدائڪ داستانن کي لکي قلمبند ڪري، پڙهندڙن توڙي تاريخ ۽ سياست جي شاگردن لاءِ گهڻو ڪجهه بيان ڪيو آهي. پاڪستان ۽ سنڌ جي ويجهي تاريخ ۾ هيءُ هڪ اهڙو ڪتاب آهي، جنهن ۾ توهان لاڙڪاڻي جي ڀٽن جي شهزادن توڙي شهزادين کي سمجهڻ لاءِ گهڻو ڪجهه پڙهڻ لاءِ ملندو.

فاطمه ڀٽو پنهنجي خاندان جي پس منظر کي بيان ڪندي لکي ٿي ته ڀٽو خاندان راجستان کان لڏي سنڌو جي ڪناري "مني جو مڪان" نالي هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ اچي آباد ٿيو جيڪو ڳڙهي خدابخش ۽ ميرپور ڀٽو جي وچ ۾ هو. خدا بخش ڀٽو فاطمه جو تڙ ڏاڏو جنهن جي نالي تي اڏيل ڳڙهي خدا بخش ڀٽو شهيدن جي آخري آرامگاهه واري ڳوٺ سان دنيا ۾ مشهور آهي. خدا بخش ڀٽي جو پٽ مرتضيٰ ڀٽو (اول)، جنهن کي برطانوي سفارتڪار جي زال سان عشق ڪرڻ جي ڏوهه ۾ ان انگريز آفيسر دوکي سان گهرائي ڪاڏي ۾ زهر ڏئي مارائي ڇڏيو. اهو ڀٽي خاندان جي فردن جو پهريون "غير فطري موت" زهر ڏيڻ سبب ٿيو. ان کان گهڻو پوءِ فاطمه جي چاچي مير شاهنواز ڀٽي جو موت پڻ فرانس جي هڪ شهر ۾ زهر جي ڪيپسولن سبب ٿيو ۽ پوءِ ڀٽن جي غير فطري طور تي مارجي وڃڻ جو سلسلو اڃا به جاري آهي. مرتضيٰ خان (اول) جي شخصيت ڏکهي، قداور ۽ خوبصورت هئي ۽ پوءِ فاطمه ڀٽو جي پيءُ تي سندس تڙ ڏاڏي مرتضيٰ جو نالو رکيو ويو. جنهن جو موت ڪلفٽن تي سندس ئي گهر جي اڳيان شهيد ڪيو ويو! مرتضيٰ ڀٽو (اول) ........ وري... حيثيت وارو ڪردار هو. هن ابتدائي تعليم سنڌ مدرسي اسڪول ڪراچي ۾ ورتي پر هو اتان پرائمري جا پنج درجا به پورا نه ڪري سگهيو. جوان ٿيڻ کان پوءِ سياست ۾ پير پاتائين ۽ بمبئي جي ليجسليٽو اسيمبلي جو ميمبر بڻيو. پر 1937ع واري اليڪشن ۾ ليلا رام عرف عام شيخ عبدالمجيد سنڌي کان پنهنجي ئي شهر لاڙڪاڻي مان شڪست کائڻ کان پوءِ سياست کي خيرباد چئي پنهنجي فيملي سميت بمبئي لڏي ويو. سر شاهنواز ڀٽي کي ٽي پٽ هئا. به پهرئين گهر واريءَ مان، سڪندر علي ۽ امداد علي خان ڀٽو هئا. امداد علي ڀٽو ۽ سڪندر علي، ذوالفقار علي ڀٽو کان عمر ۾ گهڻا وڏا هئا. وڏا ڀيڪ ۽ انتهائي شوقين ۽ عورتن ۾ تمام گهڻا مقبول هئا. انهن ۾ امداد علي ڀٽو وڌيڪ خوبصورت ۽ خوش لباس هو. هو هميشه فل



www.bhutto.org

سوٽ پهريندو هو. بقول فاطمہ ڀٽو جي تہ هو ڀٽي Noted Loather هئا. ڀنهي خوبصورت نوجوانن جا فطري موت 30 سالن جي ننڍي عمر ۾ ئي ٿي ويا. سر شاهنواز ڀٽو جي ٻيو نمبر گهر واري لکي ٻائي عرف خورشيد بيگم جيڪا پونا انڊيا جي هڪ عام ۽ غريب خاندان سان واسطو رکندڙ عورت هئي. جنهن سان شاهنواز ڀٽو عشق جي شادي ڪئي هئي. کيس ان مان ذوالفقار علي ڀٽو ۽ ٽي ڌيئر بينظير، مانا ۽ ممتاز پيدا ٿيون.

سر شاهنواز ڀٽو 1937ع جي اليڪشن ۾ شڪست کان پوءِ دلبرداشتہ ٿي جڏهن بمبئي هليو ويو ان وقت سنڌ جو وزير اعليٰ خان بهادر الهہ بخش سومرو هو جنهن جي سفارش تي شاهنواز ڀٽي بمبئي ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي چيئرمين جي سرڪاري نوڪري کي قبول ڪيو.

انهيءَ طور ان کي جهونا ڳڙهہ رياست جو وزير اعليٰ جيڪو سر شاهنواز ڀٽو جو ذاتي دوست هو جيڪو بيمار ٿي پيو ۽ علاج لاءِ يورپ هليو ويو. هن شاهنواز ڀٽو کي اعتماد وارو دوست سمجهي جهونا ڳڙهہ رياست جو وزير اعليٰ مقرر ڪري ڇڏيو. جتي هو گڏيل هندستان جي ورهاڱي تائين جهونا ڳڙهہ جو وزيراعليٰ رهيو. فاطمہ ڀٽو پنهنجي ڏاڏي ذوالفقار علي ڀٽو جي پهرين شاديءَ لاءِ لکي ٿي تہ هو ڪرڪيٽ راند جو وڏو شوقين هو. هن جي ٻالڪپڻ جو فائدو وٺنديءَ ڪرڪيٽ واري بيٽ جي تحفي عيوض سندس ڀٽو فيمليءَ جي مالدار احمد خان ڀٽو جي ننڍيءَ ڌيءَ شيرين امير بيگم سان سندس شادي ڪرائي وئي. جيڪا ذوالفقار علي ڀٽو کان عمر ۾ ڏهہ سال وڏي هئي. امير بيگم جي ٻي ڀيڻ جي شادي وري ذوالفقار علي ڀٽو جي وڏي ڀاءُ امداد علي ڀٽو سان ڪرائي وئي، جڏهن تہ سندن ٽين ڀيڻ کي سندس خاندان جو هڪ ماستر زمين تان ٿيل جهڳڙي کان پوءِ اغوا ڪري ڪٽي ويو ۽ ساڻس شادي ڪيائين.

ذوالفقار علي ڀٽو بمبئي ۾ پهرين عشق Soraya Karim Bhoy سان ڪيو. جڏهن ثوريا جي مائٽن کي خبر پئي تہ هوءَ ذوالفقار علي ڀٽو جي ٻيءَ گهر واري هوندي تہ هنن پهرين ئي پرٽيل ذوالفقار علي ڀٽو کي پنهنجي ڌيءَ جو سڱ ڏيڻ کان صاف انڪار ڪري ڇڏيو.

ذوالفقار علي ڀٽو جي امڙ خورشيد بيگم انتهائي غريب ۽ معمولي خاندان جي عورت هئي. جنهن پنهنجي پٽ کي چيو هو تہ "سياست جي جنت عام ماڻهن جي پيرن هيٺان آهي. تنهن ڪري تون ڪڏهن بہ اهو نہ وسارجان تہ تون سنڌ جي هڪ غريب ڌرتيءَ سان واسطو رکين ٿو." اهو ئي سبب هو جو شهيد


www.bhutto.org

ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي امڙ جي غريب هئڻ ۽ سنڌس ٻڌايل نصيحت جي ڪري غريبن جو ليڊر بڻجي ويو. جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو آمريڪا ۾ پڙهندو هو تڏهن وري نصرت اصفهاني جي عشق ۾ مبتلا ٿي ويو. سنڌس ماءُ خورشيد بيگم انهيءَ شاديءَ تي اعتراض ڪيو ته نصرت جو خاندان شيعه فرقي سان تعلق رکي ٿو ۽ پيتا سني آهن. نصرت جو پيءُ هڪ معمولي صابڻ جو (صابڻ ناهڻ جو ڪاروبار ڪندڙ) آهي. نيٺ 1951ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽي جي ٻي شادي نصرت اصفهاني سان سنڌس دوست الاهي بخش سومري ۽ نڪاح جي شاهد طور ڪريم داد جوڻيجي جي مدد سان ڪراچيءَ ۾ ٿي. جيڪي نصرت کي سنڌس پيءُ جيڪو نابين هو جي گهر کان ڪٽي آيا ۽ سنڌن طرفان وڏي ڪوشش کان پوءِ شيعا نڪاح خوان مولوي کي آندو ويو جنهن نڪاح پڙهايو. ڀٽو نڪاح کان پوءِ سڌو گهر نه ويو. هن کي شادي وارا ڀهريان ڏينهن ڪراچيءَ جي پيلس هوٽل ۾ گذارڻا پيا. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ شاهنواز ڀٽو ٻنهي گهوٽ ڪنوار کي هوٽل مان گهر وٺي آيو. 1953ع ۾ نصرت ڀٽو کي جڏهن سولجر بازار ۾ قائم هڪ ڪرسچن اسپتال ۾ بينظير ڀٽو پيدا ٿي ته ڀٽي خاندان کي ڀهريون ٻار ڌيءَ جي جمڻ تي ڪا به خوشي نه ٿي، ڇو ته هو نصرت مان پٽ جي جمڻ جي اميد رکيو ويٺا هئا. ايستائين جو ڀٽي خاندان جو ڪوبه فرد ڪيس ڌيءَ (بينظير) جي جمڻ تي مبارڪون به ڏيڻ نه آيو. نصرت پنهنجي ساهرن جي اهڙي رويي تي لڙڪ لاڙي ويٺي هئي. ان وقت نصرت جي تيمارداري نواب اڪبر بگٽيءَ جي پيڻ ۽ شيرباز مزاريءَ جي گهر واريءَ ڪئي هئي. هڪ سال کان پوءِ جڏهن نصرت ڀٽو مير مرتضيٰ کي جنم ڏنو ته سنڌس ڏاڏي خورشيد بيگم نه رڳو اسپتال ۾ نصرت ڀٽو جي تيمارداري ڪندي رهي پر هوءَ پنهنجي نُنهن لاءِ تحفا ۽ سونو هار ڪڻ ڪٽي آئي هئي.

ذوالفقار علي ڀٽي پنهنجي پٽن جي تربيت تمام سٺي نموني سان ڪئي هئي. هو ڪين چوندو هو ته انهن پيرن تي هٿ رکي جهڪي ملڻ وارن ماڻهن کي منع ڪن ۽ ساڻن پاڪر پائي ملن. سگريٽ نه واپرائين ڇو ته سگريٽ صحت لاءِ نقصانڪار آهن، جنهن مان ڪينسر جهڙي خطرناڪ بيماري ٿي سگهي ٿي. ان کان بهتر آهي ته هو شراب واپرائين. ڀٽي کي جڏهن لاڙڪاڻي مان آخري دفعو گرفتار ڪري لاهور کٽي ويا ته هن کي پنهنجي ٻنهي پٽن جو سخت اونو هيو. هن ڪنهن طرح سان ڪين نياپو موڪليو ته هو هاڻي هتان هليا وڃن هن پنهنجي دوستن کي پڻ چورايو ته هو هن جي پٽن جي ملڪ کان



www.bhutto.org

ٻاهر وڃڻ ۾ قانوني طريقي سان مدد ڪن. جيڪڏهن نہ تہ هو ڪهڙو بہ طريقو اختيار ڪري کين ملڪ کان ٻاهر موڪلين.

فاطمہ ڀٽو هن ڪتاب کي لکڻ لاءِ ڪئين دفعا هر انهيءَ جڳهہ تي ۽ انهن ماڻهن سان ملي معلومات ڪٺي ڪئي، جيڪي مرتضيٰ ڀٽو جا ساٿي ۽ دوست رهيا هئا. هن پنهنجي ڪتاب ۾ پيءُ ۽ چاچي جي طرفان سندن والد ذوالفقار علي ڀٽي جي زندگي بچائڻ لاءِ ڪيل ڪوشش، پيپلز لبريشن آرمي ۽ الذوالفقار تائين جي سفر کي تفصيل سان بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن سندن زندگيءَ ۾ آيل عورتن ۽ شادين جو ذڪر بہ ايمانداريءَ ۽ سچائيءَ سان ڪيو آهي.

هن لکيو آهي تہ جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو جيل ۾ قيد هو تہ هنن ڀائرن جي سياسي سرگرمين جي مرڪز لنڊن هو جتي هڪ ڏينهن يونائيٽيڊ نيشن جي طرفان ٿيل هڪ ڪانفرنس ۾ سڪندر اعظم جي جنم واري شهر Veria سان واسطو رکندڙ عورت ڊيلا جي سندس پيءُ مير مرتضيٰ سان ملاقات ٿي. ڊيلا فاطمہ کي ٻڌايو تہ هن ان ڪانفرنس جي Basement واري هال ۾ محسوس ڪيو تہ هن کي هڪ نهايت ئي خوبصورت ۽ قد ۾ ڪانئس ڊيگهو شخص ڪيس گهوري رهيو آهي ۽ ائين اسان جي هڪٻئي سان مسڪراهٽ جي مٽاسٽا ڪئي. ڊيلا ان وقت ساڻس گڏ ويٺل برطانيہ ۾ صوماليہ جي سفير کان هن شخص جو نالو پڇيو. هن کيس ٻڌايو تہ هو پاڪستان جي اڳوڻي سوشلسٽ وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽي جو وڏو پٽ مرتضيٰ ڀٽو آهي. جنهن جي حڪومت جو فوج تختو اونڌو ڪري کيس قتل جي هڪ ڪيس ۾ قيد ڪيو آهي. هو هاڻي پنهنجي پيءُ جي آزاديءَ ۽ کيس بي گناهہ ثابت ڪرڻ لاءِ سرگرم آهي. اهو بہ عجيب اتفاق هو تہ ڊيلا بہ پنهنجي محبوب مڙس لاءِ جيڪو يونان جي آرميءَ جو برطرف ٿيل جنرل هو جنهن کي وري ڪرپشن جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو هو ان جي آزاديءَ لاءِ ڪوشش ڪري رهي هئي. يونان جي هٽايل ملٽري صدر Kapadopolous جي ويجهو ۽ بااعتماد ساٿي هو. ايستائين جو جڏهن ڊيلا جي جنرل مائيڪل سان شادي ٿي تہ هن کي شادي واري منڊي بہ انهيءَ صدر پارائي هئي.

ڊيلا انهن ڏينهن دوران پنهنجي مڙس جي ............. سزا ختم ڪرائڻ لاءِ آمريڪن (سي آئي ڊي) جي عملدار سان نيويارڪ ۾ ملاقاتون ڪندي رهندي هئي. ائين مرتضيٰ ۽ ڊيلا جي وچ ۾ ملاقاتن جو سلسلو شروع ٿي ويو ۽ ٻنهي هڪٻئي سان پنهنجي زندگيءَ جي تلخين کي شيئر ڪيو. اهڙي طرح هو ٻئي



www.bhutto.org

مختلف ريسٽورينٽس ۾ گڏجي ڪائيندا پيئندا ۽ ڊانس ڪندي هڪٻئي کي ويجهو اچي ويا. جڏهن فاطمه ڀٽو 2008ع ۾ اٿينس جي شهر ۾ پنهنجي پيءُ جي محبوبا ڊيلا سان ملاقات ڪئي ته ان وقت ڊيلا جي عمر 60 سالن کان مٿي ٿي چڪي هئي ته هو اجا به هڪ خوبصورت عورت آهي. ڊيلا فاطمه جي اکين ۾ مرتضيٰ کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ هن جي وارن کي چميون ڏنيون. هن ڪيس مرتضيٰ جا لکيل خط ۽ تحفا ڏيکاريا. هن ڪيس مرتضيٰ سان گڏ نڪتل هڪ تصوير به ڏني. هن ڪيس ٻڌايو ته ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي پٽن کي جيل مان ڳجهي نموني سان خط لکي چيو هو ته جيڪڏهن توهان منهنجي قتل جو پلاند نه ڪيو ته توهان منهنجي پٽ نه هوندا.“ هن فاطمه کي اهو به تفصيل سان ٻڌايو ته مرتضيٰ پنهنجي پيءُ جي زندگيءَ کي بچائڻ لاءِ ڪيترا ۽ ڪيڏا جتن ڪيا، پر ٻئي ڀائر ڪيس بچائي نه سگهيا. هن ڪيس ٻڌايو ته جنهن وقت کين لنڊن ۾ معلوم ٿيو ته سندن پيءُ کي ڦاسي ڏني وئي آهي ته مير مرتضيٰ جا هٿ ۽ چهرو ڏڪڻ لڳو پر هن جلدي پنهنجي جذبن تي ڪنٽرول ڪري ورتو. آئون ساڻس گڏ هئس ڪيس دلاسو ڏيڻ جي ڪوشش ڪندي رهيس ۽ مون هن کي پنهنجي ڀاڪر ۾ وٺي ڇڏيو ته هو ٿڌو ٿيو. هن تنهن وقت چيو ته ”هنن هيري کي ماري آهي کين ان جي قيمت ڏيڻي پوندي“ هن پوءِ پاسي واري ڪمري ۾ وڃي پنهنجي ڀاءُ شاهنواز کي ننڊ مان اٿاري ٻڌايو ته اسان جي پيءُ کي ڦاسي ڏني وئي آهي. پوءِ ٻئي ڀائر سفيد ڪپڙا پهري ٻاهر آيا، جتي تمام گهڻا ماڻهو ۽ ميڊيا وارا سندن انتظار ڪري رهيا هئا.

مير مرتضيٰ ڊيلا کي ڪابل ۾ گهرائي منڊيءَ جو تحفو ڏيندي شاديءَ جي باقائده آفر پڻ ڪئي، پر ڊيلا ڪيس ٻڌايو ته هن جو مڙس جنرل مائيڪل اجا به جيل ۾ آهي. تنهن ڪري هن وقت هوءَ ڪو به فيصلو نٿي ڪري سگهي. هن فاطمه کي ٻڌايو ته هوءَ هڪ دفعو مرتضيٰ جو خط کڻي ڪراچيءَ پڻ آئي هئي، جتي هن اهو خط نصرت ڀٽو کي پهچايو هو. جتي نصرت ڀٽو ته ساڻس پاٻوهه ۽ پيار سان پيش آئي هئي پر بينظير ڀٽو ڪيس 70 ڪلفٽن ۾ ٽي ڪيترائي ڪلاڪ انتظار ڪرائڻ کان پوءِ ملي پر هن ڪيس نظرانداز ڪري ڇڏيو هو.

ڊيلا ٻڌايو ته هڪ دفعو شام جي صدر حافظ الاسد سان مرتضيٰ، شاهنواز ۽ سندس گڏيل ملاقات پڻ ٿي هئي، جتي مرتضيٰ شام جي صدر حافظ الاسد سان سندس تعارف مڱيندي طور ڪرايو هو. فاطمه کي هن اهو به ٻڌايو ته ابوظهبي جي شيخ زيد ڀٽو جي ڀائرن جي (PLA) پيپلز لبريشن آرميءَ جي مدد کان به انڪار



www.bhutto.org

ڪيو. پر هن تحفي جي طور تي پٽي جي پٽن کي 10,000 هزار ڊالر ڏنا. فاطمہ ڀٽو پنهنجي ڪتاب ۾ پنهنجي چاچي شاهنواز ڀٽو جنهن کي هو گوگيءَ جي نالي سان سڏي ٿي چاڪاڻ تہ گهر ۾ شاهنواز کي گوگي سڏيو ويندو هو لاءِ لکي ٿي تہ چاچي گوگيءَ جو عشق ساڻس گڏ سوئزرلينڊ ۾ پڙهندڙ ترڪش نسل جي هڪ بت ۾ پريل ڇوڪري Nurseli سان ٿيو هو. ساڻس ڪيترائي سال گڏ پڻ رهيو ۽ ان نرسيلا جي گهر وارن کي خبر پئي تہ هو جدوجهد ڪندڙ گوريلو آهي تہ هن جي والدين مڱڻي کي فورن ٽوڙي ڇڏيو. پوءِ شاهنواز بہ لنڊن مان سڌو ڪابل منتقل ٿي ويو. فاطمہ ڀٽو ٻنهي ڀائرن جي ڪابل ۾ رهائش ۽ شادين جي ذڪر ڪندي لکيو آهي تہ ڪابل ۾ ٻئي ڀائر وزير اڪبر خان اسٽريٽ جي پيلس 2 جي هڪ ٽن بيڊرومن جي سنگل اسٽوري بنگلي ۾ رهندا هئا. جيڪو جرمني ۽ لبيا جي سفارتخانن جي بلڪل آمهون سامهون هو. جتان کان صرف اڌ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي پاڪستان جو سفارتخانو هو.

مير مرتضيٰ ڀٽو ڪابل ۾ سليمان خان جي نالي سان سڃاتو ويندو هو. ڊيلا مرتضيٰ جي جدوجهد وارن سالن ۾ اتي ساڻس گڏ رهندي هئي. ڊيلا اردو ۽ اسپينش ٻوليون بہ سکڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هن، ان دوران پنهنجي يونان ۾ قيد جنرل کي ڇڏڻ جو فيصلو بہ ڪري ڇڏيو هو. مرتضيٰ جي ساڻس گهرائپ جو اندازو سندس لکيل انهيءَ خط مان بہ لڳائي سگهجي ٿو تہ هن ڪيس لکيو تہ ”اسين جيڪي واعدا پورا نہ ڪري سگهياسين، اهي واعدا پنهنجي وطن سنڌ ۾ هلي پورا ڪنداسون.“ مرتضيٰ ڀٽو پنهنجي آرگنائزيشن جو سياسي سربراهہ هو تہ شاهنواز ڀٽو ان جو جنگجو ڪمانڊر هو. ڊيلا جڏهن لڳاتار ڪابل ايندي رهندي هئي تہ افغان انٽيليجنس وارن مرتضيٰ کي آگاهہ ڪيو تہ ڊيلا آمريڪن سي آئي ڊي جي ايجنٽ آهي ۽ پوءِ اهڙو اظهار مرتضيٰ ڊيلا ڏانهن لکيل ان آخري خط ۾ بہ ڪيو تہ مون کي پنهنجي دوستن توهان جي آمريڪي سي آئي ڊي جي لاءِ ڪم ڪرڻ جو ٻڌايو آهي. ان کان پوءِ مرتضيٰ ۽ ڊيلا جا رستا الڳ ٿي ويا. انهيءَ دوران ڪابل جي انهيءَ وزير اڪبر خان نالي واري روڊ تي مرتضيٰ ڀٽو شاهنواز ڀٽو ۽ سندن ويجهو ترين دوست سهيل سيٺي شام جو پَسار ڪندا هئا. جتي سندن پاڙي ۾ رهندڙ Fouzia فوزيہ پڻ شام جو اتي واڪ ڪندي هئي. اتي سندس مير مرتضيٰ سان عليڪ سليڪ وڌندي وئي ۽ نيٺ اها عليڪ سليڪ مرتضيٰ سان شاديءَ ۾ بدلجي وئي. فوزيہ جي والد جو تعلق هڪ سفارتڪار گهراڻي سان هو. اهڙي طرح سندن شامون فوزيہ جي گهر ۾ ان



www.bhutto.org

جي خاندان وارن سان گذرڻ لڳيون. انهيءَ دوران وري مرتضيٰ جي ننڍي ڀاءُ شاهنواز ڀٽو جو واسطو فوزيه جي ننڍي ڀيڻ ريحانه سان ٿي ويو. ريحانا، تنهن وقت ۾ روس جي خلاف وڙهندڙ افغان مجاهدين جي وڏي حمايتي هئي ۽ شاهنواز ڀٽو وري هڪ ڪميونسٽ ملڪ جو مهمان هو. هو ٻئي ان تي چرچن ڀوڳن ۾ وڙهندا رهندا هئا. جيتوڻيڪ ٻنهي ڀائرن جون شاديون چند ڏينهن جي وقفي سان ٿيون هيون، پر ٻنهي جي شاديءَ جي دعوت واري تقريب گڏيل ٿي هئي. جنهن ۾ مرتضيٰ ۽ شاهنواز فلسطيني گوريلن وارا يونيفارم پاتا هئا. مير مرتضيٰ جي يونيفارم جو رنگ ڳاڙهو ۽ شاهنواز ڪاري رنگ وارو يونيفارم پهريو هو. جڏهن ڀٽو ڀائرن جو گڏيل دوست سهيل سيٺي ان شاديءَ واري تقريب جي دعوت کٽي ان وقت جي افغان انٽيليجنس جي اڳواڻ ڊاڪٽر نجيب الله جيڪو پوءِ افغانستان جو صدر به بڻيو وٽ ويو ته هن ان جي اڳيان هڪ ڳجهو فائيل سامهون رکيو ۽ چيو ته هن مون کي پهرين چونه ٻڌايو ته هو ٻئي ڀائر جن ٻن ڀينرن سان شاديون ڪري رهيا آهن، انهن جي پيءُ ۽ فيملي جا افغان مجاهدين سان ويجها لاڳاپا آهن. هنن جو پيءُ فارين سروسز ۾ ملازم آهي ۽ خصوصن جنرل ضياءُ جي (آئي ايس آئي) جي ذريعي افغان مجاهدين کي هٿيار فراهم ڪرڻ سميت ٻي مدد پڻ ڪندو آهي. جيڪي امريڪن سي آئي جي معرفت کين ڏنا ويندا آهن پر نجيب جي اهڙي قسم جا انڪشاف ۽ خدشا ٻنهي ڀائرن جي شاديءَ ۾ ڪا رڪاوٽ بڻجي نه سگهيا. جنهن سان ڊاڪٽر نجيب کي وڏي مايوسي ۽ نااُميدي ٿي ۽ ائين هو ٻئي انهيءَ ان وقت جي مجاهدين ۽ اڄ جي طالبان جي حامي خاندان جا نائي بڻجي ويا.

فاطمه ڀٽو جي پيدائش 29 مئي 1982ع تي شام جو 3.45 منٽن تي ڪابل جي هڪ فوجي اسپتال ۾ ٿي. ان وقت ڪابل ۾ ڪرفيو هو جتي فاطمه جي ماءُ فوزيه کي سخت پهري ۾ اسپتال ۾ آندو ويو. تڏهن اهو به خطرو هيو ته ڪٿي مجاهدين ان ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي باغي پٽن کي ختم نه ڪيو وڃي. ان لاءِ ڊاڪٽر نجيب طرفان اسپتال ۾ خصوصي انتظام ڪيا ويا هيا. ايستائين جو ڊاڪٽر نجيب ۽ سندس زال به اسپتال پهچي ويا ۽ ان وقت مرتضيٰ ڀٽو فلسطيني يونيفارم ۾ اسپتال جي آپريشن ٿيٽر ٻاهران ٻار جي جمڻ جو انتظار ڪري رهيو هو. جڏهن فاطمه ڀٽو جو جنم ٿيو ته سندس پيءُ مرتضيٰ جي خيال ۾ به نالا هئا، جيڪي نئين جاول ڇوڪري لاءِ هن سوچيا هئا، جن ۾ هڪ سندس ماءُ جي والده جو نالو فاطمه ۽ ٻيو ذوالفقار علي ڀٽو جي ماءُ جو نالو خورشيد هو. بعد ۾ منهنجي



www.bhutto.org

ايراني پڙ ڏاڏيءَ جو نالو فاطمہ ئي تجويز ڪيو ويو ۽ اهڙيءَ طرح منهنجي سوٽ ۽ چاچي گوگيءَ جي ڏيءَ جو نالو سنڌ جي هڪ لوڪ داستان جو ڪردار "سسئي" رکيو ويو. منهنجي ڏاڏي نصرت ڀٽو چوندي هئي تہ منهنجي مڙس کي قتل ڪيو ويو تہ آئون پنهنجي اولاد کان پهرين مرڻ پسند ڪنديس. هن پنهنجي ڪنهن بہ پياري جو موت زندگيءَ ۾ ڏسڻ نٿي چاهيو.

فاطمہ پنهنجي سموري خاندان جي تمام گهڻي وقت کان پوءِ ٿيل انهيءَ رات واري گڏجاڻيءَ جو احوال بہ تفصيل سان لکيو آهي جتي پٽي خاندان جا سمورا فرد گڏ ٿيا هئا. مرتضيٰ ڀٽو ۽ شاهنواز ڀٽو شام مان اچي شريڪ ٿيا هئا. بي نظير ڀٽو ۽ صنم ڀٽو لنڊن مان اچي شريڪ ٿيون هيون. سنڌن والده جنيوا مان آئي هئي. سڀني پنهنجي بالڪپڻ جون يادون ۽ شرارتون هڪبئي سان شيئر ڪيون. فاطمہ ۽ سسئي ان وقت بالڪل ننڍڙيون هيون جيڪي پنهنجي پيءُ ۽ چاچي جي ٽنگن کي پڪڙي خوش ٿي رهيون هيون. اها خوشيءَ واري شام ريحانا ۽ شاهنواز جي معمولي اختلافن تي ختم ٿي وئي. ايستائين جو منهنجو والد جيڪو پنهنجي ڀاءُ شاهنواز کي تمام گهڻو پيار ڪندو هو. ان طرفان معمولي مداخلت ڪرڻ تي چاچي فاطمہ لکي ٿي تہ ريحانا کيس خاموش رهڻ جو چيو ۽ هن عورت اتان منهنجي پيءُ ۽ پڦيءَ کي بہ ڪڍي ڇڏيو. اسين سڀئي ڏاڏي نصرت سان گڏجي سنڌس رهڻ واري فليٽ تي هليا آياسون. صبح جو سويل انهيءَ فليٽ جو بيل وڳو بابا ٻاهر ويو تہ منهنجي چاچي ريحانا ٻاهر بيٺي هئي هن ٻڌايو تہ شاهنواز کي نہ ڄاڻ ڇا ٿي ويو آهي، اسين سڀئي سنڌس فليٽ تي آياسين اسان ڏٺو تہ چاچا گوگيءَ جو لاش صوفي ۽ ڪافي واريءَ ٽيبل جي وچ ۾ ڪريو پيو هو. سنڌس قميص لٿل هئي، بدن تي بلو رنگ جا نشان هئا.

بابا پنهنجي امڙ کي چيو تہ "امان گوگي هليو ويو" ۽ پوءِ فرانس جي تحقيق ڪندڙ پوليس پنهنجي رپورٽ ۾ چيو تہ شاهنواز جو موت زهريلا ڪيپسول واپرائڻ جي ڪري ٿيو آهي. سنڌس آنديءَ بدن ۽ ٻين حصن ۾ زهر ڦهليل هو. شاهنواز جي مرتئي کان پوءِ منهنجي والد مرتضيٰ ۽ فوزيہ ۾ اختلاف وڌي ويا. سنڌن جو هاڻي هڪبئي سان گڏ رهڻ ناممڪن ٿي پيو ۽ ان وقت منهنجي عمر صرف ٽي سال هئي. منهنجي پيءُ مون کي ماءُ جيان پاليو هو هو مون کي پنهنجي هٿن سان وهنجاريندو هو منهنجا وار ڪٽي سنواريندو هو مون کي ننڊ ڪرائڻ لاءِ ڪهاڻيون ۽ ٽڏڙا ڪڍي سمهاريندو هو. مون کي پنهنجي بوٽن جهڙا



www.bhutto.org

بوٽ پارائيندو هو. آئون صفا Tom boy لڳندي هئس. ائين مون پنهنجي جنم ڏينهن ڏينهنڙ ماءُ کي بنهہ وساري ڇڏيو. جڏهن منهنجو پيءُ قتل ٿي ويو تہ پوءِ فوزيہ هڪ ڏينهن اوچتو منهنجي ڪراچيءَ واري هاءِ اسڪول ۾ اچي نڪتي، جتي هن اسڪول انتظاميہ ڪان منهنجي گهر ڪئي. مون سائٽس تہ پهرين ملڻ بہ پسند نہ پئي ڪيو ڇو تہ منهنجي پيءُ تہ هن سان گڏ نڪتل فوٽو بہ فيملي البم مان ڪيڊي اچلائي ڇڏيا هئا. بالآخر مون کي سائٽس اسڪول جي اندر ئي ملايو ويو. هن مون کي چيو تہ "هوءَ ڪيس هڪ دفعو پنهنجي ماءُ سڏي" پر مون ڪيس جواب ڏئي ڇڏيو ۽ سائٽس وچڻ ڪان صاف انڪار ڪيو ۽ چيو تہ آئون ڪيس هتي وڌيڪ ڏسڻ بہ نٿي چاهيان. هن پوءِ پڦي بينظير جي مدد سان ڪراچيءَ ۾ پريس ڪانفرنس پڻ ڪئي هئي.

فاطمہ جتي پنهنجي پيءُ مرتضيٰ ۽ وڏي (بينظير) جي اختلافن جو ذڪر ڪيو آهي. اتي هن پنهنجي پيءُ جي بيدرديءَ سان قتل واري ڏينهن جو بہ دل ڏاريندڙ ذڪر ڪيو آهي تہ هن کي ڪيئن نہ مجبور ٿي، وڏي (بينظير) سان وزيراعظم هائوس اسلام آباد ڳالهائڻو پيو. هن پنهنجي پيءُ جون ساروڻيون ياد ڪندي لکيو آهي تہ بابا جڏهن ملڪ ڪان ٻاهر جلاوطن هو تہ بہ پنهنجي گهر ۽ سنڌ کي ياد ڪندو هو ۽ هو جمالو وارو سنڌي لوڪ گيت ترنم ۾ ڳائيندو هو. هو سنڌ جو روايتي اجرڪ استعمال ڪندو هو. شڪارپور جو آچار کائيندو هو. جيڪو هن کي شڪارپور مان سوڪڙي ٿي ايندو هو. هن وڌيڪ اهو بہ لکيو آهي تہ بابا مون سان ڪڏهن بہ اردو ۾ نہ ڳالهايو ۽ هو مون سان هميشہ انگلش ۾ گفتگو ڪندو هو. هن پنهنجي پيءُ ۽ غنويٰ ڀٽو جي شاديءَ ۽ محبت جو احوال بہ سچائي ۽ ايمانداريءَ سان بيان ڪيو آهي، جو ٻنهي جي پهرين ملاقات هڪ لفٽ ۾ ٿي هئي، پوءِ هو آهستي آهستي هڪٻئي جي ويجهو اچي ويا. هو دمشق جي Charn هوٽل ۾ گڏجي ترندا هئا ۽ اتي مون کي پڻ بابا بہ اتي ترڻ سيکاريندو هو.

غنويٰ لاءِ سندس چوڻ آهي تہ هوءَ بيروت مان اچي دمشق ۾ هڪ هنڌ رسيپشنسٽ ٿي ۽ ڪيٿولڪ چرچ ۾ نوجوان ڇوڪرن جا ( Ballet ڊانس وارا) ڪلاس وٺندي هئي. غنويٰ جا مائٽ مارڪسسٽ هئا، هن جي ماءُ ڪافيہ جيڪا شاعره ۽ استاد پڻ هئي ۽ سندس والد عبود هڪ انجنيئر هو. جيڪو 1940ع ۾ فرانسيسين خلاف پڻ وڙهيو هو. هن لکيو آهي تہ مير مرتضيٰ پنهنجي اسيمبليءَ دوران ملندڙ الائونس ۽ پگهار ايڏي وٽ جمع ڪرائيندو هو.



www.bhutto.org

# عبدالمجيد خان ڀٽو

ڀٽو خاندان جي بزرگ شخصيت عبدالمجيد خان ڀٽو ميان عبدالڪريم ڀٽو جي گهر ۾ 1907ع تي ڳوٺ ميرپور ڀٽو (سردار پير بخش ڀٽو) تعلقو رتو ديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو.

هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ بعد ۾ مدرسه هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي ۾ 1916ع ڌاري بمبئي يونيورسٽي مان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ بعد ڊسٽرڪٽ لوڪل بورڊ ۾ اڪائونٽس آفيسر جي حيثيت ۾ حيدرآباد دادو ۾ خدمتون سرانجام ڏنيون. حيدرآباد ۾ ٽنڊو ولي محمد ۾ رهائش اختيار ڪئي. جڏهن ته 1946_47ع ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سردار واحد بخش ڀٽو جي حڪم تي سرڪاري نوڪري کي خيرآباد چئي نواب نبي بخش خان ڀٽو جا سيڪريٽري اسٽيٽ مقرر ٿيا.

1962ع کان مرحوم سڪندر علي خان ڀٽو جي زمين جي سار سنڀال ڪرڻ لڳا. 1962ع ۾ ذوالفقار علي ڀٽو جي خواهش تي سندس زمين جي سار سنڀال ڪرڻ جو ڪم سونپيو ويو.

سڪندر علي خان ڀٽو جي وفات کان پوءِ 1963ع کان 1968ع تائين يونين ڪائونسل سيدو ديرو تعلقو رتوديرو ضلعي لاڙڪاڻي جا چيئرمين چونڊيا ويا.

04 اپريل 1979ع تي ذوالفقار علي ڀٽو کي شهيد ڪرڻ بعد ڀٽو خاندان جي جن اهم شخصيات کي حڪومت طرفان منهن ڏسڻ جي اجازت ڏني ويئي. انهن مان نواب نبي بخش خان ڀٽو سردار پير بخش خان ڀٽو ۽ عبدالمجيد خان ڀٽو شامل هئا. جن کي رات جي اونداهيءَ ۾ سندس گهرن مان وٺي ان وقت دجي سب ڊويزنل مئجسٽريٽ اشفاق احميد ميمڻ هڪ گاڏي ۾ ان وقت جي ڊي سي لاڙڪاڻي مسٽر اشرفي جي رهائش گاهه تي آندو ويو. عبدالمجيد خان ڀٽو تي ڀٽو صاحب جي شهادت جو وڏو اثر ٿيو. 1980ع ڌاري مٿس فالج جو حملو ٿيو. هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا.



www.bhutto.org

تحرير: پير علي محمد شاهہ راشدي

# وڏيرو رسول بخش خان ڀٽو

وڏيرو رسول بخش خان ڀٽو قداور، منهن گول ڀورو ڀرون جاڙيون، ڏاڙهي ڪتريل. جيڪو جوانيءَ ۾ پنهنجي طاقت جي زور تي آڳوڻي جي زور سان ريٽي تان انگ اکر ميساري ڇڏيندو هو. 60 هزار ايڪڙ آباد زمين جو مالڪ سندس آمدني کان وڌيڪ خرچ هوندو هو. دل جو صاف، پسگردائي جا ماڻهو ڪيترين بيهودگين ڪرڻ جي باوجود هن وٽان نامراد ٿي ڪونہ موٽندا هئا. رسول بخش خان ڀٽو جي اکين جي لڄ ۽ حضور شرمي کان ڪير بہ انڪاري ڪونہ هو سندس ان خاصيت ۾ ماڻهن ناجائز فائدو حاصل ڪندا هئا. رسول بخش خان ڀٽو جي رهڻي ڪرڻي، شوق شغل، رياست جي والين جهڙا هئا. ملازمن کي اولاد جيان پائيندو ۽ ان کي اڏي ڇڏيندو هو. رسول بخش خان جو واحد مشغلو شڪار ڪرڻ هوندو هو. ڪارتوسن جا ڍير، شڪارين جون پلٽڻون، بندوقن جا ڍير، ڪتن جون لوڏون، اٺن ۽ گهوڙن جا طنبيلا ڀريل، جنهن تي ريشم جا سنج، ۽ ڳچين ۾ پٽ جون ڳانيون ۽ چانديءَ جو سريون پائي اٺ تي پويان گهوڙيسوارن جون قطارون، خاڪي قميص ۽ ڪوٽ ان تي برجيس، جنهن تي پٽيون ٻڌل هونديون. پير ۾ لانگ بوٽ. سياري ۾ مٿي ۾ بالڪلاوا ٽوپي ۽ گرمي ۾ سول هئٽ. اڌامنديءَ پکي کي نشانو هڻي ڪيرائڻ ۾ هن جو ڪوبہ ثاني ڪونہ هو. ڪڏهن ڪڏهن ٻنهي بندوقن کي ڦڙتائي سان استعمال ڪندا هئا. سنڌ جي ڪيترن ئي ٻيلن ۾ سندس مستقل مهاڙيون رکيل هوندا هئا جن جي سار سنڀال لاءِ شڪاري مقرر ٿيل هوندا هئا. پوسٽ ڪارڊ ٻن قسمن جا هوندا هئا هڪ خانگي پوسٽ ڪارڊ جيڪو خريد ڪري استعمال ڪرڻو پوندو هو هڪ سروس پوسٽ ڪارڊ جيڪو سرڪاري لکپڙهہ جي لاءِ استعمال ڪيو ويندو هو. انجنيئر کاتي جي پٽيوالي ڪيس سروس پوسٽ ڪارڊ آڻي ڏنو جنهن کي اسان جي ڏاڏي مرحوم تي سروس ڪارڊ استعمال ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ پوسٽل ائڪٽ ڪيس داخل ٿيو تہ رسول بخش خان ڀٽو چيو تہ ان ڪيس تي جيڪو خرچ ايندو مان برداشت ڪندس .اهو رسول بخش خان ڀٽو جي شرافت جو غيرفاني مثال آهي. (اهي ڏينهن اهي شينهن ڪتاب تان ورتل).



www.bhutto.org

تحرير: پير علي محمد شاهہ راشدي

# سردار واحد بخش خان ڀٽو

الله تعاليٰ ڪن ڪن ماڻهن ۾ اهڙيون خصوصيتون رکي ٿو جن جو اثر صدين تائين محسوس ڪجي ٿو. مثلاً واحد بخش ڀٽو مرحوم ۾ اها خاصيت هوندي هئي جنهن بہ هنڌ ويهندو هو اتي ميلو لڳو پيو هوندو هو. سندس رهائش گاهہ واري جاءِ تي پر ان سڄي شهر مٿان بسنت رت ڇانيل هوندي هئي. گهٽي گهٽي وٿاڻن مان خوشي پئي ظاهر ٿيندي هئي تہ اڄ ڪوبہ غير معمولي ماڻهو تر ۾ لٿل آهي. سندس اميراڻي طرز تي رهڻ ۽ هلڻ ڪو هن ڪان سکي ها! زمينداري وڏي ۽ دولت ڪافي هئس. اڌ سنڌ جي وڏيرن سان دوستي ۽ لاڳاپا هئس. دوستي گهڻو ڪري جوان مردن ۽ همت وارن سان رکندو هو. پنهنجي دوستن سان انتهائي وڏي دل سان سلوڪ ڪندو هو. ٽيل شڪار سير تفريح، گانن جي محفل کي چماڻ وارو 29 سالن جي ننڍي چمار ۾ وفات ڪري ويو. مرحوم سينٽرل اسيمبلي جي چونڊ زميندارن ۽ جاگيردارن واري سيٽ تي ڪامياب ٿيو. ان بعد بمبئي ڪائونسل جو بنا مقابلي ميمبر چونڊيو ويو. علائقي جي هڪ شخص ڇٽي ٻرڙي جي زال فرار ٿي وئي تہ هن سردار واحد بخش خان ڀٽي تي الزام مڙهيو تہ سندس زال گم ڪرڻ ۾ هن جو هٿ آهي. لاڙڪاڻي جي جوشيلي نوجوان پارسي آفيسر اسسٽنٽ ڪليڪٽر گور والا کي درخواست ڏني وئي جيڪو وڏيرن خلاف هو جنهن جانچ جي لاءِ ضلعي جي ڪپتان مسٽر جج ڏانهن درخواست ڏني جنهن سب انسپيڪٽر عبدالله خان پٺاڻ حوالي درخواست ڪئي .عبدالله خان، واحد بخش خان ڀٽو کي گرفتار ڪري ريزيڊنٽ مئجسٽريٽ وٽ وٺي آيو. ڇاڪاڻ تہ مسمات خانزادي کي فوت ٿيڻ بعد دفنايو ويو پر قبر مان لاش غائب ڪيو ويو. ضمانت لاءِ درخواست عدالت ۾ پيش ڪئي وئي سردار واحد بخش خان ڀٽو جي منهن تي گهنج بہ نہ آيو. سندس چهري تي ڪنهن بہ قسم جي پريشاني ڪانہ هئي. رات جو 8 وڳي ڌاري سيشن ڪورٽ مان سندس ضمانت ۽ آزادي جو حڪم آيو. اها ضمانت سر شاهنواز ڀٽو ڏني ۽



www.bhutto.org

اهو ڪيس آغا غلام حسين جي عدالت ۾ هليو. جڏهن ته سردار واحد بخش خان ڀٽو جو وڪيل مسٽر ٽي جي الفسٽن هو. ان وقت ديسي مئجسٽريٽ انگريز وڪيل جو گهڻو خيال رکندا هئا. ڪيس حيدرآباد جي سيشن ڪورٽ ۾ هليو. ڪيس کي ٻن حصن ۾ ورهايو ويو. انگريز جج ڪيس جو هڪ حصو هلائي جوابدارن کي آزاد ڪيو. ٻئي حصي جي ڪيس مان وڏي پيڙا کانپوءِ آزاد ڪيو ويو .سنڌ آبزرور ڪراچي جي سخت معتصب مدراسي هندو ڪي پنيا سردار واحد بخش ڀٽو جي ڪيس خلاف سخت قسم جو ايڊيٽوريل لکي جواز پيدا ڪيو جنهن بعد بمبئي ڪائونسل ۾ بحث مباحثو ٿيو پر ڪيس اڳ ختم ٿي ويو هو. مرحوم ڪنهن به انسان اڳيان هٿ ڊگهو نه ڪيو پس پرده ياد خدا ۽ نماز کان غافل نه رهيا. مرحوم جڏهن انڊين اسيمبلي ۾ چونڊجي دهلي ويو ته اتي ڳاڙهي رنگ جي هڪ تازي آيل شاهي موٽر ڪار پئڪارڊ ۾ اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ ويندا هئا. ان وقت جي راجائن وٽ به اهڙي گاڏي ڪانه هئي. اها موٽر ڪار جڏهن ڪراچي ۾ هلندي هئي ته ماڻهن جا ميڙ گاڏي کي ڏسڻ جي لاءِ گڏ ٿيندا هئا. پاڻ لباس راجائن جهڙو پهريندا هئا. جيڪو راجپوت پهريندا هئا. رنگارنگي پڳ, سوٽ يا شيرواني ۽ شلوار ڪڏهن شلوار سان گڏ ريشم گلدار پهراڻ ۽ زري سان ڀريل. ڊٺيّ تعاليٰ طرفان ڏنل سهڻي صورت تي هر قسم جو ڪپڙو مٺس ٺهڪندو هو. قد وري ڊگهو چهرو موڪرو ڪتابي شهپر وڏا ڀرون جاڙيون رنگ ڪليل. ڪيس نمونيا ٿي جنهن بعد وفات ڪري ويو. مرحوم هزارين نادار بيواهه عورتن, يتيمن جي پرورش ڪندو هو. (اهي ڏينهن اهي شينهن ڪتاب تان ورتل)



www.bhutto.org

تحرير: پير علي محمد شاهہ راشدي

# نواب نبي بخش خان ڀٽو

نواب نبي بخش خان ڀٽو مرحوم طبيعت جو نهايت سانتيڪو، سچو شريف النفس انسان ڪنهن کي ڏک نہ ڏنائين. صلح پسند، خاموش، فقيرانہ مزاج جو انسان هو. ڪو ماڻهو ڪيس سخت ڏک پهچائيندو هو تہ ٻڙڪ ٻاهر نہ ڪيندو نہ ڪڇندو هو. سڄي عمر ڪنهن کي گهٽ وڌ هڪ اکر ڪتو تکو ڪونہ ڳالهايائين. ڪم گوئي ۽ خاموشي جو اهو عالم هو جو ڪلاڪن جا ڪلاڪ خاموش ويٺل هوندو هو جيستائين ٻيو ڪو ساڻس نہ ڳالهائي .سندس وعدو سون جو ٽڪو سندس ڪردار بي داغ. سياست ۾ سالن جا سال رهيو .سياست کي پنهنجي غرض جي لاءِ استعمال نہ ڪيائين، هميشہ اصول پسند سياست ڪيائين. نواب نبي بخش خان ڀٽو ضلعي لاڙڪاڻي جي لوڪل بورڊ جو صدر چونڊيو ويو. اٺ سال ان عهدي تي برقرار رهيو سندس ايمانداري جو مثال سڄي ضلعي ۾ ڏنو ويندو هو. چار سال بمبئي ڪائونسل جو ميمبر، ڏهہ سال سينٽرل اسيمبلي دهلي جو ميمبر رهيو. ڪڏهن بہ پارٽي نہ بدلايائين نہ سرڪار جو ڇاڙتو ٿيو .نہ خطاب ورتائين، نڪي وزارت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين. جنهن سان وعدو ڪندا هئا، توڙ نڀائيندا هئا. نواب نبي بخش خان ڀٽو 34_1933ع ۾ انڊين ليجسليٽو اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو انڊين نيشنل ڪانگريس پڻ اسيمبلي ۾ پهتي تہ حڪومت ۽ ڪانگريس جي وچ ۾ ٽڪراءُ شروع ٿيو. ڪيترن ئي ميمبرن سرڪار سان لاڳاپو رکيو ۽ پنهنجا ڪيترائي ڪم ڪيرايا، پر نواب نبي بخش خان ڀٽو درويش صفت انسان هڪ پائي جو بہ فائدو حاصل نہ ڪيو. پنهنجو ووٽ پنهنجي ضمير جي آزادي موجب استعمال ڪندو هو. ڪانگريس ۽ سرڪار جي وچ ۾ اسيمبلي جي صدارت جو مقابلو ٿيو تہ سر عبدالرحيم جيڪو محمد علي جناح جي انڊيپينڊنٽ پارٽيءَ جو اميدوار هو ٻئي طرف ڪانگريس جو اميدوار مسٽر شيرواني هو. نواب نبي بخش خان ڀٽو وعدي موجب ووٽ مسٽر شيرواني کي ڏنو ڪٽ هار جو دارومدار هڪ ٻن ووٽن تي هو جيتوڻيڪ سندس خلاف اليڪشن پٽيشن هندوستان سرڪار وٽ پڌٽي ويچار هيٺ هئي پر سرڪاري دڙڪن ۽ لالچن کي هڪ پاسي رکي نواب نبي بخش خان ڀٽو پنهنجو ووٽ ڪانگريسي اُميدوار کي ڏنو. هڪ ٻئي سنڌي ميمبر ووٽ سرڪار جي اميدوار کي ڏنو تہ سر عبدالرحيم هڪ ووٽ وڌيڪ کڻي ڪامياب ٿيو ۽



www.bhutto.org

ڪانگريسي اميدوار هڪ ووٽ تان هارايو. سينٽرل اسيمبلي ۾ سرڪار طرفان بل پيش ڪيو ويو ته ڪنهن به انقلابي ماڻهو کي بنا ڪيس هلائڻ جي ڪيترو عرصي جي لاءِ جيل ۾ رکي سگهجي. سر بندرانائڪ اسيمبلي ۾ اهو بل آندو ڪانگريس پارٽي ان بل جي مخالفت ڪئي. نواب نبي بخش خان ڀٽو تي ڪيترائي زوربار آندا ويا پر هن ووٽ ڪانگريس جي حق ۾ سرڪار جي مخالفت ۾ ڏنو. سنڌ اسيمبلي ۾ نواب نبي بخش خان ڀٽو پنهنجي ان ساڳئي اصول تي قائم دائم رهيو. ذاتي فائدو اصل نه ورتائين. جنهن سيٽ تي وينو ان سيٽ تي ويٺل رهيو. سرڪاري ڏر طرف جهڪائو نه رکيائين. ضمير، اصول جي پاسداري ڪندي پنهنجي ايمان تي قائم رهيو. نواب نبي بخش خان ڀٽو ضلعي لاڙڪاڻي جي لوڪل بورڊ جي صدارت جي چونڊ دوران خانبهادر محمد ايوب کهڙو کي هارائي ڪامياب ٿيو. سينٽرل اسيمبلي جي چونڊ ۾ ٻن سيٽن تي سر عبدالله هارون ۽ نواب نبي بخش خان ڀٽو ڪامياب ٿيا. جڏهن ته شيخ عبدالمجيد سنڌي هارايو. نواب نبي بخش خان ڀٽو جو ٽيون مقابلو قاضي فضل الله سان ٿيو جيڪو بعد ۾ وزير تعليم ۽ سنڌ جو وڏو وزير چونڊيو ويو. سنڌ اسيمبلي جي رتي ديري ميرو خان تعلقن تي بڌل ان تڪ تان نواب نبي بخش خان ڀٽو وڏي اڪثريت سان چونڊ کٽي جڏهن ته ان ساڳئي سيٽ تان سر شاهنواز ڀٽو چونڊ هارائي وڃي دهلي ۽ بمبئي هليو ويو هو. نواب نبي بخش خان ڀٽو جڏهن سينٽرل اسيمبلي جو ميمبر چونڊيو ويو ته هن خيال ڏيکاريو ته کيس هندوستان جي ريلوي ايڊوائزري ڪاميٽي ۽ سينٽرل ايڊوائزري ڪائونسل جو ميمبر چونڊيو وڃي. ان اسيمبلي ۾ سڀ کان پهرين محمد علي جناح سان ويسٽرن ڪورٽ وٽ هوٽل ۾ ملاقات ڪئيسون. محمد علي جناح سان اعليٰ پير حضرت سائين صبغت الله شاهه راشدي پير صاحب پاڳارا پهرين جي ڪيس جي سلسلي ۾ بطور وڪيل ملاقاتون رهيون. ان وقت ۾ اجا مسلم ليگ ۾ قائداعظم شامل نه ٿيو هو ۽ هو آزاد پارٽي ۾ هو. ٻئي طرف سرڪار ۽ ڪانگريس پارٽي هئي. قائداعظم محمد علي جناح ملاقات دوران نپ جواب ڏنو اهو ناممڪن آهي ڇاڪاڻ ته انهن جاين جي لاءِ پارٽين طرفان اميدوار بيهندا آهن. جيئن اسان جو اميدوار مولانا شوڪت علي آهي. تنهن ڪري ٻئي ڪنهن به ٻاهرئين اُميدوار لاءِ فقط ڪابه گنجائش ڪانهي. ان بعد اسان خدا حافظ چئي ٻاهر هليا آياسين. مون جناح صاحب کي چيو ته الله تعاليٰ گهريو ته انهن سيني ڳالهين جي هوندي به نواب نبي بخش خان ڀٽو ضرور ڪامياب ٿيندو ۽ اوهان جو ذڪر ڪيل اميدوار پٽ تي پيل نظر ايندو. مون



www.bhutto.org

اسيمبلي جي جونيئر ميمبرن سان تعلق وڌائي سوکڙيون، پاکڙيون، سنڌ جا ميوات، رات جي ماني جون دعوتون، قوالين جا اهتمام، بيمار ميمبرن جي عيادت ڪرڻ لڳاسين. هڪ وڏي دعوت دوران نواب صاحب بورچي کان اهڙو ڇيلو تيار ڪرايو جو سر جيمس گرگ جي شرڪت سبب سرڪار ڏر تي اثر پيو ته سر جيمس جي نواب نبي بخش خان سان وڏي دوستي آهي. سر لانسلاٽ گراهم جيڪو وڏو اثر رسوخ رکندو هو نواب نبي بخش خان جي دعوت کان پوءِ سندس شرافت جو ذڪر ڪندو رهندو هو. هن نواب نبي بخش خان ڀٽو خلاف شيخ عبدالمجيد سنڌي جي داخل ڪيل اليڪشن پٽيشن ابتدائي قانوني اعتراض جي بنيادن تي رد ڪري ڇڏي ڪانگريس پارٽي جي هڪ حلقي طرفان ساڻس همدردي هئي ڇاڪاڻ ته نواب نبي بخش خان ڀٽو سندس صدارتي اميدوار کي ووٽ ڏنو هو. ٻئي طرف جونيئر ميمبرن اندروني طرح سان ووٽ ڏنا. ان ڪري نواب نبي بخش خان ڀٽو ڀهرين يا ٻئي نمبر تي ڪامياب ٿيو ته مون قائداعظم محمد علي جناح کان پڇيو ته چونڊ جو نتيجو ڪهڙو نڪتو ڇيائين ته توکي خبر آهي ڇاڪاڻ ته سندس اميدوار هارائي ويو هو. تحرير: پير علي محمد شاهه راشدي ميان نصير محمد خان ڀٽو ميان نصير محمد خان ڀٽو نواب نبي بخش خان ڀٽو جو هڪ عزيز سندس ڪم ڪار ۾ شامل هوندو هو. هڪ ڳوناٺو تعليم فقط سنڌي پڙهيل هو پر سندس خاموشي مدبرانه سمجهه جي ڳوڙهائي ۽ تيز فهمي قابل ديد ۽ ڳالهه ٻولهه دوران سندس ڊپلوميسي ڏسڻ وٽان هوندي هئي. ڪيڏي به وڏي تقرير سندس اڳيان ڪئي وڃي پر هن اکرن ۾ هر ڪنهن کي منجهائي ماريندو هو. رهڻي ڪرڻي بلڪل سادي ۽ صورت مولوين جهڙي هوندي هئس. سندس نياز ۽ نوڙت ڏسي ماڻهو کي ڪهل پئي ايندي هئي پر شل نه ڪنهن ڪم جي پنيان روانو ٿئي. اهڙا سنجيدا ۽ دينوي ڪاروبار جا هوشيار سنڌي اڄ بلڪل نظر نٿا اچن. هڪ ڀيري مون کائنس کان پڇيو ته هو ڪهڙي طرح سان پنهنجي جذبات تي ايتري قدر ضابطو رکي ٿو. جو انتهائي بدتميزي ۽ ڪاوڙ ڏياريندڙ ڳالهه ٻولهه جي پيٽ ۾ ڪيس ڪابه چڙ يا ڪاوڙ نٿي اچي. ڇيائين ته ماڻهو جو ڪم ڪم سان ڏيان اصلي مقصد تي هجڻ گهرجي وچ جي ڳالهين ڏانهن پنهنجو ڏيان ڇو وجهڻ ڏجي. اصول جي اونهائي غور طلب آهي. (اهي ڏينهن اهي شينهن ڪتاب تان ورتل)



www.bhutto.org

# سردار ممتاز علي خان ڀٽو

سردار ممتاز علي خان ڀٽو 1933ع ۾ نواب نبي بخش خان ڀٽو جي گهر ۾ ڳوٺ ميرپور ڀٽو )ڳوٺ سردار پير بخش ڀٽو) ۾ جنم ورتو. ممتاز ڀٽو صاحب ابتدائي تعليم گورنمينٽ سنڌي پرائمري اسڪول ميرپور ڀٽو ۾ حاصل ڪئي. ڪرسٽوفر ڪاليج لنڊن ۾ اڌائي سال تعليم حاصل ڪئي. ڪوئيٽا جي گرامر اسڪول گهوڙا گلي جي لارنس اسڪول ۾ اڍائي سال تعليم حاصل ڪئي. بعد ۾ 1944ع ڌاري اعليٰ تعليم جي لاءِ پرڏيهه هليا ويا. جتي آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ ۾ قانون جي ڊگري حاصل ڪئي. لنڪن ان ۾ 1958ع ڌاري بار ائٽ لاءِ (بئريسٽري) پاس ڪري پاڪستان ۾ وڪالت شروع ڪيائين. بئنڪ آف انڊيا بلڊنگ ۾ وڪالت جي آفيس قائم ڪيائون.

ذوالفقار علي ڀٽو جي زور ڀرڻ تي سياست سان لڳاپو رکيائون. سردار پير بخش ڀٽو لاڙڪاڻي ۾ ضمني چونڊ ۾ بيهاريو ته ان وقت ذوالفقار علي ڀٽو ممتاز علي ڀٽو کان سواءِ علي محمد ڀٽو به اتي موجود هو. جنهن سردار پير بخش ڀٽو جو نامينيشن فارم ڀريو. سردار پير بخش ڀٽو جي مقابلي ۾ عبدالمجيد خان جتوئي کي بيهاريو ويو هو. خانبهادر در محمد ايوب کهڙو ۽ قاضي فضل الله سنڌس مددگار هئا.

جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو وفاقي ڪابينا ۾ معدني وسيلن ۽ پرڏيهي معاملن جو وزير هو ته ان کي فيلڊ مارشل محمد ايوب خان مسلم ليگ ڪنوينشنل جو ضلعي صدر مقرر ڪيو. لاڙڪاڻي جي لاءِ اهڙي طرح سان ممتاز علي ڀٽو صاحب سياست ۾ داخل ٿيو. جڏهن ذوالفقار علي ڀٽو پيپلز پارٽي جو بنياد وڌو ته ممتاز علي ڀٽو، مير رسول بخش خان ٽالپر، عبدالوحيد ڪٽپر مرحوم، سيد قائم علي شاهه ۽ ٻيا پيپلز پارٽي ۾ شامل ٿيا. پيپلز



www.bhutto.org

پارٽي جي بنيادي ميمبرن ۾ معراج محمد خان ڊاڪٽر مبشر حسن، جي ايم سيد، رحيم ملڪ ۽ غلام مصطفيٰ خان جتوئي مرحوم ۽ ٻيا شامل آهن.

ڀٽو خاندان ۾ هڪ سياسي گهراڻو آهي. جنهن جو سربراهه سر شاهنواز ڀٽو هو. ذوالفقار علي ڀٽو جي شهيد بينظير ڀٽو سياسي وارث هئي.

جڏهن ته نواب نبي بخش خان ڀٽو جو فرزند سردار ممتاز علي خان ڀٽو آهي. جيڪو هن وقت سياست ۾ آهي. جڏهن ته نواب احمد خان ڀٽو جي اولاد مان پٽ ڪونه آهن. جڏهن ته سردار واحد بخش خان ڀٽو جي پٽ سردار پير بخش ڀٽو هو. سردار واحد بخش ڀٽو جي باقاعده 1930ع ڌاري دستار بندي ٿي هئي. جنهن سبب سڄي نَنڍي کنڊ جي ڀٽا راجستان مان پنجاب مان سنڌ پڳ جو ور ڏيڻ آيا هئا. سردار واحد بخش ڀٽو 1927ع ڌاري دهلي جي قانون ساز اسيمبليءَ ۾ سنڌ مان ميمبر اول هو. جڏهن ته ٻئي نمبر تي سر حاجي عبدالله هارون دهلي اسيمبلي جو ميمبر هو.

1935ع ڌاري سردار واحد بخش ڀٽو جي وفات بعد نواب نبي بخش خان ڀٽو کي دهلي جي قانون ساز اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو. جنهن سبب ڀٽو خاندان جو سياست ۾ عمل دخل وڌي ويو. ڀٽو خاندان جون زمينون ڳڙهي خيرو ضلعي جيڪب آباد، قمبر علي خان شهدادڪوٽ، رتو ديرو، نئون ديرو کان علاوه ٿي هزار ايڪڙ زمين تعلقي گهوڙا ٻاڙي ضلعي ٺٽي ۾ هئي.

ڀٽو خاندان بيگلاري ڪينال جي ڪوٽائي ۾ حصو ورتو ته کين زمين ملي ۽ انگريزن جي دور کان زميندار بڻجي ويا.



www.bhutto.org

تحرير: جميل احمد خان ڀٽو

# مرحوم ولي محمد خان ڀٽو

محترم ولي محمد خان ڀٽو يارهين آڪٽوبر 1899ع تي وڏيري شير محمد خان ڀٽو جي گهر بقام ميرپور ڀٽو تعلقو رتوديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. سندس ابتدائي تعليم پنهنجي آبائي علائقي منجهه ٿي ۽ انهي زماني جي وڏيرڪي ماحول مطابق سنڌيءَ جي ستن درجن تائين رسمي تعليم مڪمل ڪيائون. البته پنهنجي ذوق ۽ شوق موجب جوانيءَ جي عالم ۾ فارسي، اردو، هندي، انگريزي ۽ عربي زبانن جي ادب سان واقفيت حاصل ڪيائون. پنهنجي هڪ تحرير ۾ نهايت عاجزي ۽ انڪساريءَ کان ڪم وٺندي هن ريت لکيو اٿن: "منهنجو مطالعو موچارڙو پورو پُنيڙو آهي. انهيءَ ۾ اضافو آڻڻ ۽ واڌ وڌائڻ واسطي مون اڀياس کي اڳتي وڌايو. ڪجهه پرائڻ لاءِ پاڻ پتوڙيو. اڪيچار اُپاءَ ورتا، اڻ ڳڻت اکر اجاگر ڪيا، ڏاڍا ڏاڪڙا ڏٺا. انيڪ ڪشالا ڪڍيا، جهنگ جبل جهاڳيا، ڪيئي لڪ لتاڙيا، مسافريءَ جون منزلون ڪاٽيون، بي انتها سختيون سَٺيون، سُور پرايا، جيءَ جان جا جتن ڪيا، هزارين ڇيلا هلايا، تڏهن وڃي ڪنهن جي تڏي جي ڪنڊ تي ويهڻ جهڙو ٿيس. وڏن وڏن ودوانن، اديبن ۽ اڪابرن، فلاسفرن ۽ مفڪرن جون حاضريون ڀريون. اعليٰ عالمن جون جُتيون سڌيون ڪيون. ڪچي ٿهيءَ ۾ انهن جون املهه لاکيڻيون لکڻيون پڙهيون. سندن طرز تحرير ۽ تڪلم کي هنئين سان هنڊايو. گويائي جي گوهرن سان دامنِ مراد ڀريم." مرحوم ولي محمد خان ڀٽو (تخلص "اسير") سنجيده تحرير ۽ تحقيق جا ٿائل هئا. سندن جاري ڪيل اخبار "عندليب" انهيءَ انداز فڪر جي عڪاسي ڪندي رهي. ڀٽو قوم جي اصليت بابت به ڪافي تحقيق ڪندا رهيا. سندن لکيل ڊائري ۾ ڀٽو قوم جي باري ۾ هڪ واقعو هن ريت درج ٿيل آهي: "اتفاق اهڙو ٿيو جو قاضي فضل الله وزير وٽ سڪندر علي خان ڀٽو ۽ ذوالفقار علي خان ڀٽو ٻئي ڀائر (ڀٽو برادران) رهيل هئا. منهنجو به ساڻن ملڻ ٿيو. ڳالهه ٻولهه جي وچ ۾ ذات پات جو سوال سامهون آيو. ڀُٽن ۽ آرائين جو مسئلو اٿيو. مون چيو اسان وچان ٿي ٿيان آهيون. راجپوت سورج بنسي سُورهه "تاريخ راجپوتان" ۾ ائين ڄاڻايل آهي. ذوالفقار علي خان جي تسلي نه ٿي. اُلٽو زهريلي ڪِل ڪلڻ لڳو. ٿورن ڏينهن گذرڻ بعد سڪندر مرزا پنهنجي وزارت ۾ ڪيس کنيو. جلد ئي پريس وارن کي



www.bhutto.org

ملاقات ڏيندي پاڻ کي راجپوت چوايائين." ساڳي ڊائري ۾ هڪ هنڌ تي لکيو اٿن: "ڀٽہ سنڌ پنجاب ۽ بهاولپور رياست ۾ رهن ٿا. ٻين هنڌن وارن کان وڏي زميندار ي وارا, سنڌي ڀٽہ آهن. سندن سڪونت ٽن ڳوٺن (ميرپور ڀٽو) ڳڙهي خدا بخش ۽ نئون ديري ۾ رهندي آئي آهي. انهن ڳوٺن ۾ رهندڙ ڀٽن مان گهڻا قاسماڻي, ڪي بکراڻي ۽ ڪجهہ پيا آهن. محمد قاسم خان جي اولاد پاڻ کي قاسماڻي ۽ بکر خان جا پويان پاڻ کي بکراڻي چوائن ٿا. سردار نبي بخش خان ۽ ذوالفقار علي خان جا پويان پاڻ کي بکراڻي چوائن ٿا. سردار پير بخش (پهريون) ۽ هن شجرع جاڻائيندڙ جو پڙ ڏاڏو حاجي محمد مراد خان ٻئي قاسماڻي پاڙي جي پيدائش هئا. وڏيري دوده خان پنهنجي ناني حاجي محمد امين خان جي نياڻيءَ سان شير محمد خان (مرحوم جو والد صاحب) جي شادي ڪرائي ڇڏيائين. انهيءَ لاڳاپي سان وڏيرو غلام مرتضيٰ خان ۽ ابو شير محمد خان هڪ ٻئي جا "سنڌو" ٿيا. سر شاهنواز خان ۽ آءٌ هڪ ٻئي جا "ماسات" ٿيون." سر شاهنواز خان ڀٽو سان مرحوم ولي محمد خان ڀٽو جي ياري هئي ۽ هڪ ٻئي جي دل جو حال ۽ دماغ جو خيال وندبيندا رهندا هئا .لکن ٿا: "وفات کان ٻہ ٽي مهينا اول, ادي سر شاهنواز خان مون کان پڇيو تہ ڪهڙو مذهب چڱو آهي. جنهن جو پوئلڳ ٿجي؟ مون چيو مذهب تہ سيئي سنا آهن. مڙني جو متو حق موجود تي ٻڌل, سيني جي سکيا سيتل سُندر, جُملا جوت پسائڻ وارا, هُو حق جا مبلغ ۽ پرچارڪ, مرڪز ۽ محور تہ هڪ آهي. واٽون ويهہ ٿيون .ڪُهہ جاڻان ڪهڙيءَ وڃان؟ ڪا راهہ سنئي سڌي, ڪا واٽ ورن وراڪن واري اتي رهبر ۽ رهنما جي ضرورت آهي جو هٿ وٺي سنئين دڳ لائي, لالڻ وٽ پهچائي, ڍولڻ وٽ رسائي, پنهل ڏي پرچائي. پاڻ فرماياڻون "الحمدالله مسلمان تہ منڍ کان آهيون. الله پاڪ ۽ ان جي رسول مقبول ﷺ تي ايمان رکون ٿا. الله پاڪ کي اڪيلو ۽ سندس حبيب کي پيغمبر ﷺ برحق مڃون ٿا. اسلام اسان جو دين ۽ مذهب آهي. منهنجو مطلب ۽ سوال سُني يا شيعہ فرقہ متعلق سمجهو. مون عرض ڪيو" فرقہ بندي پوءِ جي پيداوار آهي. حضور انور ﷺ جن جي ايامڪاريءَ ۾ اهو چڪر نہ هو. البتہ مولانا سيد علي حائري جي منهان مون بار بار هيءَ بند ٻڌو" :جعفري باش, گر خدا خواهي..." سر صاحب ڏيان سان ٻڌو ۽ دلچسپي ورتي لڳو. مون کان ڪجهہ سمجهاڻيون گهريائين. پنهنجي جاڻ موجب, مون انهن تي روشني وڌي .مون کي ائين معلوم ٿيو جڻ منهنجي مغز ماري کان گهڻو مطمئن ٿيا هجن. پوءِ جو ڀٽو ناهي تہ پڇاڙيءَ جا پساهہ ڪهڙي ريت پورا



www.bhutto.org

ڪيائين. جعفري ٻٽيو يا حنفي ٿي رهيو. هر حال ۾ سندس هالاڻو مون لاءِ سخت صدمو ثابت ٿيو. ٻئي مٽا ملائي ويهي ويچاريندا هئاسين.“ مرحوم ولي محمد خان ڀٽو جو هڪ ئي ڀاءُ حاجي خان محمد خان ڀٽو هيو جو عين شباب جي عالم ۾ (ٽيهن سالن جي عمر) ذيابيطس جهڙي موذي مرض ۾ مبتلا ٿي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. سندن مرحوم ڀاءُ جو هڪ ئي پٽ محترم آغا محمد خان ڀٽو مغربي پاڪستان جي اسيمبلي ۾ چيف رپورٽر جي حيثيت سان رٽائر ٿيو ۽ ڪائنس بعد سندس اڪيلو پٽ خان محمد عرف ارشاد احمد ڀٽو وارث ٿيو آهي. مرحوم ولي محمد خان ڀٽو پنهنجي اولاد جي تعليم ۽ تربيت تي خاص توجهه ڏني. سندن وڏي ۾ وڏو فرزند اختر احمد خان بي اي، ايل ايل بي ڪري ميونسپل ايڊمنسٽريٽر جي حيثيت سان ملازمت ڪرڻ بعد حيدرآباد شهر جو معروف وڪيل ٿي رهيو آهي ۽ هاڻ پنهنجي ڪٽنب سان ڪراچيءَ ۾ رٽائرڊ زندگي گذاري رهيو آهي. جناب ولي محمد خان ڀٽو جي سڀ کان وڏي دختر نيڪ اختر خورشيد ڀٽو ايم اي، بي ايڊ اقتصاديات جي پروفيسر جي حيثيت سان ملازمت مڪمل ڪرڻ بعد ڪراچيءَ ۾ مقيم آهي. ٻيو نمبر فرزند ارجمند مختار احمد خان ڀٽو ڪامياب واپاري ۽ سياسي و سماجي رهبر ٿي رهيو ۽ 2005ع ۾ انتقال ڪري ويو ) سندن شخصيت جي حوالي سان هن ڪتاب اندر مضمون موجود آهي). ٽيون نمبر فرزند محترم جميل احمد خان ڀٽو (مضمون نگار) بي اي، ايل ايل بي، ايم ايس سي، ايل ايل ايم ڪري مرڪز جي اعليٰ ملازمتن (سي ايس ايس) جو امتحان پاس ڪري درجه بدرجه وفاقي حڪومت ۾ مختلف عهدن تي خدمات سرانجام ڏيڻ بعد وفاقي سيڪريٽري (گريڊ 22) جي حيثيت سان 2003ع ۾ رٽائرڊ ٿيو آهي. چوٿون نمبر پٽ اعجاز احمد خان ڀٽو يونائيٽڊ بئنڪ ڪراچي ۾ مئنيجر رهي فارغ ٿيو آهي ۽ آخري فرزند ڊاڪٽر شير محمد خان ڀٽو ايم بي بي ايس، ايم سي پي ايس ماهر امراض جلد ڪراچي شهر ۾ مقيم آهي. محترم ولي محمد خان ڀٽو پنهنجي عزيز ترين فرزند جميل احمد خان ڀٽو سان گڏ رهائش پذير رهيا. آخري رهائش سندن ذاتي بنگلي نارٿ ناظم آباد ڪراچي منجهه رهي ۽ اتي ئي 1977ع ۾ انتقال ڪيائون. کين سخي حسن ڪراچي جي قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

حق مغفرت کري عجب آزاد مرد تها



www.bhutto.org

# علي محمد ڀٽو

علي محمد ڀٽو 23 سيپٽمبر 1908ع تي ڳوٺ پير بخش ڀٽو ميرپور ڀٽو تعلقي رتيديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڊاڪٽر حڪيم حاجي نور محمد ڀٽو جي گھر ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ جي گورنمينٽ سنڌي پرائمري اسڪول ۾ بعد جيڪب آباد مدرسه هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي، مدرسه هاءِ اسڪول ۾ سنڌي فائنل ڪرڻ بعد 1929ع ڌاري آبپاشي کاتي ۾ منڊ ڪوٽ پنجاب ۾ نوڪري شروع ڪئي. بعد ۾ کيس سکر بئراج ۾ ٽائيم آفيس ۾ رکيو ويو ۽ بئراج ڪالوني سکر ۾ رهائش اختيار ڪيائون. منڊ ڪوٽ ۾ رهائش دوران خواجه غلام فريد جي گھراڻي جا مريد ٿي ويا ۽ اتي جا سيد کيس گھڻو پيار ڏيندا هئا. علي محمد ڀٽو صاحب صوم صلوات جو پابند هو. هر وقت باوضو رهندا هئا. علي محمد ڀٽو صاحب 1930ع ۾ سروسز اينڊ جنرل ايڊمنسٽريشن کاتي ۾ ٽائپسٽ مقرر ٿيا ۽ اتي اسٽينو سيڪشن جا انچارج هوندا هئا. 1931ع کان 1936ع تائين جيمس آباد ميرپور خاص ۾ ملازمت ڪيائون. 1939ع ڌاري سنڌ اسيمبلي جي وجود ۾ اچڻ کان پوءِ پهرين سنڌي آفيشل رپورٽر انگريزي ۾ بعد سنڌي شارٽ هئنڊ سکڻ بعد 1940ع ۾ سنڌي رپورٽر مقرر ٿيا. 1952ع ۾ رضاڪارانه طور تي رٽائرمينٽ حاصل ڪري انگريزي هفتيوار اخبار اسٽيٽ سرونٽ ۽ اردو ۾ پاڪستان ۽ سنڌي ۾ حمايت حق هڪئي وقت ڪراچي حيدرآباد، لاڙڪاڻو ۽ سکر مان جاري ڪيائون. حيدرآباد مان فضل پرنٽنگ پريس قاضي عبدالقيوم روڊ حيدرآباد مان اخبار جاري ڪندا هئا. کيس چونڊ دوران ووٽر لسٽن جو نيڪو بڻ ڏنو ويو. 1940ع کان 1951ع تائين سنڌ جي وڏن وزيرن خان بهادر محمد ايوب کهڙو سر غلام حسين هدايت الله، يوسف هارون ۽ پير الاهي بخش جا پي اي پڻ ٿي رهيا. 48_1947ع ۾ خانبهادر محمد ايوب کهڙي سيڪريٽري مهاجر آبادڪار بورڊ مقرر ڪيو. علي محمد ڀٽو گورنر جنرل آف پاڪستان ملڪ غلام محمد طرفان برطانيه سرڪار جي نالي تي ون يونٽ آرڊر ڪيڻ خلاف لکندي کيس ملڪ جو



www.bhutto.org

هئي تہ رياست بهاولپور، رياست خيرپور، رياست قلات، رياست دير ۽ سوات کي خودمختاري 1940ع جي قرارداد موجب ڏني ويئي. جيئن ان قدم بعد راجستان جون رياستون پاڪستان سان الحاق ڪنديون ۽ پاڻ مرادو رياست جوناڳڙهہ پاڪستان جو بيهر حصو بڻجي وينديون.

علي محمد ڀٽو مرحوم جڏهن جناح ڪئپ ۽ ٻن ڪيسن واري قميص ۽ شلوار پائيندو هو تہ چڻ ائين محسوس ٿيندو هو ڄڻ سنڌ جو علامہ مشرقي آهي. جڏهن خيرپور ميرس ۾ رهائش پذير هئا، ان وقت ۾ خاڪسار تحريڪ ۾ شموليت اختيار ڪيائون. شام جو مارڪيٽ وٽ طوفان هوٽل وٽ مسٽر شفيع ۽ ٻين خاڪسارن سان ڪچهريون ٿينديون هيون. ڪڏهن تہ مسٽر بشير گزدر بہ اتي ايندو هو، جيڪو ٺيڪيداري ڪندو هو. علي محمد ڀٽو صاحب جي شاعر ڊاڪٽر تنوير عباسي سان سندس گهر واري قمر، جيڪا پڻ ڊاڪٽر هئي، سندس فيملي جو علاج ڪرائيندا هئا.

علي محمد ڀٽو صاحب هميشہ وضو سان رهندا هئا، ان ڪري سي آءِ ڊي يا پوليس وٽن نہ اچي سگهندي هئي. علي محمد ڀٽو چوندو هو مان پنهنجي خاطر نہ پر ربّ پاڪ جي خاطر حق خاطر وڙهندو آهيان، ان ڪري مون سان ربّ تعاليٰ جي رحمت شامل حال آهي. ان ڪري ان وقت جي ظالم گورنر جنرل ملڪ غلام محمد جي خلاف پنهنجي اخبار ۾ تحرير ڪيائون.

هن ون يونٽ جو جيڪو آرڊر جاري ڪيو آهي، اهو ملڪ برطانيہ جي نالي تحرير ڪيل آهي. 1955ع ۾ بيهر نوڪري تي بحال ڪري اسسٽنٽ پبلسٽي آفيسر زراعت کاتو حيدرآباد خيرپور ۾ مقرر ڪيو ويو. جتان ڪين اولهہ پاڪستان لاهور ۾ چيف رپورٽر مقرر ڪيو ويو. جتان مارچ 1956ع ۾ رٽائرمينٽ وٺي 1966ع ۾ تائون ٽائي خيرپور لڳ ٽانگا اسٽينڊ وٽ قائد ڪمرشل ڪاليج جو بنياد رکيائين. جيڪو بعد ۾ 1967ع ۾ حيدر چوڪ حيدرآباد هاري حقدار بلڊنگ ۾ منتقل ڪيو ويو. جيڪو 1981ع تائين حيدرآباد ۾ قائم رهڻ بعد بند ٿي ويو. علي محمد ڀٽو صاحب سنڌي شارٽ هئنڊ جو ڪتاب تحرير ڪيو جيڪو سنڌي لئنگئيج اٿارٽي حيدرآباد وٽ 1994ع کان ڇپائڻ جي لاءِ پيل آهي. مرحوم 1967ع کان1974 ع تائين ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي بحيثيت پرونائونسيئيشن چيڪر ڪم ڪيو. سي آءِ ڊي کاتي جي هيڊ ڪانسٽيبلن کي سنڌي شارٽ هئنڊ جي



www.bhutto.org

سکيا ڏني جيڪي بعد ۾ ترقي ڪري سي آءِ ڊي انسپيڪٽر مقرر ٿيا. علي محمد ڀٽو سنڌ اسيمبلي ۾1971 ع تائين ڪانٽريڪٽ تي سنڌي رپورٽر مقرر ٿيا. عبدالله حسين هارون ۽ مظفر حسين شاهه جي دور ۾ 1986ع ۾ ٻه ڪانٽريڪٽ تي مقرر سکيا لاءِ مقرر ٿيا1974 .ع ۾ سيد احد يوسف خلاف صوبائي اسيمبليءَ جي سيٽ تي حيدرآباد مان مقابلي ۾ بيٺو. 1977ع ۾ قومي اسيمبليءَ جي سيٽ تي لياقت علي خان جتوئيءَ جي مقابلي ۾ بيٺو.

مرحوم کي سنڌ سيڪريٽريٽ جي ملازمن کي سنڌي شارٽ هئنڊ ۽ ٽائيپرائٽنگ سيکارڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو. جتي 28 مارچ 1987ع تائين ڪم ڪيائون. ڪين 28 مارچ متن فالج جو حملو ٿيو ۽ 31 مارچ 1987ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. ڪين حيدرآباد ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. علي محمد ڀٽو صاحب سنڌي آواز نويسي ڀاڱو ڀهريون. ٻيون ٽيون ۽ ٽنهي ڀاڱن جي ڪنجي لکي سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سندس وفات بابت 1994ع ۾ ان وقت جي چيئرمين ڊاڪٽر نواز علي شوق جي حوالي ڪيو ويو. جنهن ان کي ڪمپوز ڪرايو. ان کان علاوه سنڌي آواز نويسي جي لغت جيڪا اسيمبلي، ڪورٽ ۽ سيڪريٽريٽ جي ملازمن جي لاءِ 700 کان 1000 صفحن تي ٻڌل آهي. سنڌي ٻولي جي سوغات آهي. ان کان علاوه ملاوتي حرفن جا 12 جلد مرحوم تيار ڪيا. پر افسوس جهڙي ڳالهه آهي تہ سنڌي ٻولي جي بااختيار اداري جي اڳوڻي چيئرمين ڊاڪٽر غلام علي الانا سنڌي ٻوليءَ کي بين الاقوامي ٻولي بنائڻ واري ان ڪم ۾ دلچسپي نہ ورتي ۽ ان ڪم کي اڌورو ڇڏي ڏنائين



www.bhutto.org

# محمد اسماعيل ڀٽو

محمد اسماعيل ڀٽو 07 سيپٽمبر 1908ع ۾ ڳوٺ پير بخش ڀٽو ۾ ڊاڪٽر حڪيم حاجي نور محمد ڀٽو جي گهر ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ميرپور ڀٽو ۽ پير بخش ڀٽو تعلقو رتوديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ حاصل ڪيائون. وڌيڪ تعليم جامع اسلاميہ اسڪول ڪڍھ مان، مڊل ۽ ميٽرڪ سنڌ مدرستہ الاسلام ڪراچي مان سٺن نمبرن ۾ پاس ڪرڻ بعد فرسٽ ايئر بهاؤالدين ڪاليج جونا ڳڙھ مان پاس ڪيائون .ان وقت ۾ وڏي ويڙھ لڳڻ سبب وارويل جوناڳڙھ جي بندرگاھ تي برطانيہ جي جنگي جهازن، ملٽري ٽرڪن جي آمدرفت ڪري جرمن جهاز بمباري ڪرڻ لڳا تہ مهاڀاري جنگ سبب تعليم اڌ ۾ ڇڏي اسسٽنٽ ڪنٽرولر ڪراچي وٽ ملازمت اختيار ڪيائون. جتي غلام اسحاق خان اسٽيٽ ڪنٽرولر هو جيڪو بعد ۾ پاڪستان جو صدر مقرر ٿيو. بعد ۾ ٽرانسپورٽ کاتي، انڊسٽريز کاتي، پبلڪ ورڪس کاتي ۽ سنڌ گورنمينٽ پريس ڪراچي ۾ ڪم ڪرڻ بعد کين گورنر جنرل پاڪستان محمد علي جناح جو ڦهريون پرسنل اسسٽنٽ پي مقرر ڪيو ويو. جتي هن محمد علي جناح سان گڏ ڪم ڪيو. بعد ۾ تعليم کاتي ۾ استاد مقرر ٿيا. بي اي، ايل ايل بي ڪيائون.

1971ع ڌاري کين وزير تعليم در محمد اوستو جو بعد ۾ سيڪريٽري تعليم سيد پناھ علي شاھ جو بعد ۾ ڊائريڪٽر تعليم ڪراچي واحد بخش جو پي اي مقرر ڪيو ويو .تعليم کاتي مان رٽائر ٿيڻ بعد هاءِ ڪورٽ ۾ وڪالت ڪرڻ لڳا ۽ محمد اسماعيل ڀٽو اڳواٽ اڳڪٿي ڪئي هئي تہ ذوالفقار علي ڀٽو کي وزارت جو قلمدان ملندو .ذوالفقار علي ڀٽو وزارت جو قلمدان سنڀالڻ کانپوءِ کيس مبارڪباد ڏني هئي تہ توهان جي الله تعاليٰ ڳالهہ پوري ڪئي.

محمد اسماعيل ڀٽو جي گهر واري آمنہ بيگم ڀٽو بينظير ڀٽو کي قرآني تعليم ڏيڻ کان علاوه اردو ۽ اسلاميات پڙهائي هئي. محمد اسماعيل ڀٽو جي نياڻي صفيہ ڀٽو ڪلفٽن ڪراچي پ پ شعبہ خواتين جي صدر رهي چڪي



www.bhutto.org

آهي. جڏهن تہ رفعيہ ڀٽو ﭘ ﭘ گذري شعبہ خواتين جي اڳواڻ رهي چڪي آهي. محمد حنيف ڀٽو ﭘ ﭘ ڪراچي نرسري شاخ جو نائب صدر رهي چڪو آهي .جڏهن سندس ٻہ نياڻيون عارفہ ڪوثر ڀٽو ۽ طاهره ڀٽو ڊاڪٽر آهن. جڏهن تہ سندس ننڍي ۾ ننڍو فرزند اطهر احمد ڀٽو هوٽل ميرٽ ۾ جنرل مئنيجر جي عهدي تي فائز آهي.

محمد اسماعيل ڀٽو جي دعا هئي تہ الله تعاليٰ محتاجي کان بچائي، الله تعاليٰ سنڌ ڌرتي کي امن جو خطو ناهي، سيني مسلمان ڀائر مومنن جيان ڀاءُ ڀاءُ ٿي رهن.

محمد اسماعيل ڀٽو صاحب 4 ڊسمبر 1998ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. هن وقت ميوا شاهہ قبرستان ڪراچي ۾ مدفون آهن.



www.bhutto.org

# عنايت خاتون پنو

عنايت خاتون 8 آگسٽ 1936ع تي جان محمد اعواڻ جي گهر ڳوٺ آدمجي تعلقي ڳڙهي ياسين ان وقت ضلعي سکر هن وقت ضلعي شڪارپور ۾ جنم ورتو.

ابتدائي تعليم ڪلام پاڪ جي تعليم کان علاوه پنهنجي ڳوٺ مان پرائمري تعليم حاصل ڪئي. سلائي ڪڙهائي جي ماهر هئي.

الله تعاليٰ کين هڪ ڌيءُ ۽ پينرون عطا ڪيون هيون. طبيعت جي تمام صابرين عورت هئي اسان کي ڪڏهن دڙڪو به ڪونہ ڏنائين.

سندس والده امڙ آسٽ سان کيس تمام گهڻو پيار هو. عنايت خاتون جي شادي خانہ آبادي علي محمد پنو سان ٿي جنهن مان کين هڪ پٽ ۽ نياڻيون پيدا ٿيون جنهن مان هڪ نياڻي وفات ڪري وئي آهي.

عنايت خاتون صوم صلوات جي پابند هئي. ڪراچي ۾ جڏهن اسان گذري اپ واري گهر ۾ رهندا هئاسين. ان وقت گهر جي ڇت تان منهنجي پيڻ جيڪا گذاري وئي آهي چڙهي تہ لوهہ جي ڇت ۽ پٿرن جي ٿهيل پٽ اوچتو ڪري پئي ۽ پٽ ڪرڻ سان منهنجي پيڻ پٿرن ۾ دٻجي وئي. منهنجي والده جڏهن ڏيءَ کي غائب ٿيندي ڏٺو تہ هنيون جي باهہ کان جوش ۾ اچي تمام ٿوري دير ۾ سمورا سپ پٿر ڪٽي اڇلايا ۽ پنهنجي ڏيءَ کي پٿرن جي وچ مان ڪڍي سيني سان لڳايو.

بار جڏهن بيمار ٿيندا هئا تہ وحدت ڪالوني لاهور جي سروسز اسپتال ۾ اسان کي وٺي ويندي هئي. مون کي هڪ پيرو ڦرڙي نڪتي تہ تمام پريشان ٿي وئي. هڪ پيرو پرائمري جي ٽيچر منهنجي پيڻ کي مار ڏني تہ ان ٽيچر تي سخت ناراض ٿي وئي ۽ ان کي ڇنڊ پٽيائين. آخري وقت والده 2007ع ۽ 2008ع ۾ بيمار ٿي پئي. شيخ زيد بن سلطان اسپتال لاڙڪاڻو ۾ داخل ٿي وئي. سندس ڪيترائي ٽيسٽ ڪرايا ويا علاج هليو الله تعاليٰ کيس نئين زندگي ڏني ٻيهر 2008ع ۾ بيمار ٿي شيخ زيد بن سلطان اسپتال لاڙڪاڻو ۾ داخل ٿي وري 2010ع ۾ بيمار ٿي پئي ۽ 20 جون 2010ع تي



www.bhutto.org

شيخ زيد بن سلطان اسپتال لاڙڪاڻو ۾ وفات ڪري وئي.

ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر رفيعہ بلوچ سندس بهتر طريقي سان علاج ڪرڻ کان علاوه قرآني آيتن ذريعي سندس علاج ڪيو.

منهنجي پيڻ نور خاتون ڏينهن رات والده جي خدمت ڪئي. والده جي جنازي نماز وقت وڏي تعداد ۾ مدئجي شهر جي رهواسين جن ۾ ميربحر برادري وڏي تعداد ۾ شامل هئي. مولود شريف پڙهي کيس قبرستان ۾ دفنايو سيني اهڙي نموني سان تدفين ڪئي جهڙوڪ انهن جي پنهنجي والده هجي. منهنجي وڏي پٽ فواد علي تربت تي ٻارهي تي وڏي تعداد ۾ گلاب جا گل وڌا جو سڄي تربت ڍڪجي ويئي. الله تعاليٰ کيس جوار رحمت ۾ جاءِ عطا فرمائي. آمين ثم آمين.



www.bhutto.org

# آمنه بيگم ڀٽو

آمنہ بيگم ڀٽو 23 جولائي 1923ع تي احمد قريشي جي گهر ۾ ايران جي هڪ شهر ۾ جنم ورتو. بعد ۾ سندس والدين ۽ وڏو ڀاءُ علي محمد قريشي جيڪو سنڌ گورنمينٽ پرنٽنگ پريس ڪراچي ۾ ملازم هو. ان وٽ رهڻ لڳي. سندس رهائش گاهہ فيض عام بلڊنگ ايم اي جناح روڊ نزد سول اسپتال گاڏي کاتي ۾ واقع آهي. اتي جي حنيفہ ڀائي مشن اسڪول ميمڻ محلہ آرام باغ مان ابتدائي تعليم حاصل ڪرڻ بعد مڊل جو امتحان پاس ڪري گورنمينٽ پرائمري اسڪول گذري اپ ڪراچي ۾ بحيثيت پرائمري ٽيچر مقرر ٿي. اتي علي محمد ڀٽو ۽ محمد اسماعيل ڀٽو جو خاندان رهندو هو. آمنہ بيگم ڀٽو جي شادي خانہ آبادي محمد اسماعيل ڀٽو سان ٿي. محمد اسماعيل ڀٽو ان وقت قائد اعظم محمد علي جناح جو پي اي هو. جيڪو ان وقت پاڪستان جو گورنر جنرل هو. 1947ع بعد ۾ خواجہ ناظم الدين جو پي اي ٿي رهيو ۽ سندس سرڪاري رهائش گاهہ موجوده گورنر هائوس سابقہ گورنر جنرل هائوس ڪراچي هوندي هئي.

ڪيس پٽ محمد امين ڀٽو، محمد حنيف ڀٽو، محمد اسحاق ڀٽو اطهر احمد ڀٽو ۽ نياڻي صفيہ بيگم ڀٽو رفيعہ بيگم ڀٽو ڊاڪٽر طاهره ڀٽو تنوير ڪوثر ڀٽو ۽ ڊاڪٽر عافہ ڪوثر ڀٽو آهن.

محمد امين ڀٽو وڏو فرزند وفات ڪري چڪو آهي. محمد حنيف ڀٽو تعليم کاتي ۾ ملازم آهي. ڊاڪٽر طاهره ڀٽو بحرين ۾ آهي. صفيہ بيگم ڀٽو هيڊ مسٽريس شاهہ لطيف اسڪول سنڌي مسلم سوسائٽي ڪراچي رٽائرڊ ڪيو آهي. سندس نياڻي ڊاڪٽر عارفہ ڀٽو سوڀراج اسپتال ڪراچي ۾ ڊاڪٽر آهي. اطهر احمد ڀٽو ميرٽ هوٽل ڪراچي جو جنرل مئنيجر آهي. آمنہ بيگم ڀٽو کي 1967ع ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو گذارش ڪئي هئي تہ مرتضيٰ ڀٽو بينظير ڀٽو، صنم ڀٽو ۽ شاهنواز ڀٽو عصر جي نماز جي تربيت ڏي اسلاميات ۽ اردو جي تعليم ڏي جنهن لاءِ آمنہ بيگم ڀٽو عصر جي نماز



www.bhutto.org

وقت ڪين پڙهائڻ جي لاءِ 70 ڪلفٽن ويندي هئي. شاهنواز ڀٽو کي گهر ۾ پيار مان گوگيل چوندا هئا. آمنه بيگم ڀٽو به حج ۽ ٽي عمرا ڪيا. سندس ننڍي فرزند اطهر احمد کي الله تعاليٰ توفيق ڏني، پنهنجي والده ۽ والد کي حج ڪرايائين. آمنه بيگم ڀٽو مڪي شريف ۾ بيمار ٿي پئي، سندس ڌيءَ ڊاڪٽر عارفه ڪوثر ڏينهن رات پنهنجي والده جي خدمت ڪئي. آمنه بيگم ڀٽو 30 نومبر 2007ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي. ڪيس ميوه شاهه قبرستان نزد گارڊن ڪراچي ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو. ان الله و انا عليه راجعون



www.bhutto.org

تحرير: حافظ محمد موسيٰ ڀٽو

# مولانا جان محمد ڀٽو

مولانا جان محمد ڀٽو 1918ع ۾ ٻنگل ديري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ برک عالم دين مولانا مبارڪ ڀٽو جي گهر ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم ڳوٺ جيئندو ديرو ضلعي شڪارپور ۾ سنڌي پرائمري، انگريزي جا ٽي درجا پاس ڪري سيپٽمبر 1932ع ۾ سنڌي ورنيڪيولر فائنل جو امتحان پاس ڪري عالم دين علي محمد ڪاڪيپوٽي کان 1935ع کان 1937ع تائين عربي فارسي پڙهي 1940ع ڌاري مولانا عبدالله کوکر کان سنڌي ترجمي سان ڪلام پاڪ 1941ع ڌاري درود و حديث مڪمل ڪري ورتي. 21 مئي 1942ع تي سنڌس دستاربندي ڪئي وئي. ساڳئي سال ۾ انجمن ابرار جو بنياد وڌائون. 1943ع ۾ مدئجي شهر ۾ 18 نومبر 1944ع ڌاري آرائين ۾ حڪمت شروع ڪيائون. جتي 1945ع تائين رهيا. 24 سيپٽمبر 1945ع تي ٽنڊو باگو هاءِ اسڪول ۾ عربي جا استاد مقرر ٿيا. آگسٽ 1947ع کان 18 آگسٽ 1949ع تائين هاءِ اسڪول هالا ۾ جتان 19 آگسٽ 1949ع تي نوشهرو فيروز هاءِ اسڪول بدلي ڪيا ويا. جتي 29 فيبروري 1952ع تائين خدمتون سرانجام ڏنائون. مولانا جان محمد ڀٽو جي پهرين شادي 1938ع ۾ ٻي شادي اولاد نه هجڻ سبب 1964ع ۾ ڪيائون.

1950ع ڌاري مولانا ابوالاعليٰ مودودي کين جماعت جو ميمبر ٺاهيو. مولانا ابواعليٰ مودودي 1954ع ڌاري ٻنگل ديرو ضلعو لاڙڪاڻو علاج جي لاءِ پهتا ته مولانا جان محمد ساڻس گڏ رهيا.

مولانا جان محمد ڀٽو کي 1961ع ڌاري عرق النساءِ جو سور ٿيو ته مولانا سيد ابواعليٰ مودودي کيس لاهور گهرائي علاج ڪرايو.

مولانا 1952ع کان 1958ع تائين جماعت اسلامي سنڌ جا نائب امير مجلس شوريٰ جا ميمبر ۽ سکر ڊويزن جا 1957 ۾ امير رهي چڪا آهن. مولانا جان محمد ڀٽو منصوره ۾ اداره تعمير ملت طرفان هاءِ اسڪول. شاهه



www.bhutto.org

ولي الله ڪاليج جو بنياد رکيو. رياض العلوم حيدرآباد، جامع العلوم مدرسة الاسلام ميرپورخاص ۾ تعليمي ادارا قائم ڪيا.

مولانا جان محمد ڀٽو سکر جيل ۽ مڇ جيل بلوچستان ۾ ايوب خان جي دور ۾ قيد ٿيا ۽ هن اتي به اسلام جي تبليغ جاري رکي.

مولانا ابواعليٰ مودودي جي تفهيم القرآن جي 10 سپارن جو سنڌي ترجمو ڪيو.

مولانا جان محمد ڀٽو همت، جرائت، عزم ۽ استقلال جو پيڪر هئا. مولانا پنهنجي زندگي ۾ حد درجي تائين سادگي، ڪفايت شعاري اختيار ڪئي. مولانا اسان جي لاءِ ڪردار جو مثالي نمونو هئا. مولانا بنا ڪالر واري خاڪي قميص ۽ گرمي ۾ ململ جو پهراڻ ۽ سٿڻ پهريندا هئا. مٿي تي ڳاڙهي ترڪي ٽوپي سندس قد بت تي مردانه وجاهت جو مڪمل نمونو هئا. مولانا دين جو خادم ۽ شير جوان هو. مولانا ۾ دين جي لاءِ ڪم ڪرڻ جو جذبو موجود هو. هن جي زندگي سخت جدوجهد ۽ پورهئي سان ڀريل هئي. مولانا حسن اخلاق ۽ ڪردار جو هڪ مڪمل نمونو هئا.

مولانا جان محمد ڀٽو دل جي بيماري سبب سول اسپتال حيدرآباد جي دل جي وارڊ ۾ داخل ٿيا ۽ 10 سيپٽمبر 1982ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا.



www.bhutto.org

# حبيب الله ڀٽو

حبيب الله ڀٽو 01 نومبر 1917ع تي مولابخش ڀٽو جي گهر شڪارپور ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم شڪارپور ۾ حاصل ڪئي. فائنل امتحان پاس ڪري تعليم کاتي ۾ بحيثيت پرائمري استاد مقرر ٿيا. 01 نومبر 1975ع ۾ 58 سالن جي ڄمار ۾ گورنمينٽ هاءِ اسڪول شڪارپور مان بحيثيت اسسٽنٽ ٽيچر جي رٽائرڊ ڪيائون. هن قائداعظم جي پاڪستان جي سرزمين تي پير رکڻ کان پوءِ هڪ يادگار تصوير ڪڍي جيڪا ان وقت جي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿي. سندس والد مولا بخش ڀٽو قائداعظم جي تقرير تي ٻڌل اقوال زرين شايع ڪيو. هن 1936ع کان 1940ع تائين باقاعده لکيو. قائد اعظم جا اقوال دانش، رسول مقبول صلي الله عليہ وآلہ وسلم جا احوال دانش، ڪيترائي تعليمي ادبي تحقيقي ۽ تنقيدي مضمون اخبارن رسالن ۾ لکيا. سنڌي بيت ۽ ان جي ارتقا اسان جي جدوجهد قابل ذڪر ڪتاب لکيا اٿس.

مرحوم حبيب الله ڀٽو سنڌ پرائمري ٽيچر ايسوسيئيشن جي ايڪشن ڪميٽيءَ جا ميمبر ۽ شڪارپور سب ڊويزن جو صدر پڻ رهي چڪو آهي. هن آل اولهہ پاڪستان ٽيچر ايسوسيئيشن طرفان لاهور ۾ پڻ اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. مرحوم حبيب الله ڀٽو ڀٽو ويلفيئر ايسوسيئسشن شڪارپور جو چيئرمين پڻ رهي چڪو آهي. هن ڀٽو قوم جي فلاح و بهبود لاءِ ڪم ڪيو. سندس شڪارپور جي تاريخ بابت پڻ ڪتاب شايع ٿي چڪو آهي. ان کان علاوه سندس ڪيترائي مضمون روزانو هلال پاڪستان ڪراچي، ماهوار نئين زندگي ڪراچي ۽ مختلف ڪتابن ۽ رسالن ۾ شايع ٿي چڪا آهن. حبيب الله ڀٽو سنڌي ادبي سنگت شڪارپور جو جنرل سيڪريٽري پڻ رهي چڪو آهي.

هن آزادي واري هلچل ۾ حصو ورتو. 1976ع ۾ پگهار ڪميشن آڏو سنڌ جي سرڪاري ملازمن جو موقف پيش ڪيائين. سائين ميونسپل شڪارپور جي تڪ نمبر 2 جو ڪائونسلر رهي چڪو هو. هن 18 اپريل 1980ع تي وفات ڪئي. سندس پٽ نعمت الله ڀٽو رٽائرڊ استاد آهي ۽ صحافت سان لاڳاپيل آهي.



www.bhutto.org

تحرير: ڊاڪٽر اشفاق ڀٽو

# انور علي خان ڀٽو

انور علي خان ڀٽو 28 ڊسمبر 1932ع تي عبدالمجيد خان ڀٽو جي گهر ۾ ڳوٺ پير بخش ڀٽو تعلقو رتوديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ سنڌي پرائمري اسڪول ميرپور ڀٽو ۾ حاصل ڪئي. سنڌ مرسہ هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪرڻ بعد پنهنجي والد بزرگوار عبدالمجيد ڀٽو سان زمينداري جي ڪم ۾ هٿ ونڊائيندا هئا.

سر شاهنواز ڀٽي جي وڏي فرزند امداد علي خان ڀٽو سان سندس گهرو تعلق هو ۽ اهي ٻئي شڪار دوران نشاني بازي ڪندا هئا. هن نشاني بازي، گهوڙيسواري ۽ گهوڙي ڊوڙائڻ جو فن امداد علي خان کي سيکاريو.

انور علي خان جي ڀيڻ سڪندر علي ڀٽو جي گهر ۾ ڏني وئي تہ انور علي خان مٿان وڏيڪ ذميداريون سڪندر علي خان جي وفات کان پوءِ سندس وڏي فرزند امداد علي خان جي پرورش ۽ سار سنڀال جي ذميواري مٿس وڌي وئي.

سردار پير بخش ڀٽو پڻ شڪار جو شوقين هو اهو پڻ انور علي خان ڀٽو سان انتهائي محبت ۽ شفقت سان پيش ايندو هو.

سردار ممتاز علي خان ڀٽو، حاجي معشوق علي خان ڀٽو ۽ عاشق علي خان ڀٽو جي پاڻ ۾ جوڙي هوندي هئي.

انور علي خان ڀٽو کي حڪمت سان دلچسپي هئي. وٽس حڪمت جا نسخا هئا. سائي جي بيماري جو علاج ڪندا هئا. مون کي ڊاڪٽري ۾ داخلا بابا ڏياري ۽ ضلعي نٿي ۾ زمينون ورتائين. جن جي سار سنڀال جو ذمون مون کنيو. منهنجو مربي والد بزرگوار 22 ڊسمبر 2003ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. کيس واديءَ حسين جي قبرستان لڳ ٽول پلازه ڪراچيءَ وٽ سپرد خاڪ ڪيو ويو. پويان پٽ نجم علي ڀٽو، جميل احمد خان ڀٽو انجنيئر سهيل ڀٽو ۽ مون کي سوڳوار ڇڏي ويا. جڏهن تہ سندس هڪ نياڻي نيلوفر ڀٽو تعليم کاتي حيدرآباد ۾ هيڊ مسٽريس آهي.



www.bhutto.org

# محمد حسن ڀٽو

سابق چيئرمين، سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن حيدرآباد

محمد حسن ڀٽو صاحب 8 اپريل 1938ع تي ڳوٺ پير بخش ڀٽو ضلعو رتوديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ رضا محمد ڀٽو جي گهر ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم سنڌي پرائمري اسڪول دڙي محلا محمد پور باقراڻي روڊ لاڙڪاڻي مان، ڇهين ڪان اٺين درجي تائين اين جي وي هاءِ اسڪول ڪراچي ۽ سنڌ مدرسة الاسلام ڪراچي مان حاصل ڪرڻ ڪان علاوه مئٽرڪ نور محمد هاءِ اسڪول حيدرآباد مان 1955ع ۾ پاس ڪئي. انٽر 1957ع ۾ سٽي ڪاليج حيدرآباد ۽ بي اي آنرس پوليٽڪل سائنس ۾ 1959ع ڊگري ڪئي ۽ ايم اي پوليٽڪل سائنس 1961ع ۾ سنڌ يونيورسٽي مان ڪئي. ايل ايل بي 1964ع ڊگري ڪئي. 62_1961ع ڪان 1970ع تائين ليڪچرار پوليٽڪل سائنس سنڌ يونيورسٽي ۾ مقرر ٿيا. ان ڪان پوءِ 1970ع ڪان 1972ع تائين اسسٽنٽ پروفيسر پوليٽڪل سائنس سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مقرر ٿيا. جولائي 1972ع ڪان آڪٽوبر 1973ع تائين ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ چيئرمين پوليٽڪل سائنس ڊپارٽمينٽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مقرر ٿيا. جتي هن قانون سياست ۽ فلسفي بابت تعليم ڏني.

1973ع ڪان 1979ع تائين ڊپٽي سيڪريٽري تعليم ڪاتو حڪومت پاڪستان اسلام آباد مقرر ٿيا. جنهن بعد 1979ع ڪان 1982ع تائين ڊپٽي سيڪريٽري منسٽري آف ريلوي حڪومت پاڪستان اسلام آباد مقرر ٿيا. 1982ع ڪان 1983ع تائين جوائنٽ سيڪريٽري پاپوليشن ويلفيئر ڊويزن حڪومت پاڪستان اسلام آباد مقرر ٿيا. 1984ع ڪان 1988ع تائين ميمبر فنانس پاڪستان ڪائونسل آف سائنٽفڪ اينڊ انڊسٽريل ريسرچ، منسٽري آف سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي حڪومت پاڪستان مقرر ٿيا.

1988ع ڪان 1991ع تائين ڊائريڪٽر جنرل نيشنل انسٽيٽيوٽ آف پبلڪ ايڊمنسٽريشن نيپا ڪراچي مقرر ٿيا. جتي قرآني تعليم ۽ اسلامي قانون بابت ڪورس متعارف ڪرايا ۽ اتي جي هاسٽل جو افتتاح پڻ ڪيو. 1991ع کان 1994ع تائين وائيس چيئرمين انويسٽمينٽ پروموشن بيورو منسٽري آف

انڊسٽريز حڪومت پاڪستان اسلام آباد مقرر ٿيا. 1994ع کان 1996ع تائين سيڪريٽري اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان اسلام آباد مقرر ٿيا. نومبر 1996ع کان اپريل 1998ع تائين چيئرمين نيشنل انشورنس آف پاڪستان مقرر ٿيا. مئي 1997ع کان اپريل 1998ع تائين سيڪريٽري ليبر، مئن پاور اينڊ اوورسيز پاڪستانيز ڊويزن مقرر ٿيا. پاڻ 2003ع کان 2008ع تائين چيئرمين سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن مقرر ٿيا. محمد حسن ڀٽو صاحب 1974ع ۾ عوامي جمهوريه چين وينڊڙ وفد ۾ ڊپٽي ليڊر ايڊيوڪيشن اينڊ ڪلچر پاڪستان جي وفد جي حيثيت ۾ دورو ڪيو ۽ ريپبلڪ جرمني ۽ آمريڪا واشنگٽن ڊي سي ڪئناڊا جي تعليمي وفد جي قيادت ڪئي. ان کان کان علاوه 1975ع، 1986، 1990ع ۽ 1992ع ۾ پاڪستاني وفد جي قيادت ڪندي برطانيه ويا ۽ 1976ع ۾ ٿائلينڊ ۾ تعليمي وفد جي اڳواڻي ڪندي تعليمي سيمينار ۾ شرڪت ڪئي. 1987ع ۽ 1990ع ۾ سنگاپور جو تعليمي دورو ڪيو ۽ 1987ع ۾ ريپبلڪ آف سائوٿ ڪوريا ۽ 1992ع ۾ فرانس ۽ هانگ ڪانگ جي وفد جي اڳواڻي ڪئي. 1994ع ۾ ناروي ۽ 1997ع ۾ بنگلاديش ڍاڪا ۾ اسلامڪ انسٽيٽيوٽ جي سيمينار ۾ شرڪت ڪئي. 1997ع ۾ سئزرلئنڊ انٽرنيشنل ليبر آرڊيننس ميٽنگ ۾ پاڪستان جي نمائندگي ڪئي. 1997ع ۾ پارٿ ۾ سائوٿ ايشيا جي صنعتي تعلقات بابت پاڪستان جي نمائندگي ڪئي. 1998ع ۾ يونائيٽڊ عرب امارت پاڪستاني ڪميونٽي جي فلاح بهبود بابت ڳالهيون ڪيون. ان کان علاوه ڀٽو صاحب نيوزيلينڊ، بيلجيم، يونان، ترڪي، ايران، نيپال ۽ سعودي عرب جو پڻ دورو ڪري چڪا آهن. ڀٽو صاحب جا هينيان آرٽيڪل ڇپجي چڪا آهن.

رول آف سنڌ، اويڪننگ آف انڊين مسلم، جيڪا سنڌ يونيورسٽي جامشورو جي آرٽ ريسرچ جرنل 1963ع ۾ شائع ٿيو. ان کان علاوه ڪمپريهينسو اسٽڊي آف ڪانسٽيٽيوشن 1956ع ۽ 1962ع شائع ٿيو. ان کان علاوه سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جامشورو لاءِ لکيل سندس ڪتاب ”سوڪ آف پاڪستان“ ميٽرڪ ۽ ٻارهين ڪلاس جي شاگردن لاءِ اسلاميات ۽ انگلش ٽرانسليشن جا ڪتاب لکيا. ڀٽو صاحب سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ، بورڊ، سنڌ مدرسته الاسلام بورڊ ڪراچي ۽ دائود ڪاليج آف انجنيئرنگ ڪراچي ۽ مهراڻ يونيورسٽي جي سينڊيڪيٽ جا ميمبر پڻ آهن.



www.bhutto.org

جنهن سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي شعبي اسلامڪ ڪلچر جي چيئرپرسن رهڻ کان پوءِ پي ايچ ڊي ڪرڻ کان پوءِ ڊين فئڪلٽي آف فائن آرٽس، سنڌ يونيورسٽي جي عهدي تان رٽائرڊ ڪيو.

محمد حسين ڀٽو هڪ خدا ترس فقير منش ۽ نرالي شخصيت جو مالڪ هو. منجهن پنهنجي والد بزرگوار واريون تمام خوبيون موجود هيون. محمد حسين ڀٽو صاحب بلند اخلاق ۽ هڪ اعليٰ شخصيت جا مالڪ هئا، مرحوم هر ننڍي وڏي ماڻهو کي مان مرتبو ڏيندو هو. هن جو سلوڪ هڪ مهربان شفيق استاد سان گڏوگڏ هڪ همدرد ۽ بهترين انسان جهڙو هوندو هو.

سندس شاگرد اڄ به کيس سٺن لفظن ۾ ياد ڪندا آهن. محترم محمد حسين ڀٽو جو مذهب ڏانهن وڌو لاڙو هو مان کيس دوآبه پوليس لائين جي مسجد ۾ اڪثر باجماعت نماز پڙهندي ڏسندو هوس.

محترم محمد حسين ڀٽو مرحوم ريڊيو پاڪستان تي مذهبي پروگرام تفهيم القرآن ۾ ڪلام پاڪ جو سنڌي ۾ ترجمو ۽ تشريح ڪندا هئا.

مرحوم محمد حسين ڀٽو جي دوستن ۾ پروفيسر عبدالرزاق ڀانبڻ سابق سيڪشن آفيسر، پروفيسر حافظ غلام محمد ميمڻ، سيد علي اڪبر شاهه ڊي اي او ڪاليجز حيدرآباد ۽ ٻيا ڪيترائي دوست شامل آهن. جڏهن ته قاضي فدا حسين سابق ايڊمنسٽريٽو آفيسر تعليم کاتو ۽ ٻيا سندس هونهار شاگردن ۾ شامل آهن.

مرحوم محمد حسين ڀٽو جڏهن به ڪنهن سان ملندو هو پنهنجو رتبو وساري، ضرورتمند جي داد رسي ڪندو. ان جي دنيا ۾ گم ٿي ويندو. ان ضرورت مند جي مسئلي کي نهايت سنجيدگيءَ ۽ غور سان ٻڌي سوچي سمجهي ان مسئلي جو حل ڪيندو هو.

مرحوم محمد حسين ڀٽو پنهنجي آخري ڏينهن ۾ سائي جي بيماري جو شڪار ٿي ويو. کين سول اسپتال جي پرائيوٽ وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو، جتي هو زير علاج رهيو. جتان وڌيڪ حالت خراب ٿيڻ سبب آغا خان اسپتال ڪراچي ۾ منتقل ڪيو ويو، جتي 23 فيبروري 1989ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. کين آلين اکين سان چانوٽي واري قبرستان ۾ حيدرآباد ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

سندس هڪ لائق پٽ ڊاڪٽر امجد ڀٽو جاني، وڏو پٽ انجنيئر ارشد ڀٽو ذوالفقار ڀٽو ۽ به نياڻيون سوڳوار ڇڏيا آهن، جيڪي اڄ پنهنجي گهر ٻيڙا ٿي چڪا آهن.



www.bhutto.org

تحرير: جميل احمد خان ڀٽو

# مرحوم مختار احمد خان ڀٽو

محترم مختار احمد خان ڀٽو 04 فيبروري 1939ع تي سکر شهر ۾ وڏيري ولي محمد خان ڀٽو جي گهر ۾ جنم ورتو. سندن والد صاحب آبائي ڳوٺ ميرپور ڀٽو تعلقو رتوديرو ضلعي لاڙڪاڻي جون زرعي زمينون نيڪال ڪري سکر شهر منتقل ٿيو جتي سندن هي شادي خانه آبادي معزز اعواڻ خاندان بمقام جيلاني روڊ سکر سرانجام ٿي. سکر شهر منجهه ئي محترم ولي محمد خان "عندليب" نالي اخبار جاري ڪئي. باقي دولت شهري جائدادون خريد ڪرڻ ۾ صرف ڪندا رهيا. اختر منزل، مختار منزل، جميل منزل، انيس منزل ۽ مسجد جي پرسان عمارت خريد ڪري يا تعمير ڪرائي ٻارن ٻچن سميت عزت ۽ آسودگيءَ سان زندگي گذارڻ لڳا. هندوپاڪستان جي ورهاڱي کان ڪجهه سال اول حيدرآباد شهر جي صدر واري علائقي ۾ به عمارت خريد ڪيائون. جتي بعد ۾ مرحوم مختار احمد ڀٽو پنهنجي ڪاروبار جي ابتدا ڪئي ۽ ڪجهه وقت لاءِ رهائش به اختيار ڪئي.

مرحوم مختار احمد ڀٽو ابتدائي تعليم سکر شهر جي مشهور معصوم شاهه مناري جي ويجهو ميونسپل پرائمري اسڪول ۾ حاصل ڪئي. تنهن بعد جڏهن سندن والد صاحب اهل و عيال سميت پاڪستان ٺهڻ کان ڪجهه وقت اڳي حيدرآباد جي علائقي گاڏي کاتي ۾ هاسانند تلسي داس جي عمارت ۾ رهائش پذير ٿيا ته مرحوم مختار احمد ڀٽو کي پاڙي واري اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو. وڌيڪ تعليم گورنمينٽ ڪئنٽونمينٽ هائي اسڪول رسالا روڊ حيدرآباد ۽ جعفري انسٽيٽيوٽ گاڏي کاتي ۾ حاصل ڪري سنڌ يونيورسٽي مان ميٽرڪ جو امتحان پاس ڪيائون. اورينٽل ڪاليج حيدرآباد منجهان اديب عالم فاضل جا امتحان پاس ڪري ساڳي يونيورسٽي مان بي اي جي سند به حاصل ڪيائون. سندن ذهني لاڙو ۽ فطري



www.bhutto.org

مزاج سنڌي تاريخ ۽ ادب طرف رهيو. جنهنڪري ٻين جديد مضمونن ۾ ڪا خاص دلچسپي ڪونہ ڏيکاريائون. ذوق ۽ شوق جو اهو عالم هو تہ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، سامي، بيدل ۽ ٻين ڪيترن صوفي بزرگن جا بيت نہ صرف کين ازبر ياد هئا پر بيحد خوبصورت انداز ۾ وڏن وڏن اکرن سان لکي ڪمري ۾ آويزان بہ ڪندا رهندا هئا.

ابتدائي تعليم مڪمل ڪرڻ بعد مرحوم مختار احمد ڀٽو ٻيلي کاتي منجهہ فاريسٽ ٽريننگ اسڪول گهوڙا گلي (ڪوه مري) موڪليو ويو جتان ٽريننگ مڪمل ڪري مختلف ٻيلن جي حفاظت ۽ نشونما لاءِ سنڌ اندر سندن تقرري ٿيندي رهي. انهيءَ نوڪريءَ کي خيرباد ڪري خيرپور ۾ مليريا سپرنٽنڊنٽ جي حيثيت سان ملازمت اختيار ڪيائون. جلد ئي کين احساس ٿيو تہ اهڙيون نوڪريون سندن مستقبل لاءِ موزون نہ هيون. پاڻ فيصلو ڪيائون تہ "نيچ نوڪري، پنڻ بيڪار، پر وڏندڙ ڪم واپار آتَو" جي مصداق ڪنهن سني ڪاروبار کي شروع ڪيو وڃي.

انهيءَ دوران سندن وڏي ڀاءُ اختر احمد خان ڀٽو (جو ان وقت چيف آفيسر مڪاني حڪومت هو) جيڪب آباد ۾ تقرري سبب اُتان جي ناملياري هندو واپاريءَ سان معاملو طئي ڪري مرحوم مختار احمد خان کي هارڊويئر ۽ پئنٽس جي ڪاروبار جي عملي ٽريننگ ڏياري. بعد ۾ کين صدر حيدرآباد ۾ والد صاحب جي عمارت ۾ ساڳي ڪاروبار لاءِ دڪان کولڻ لاءِ مالي مدد مهيا ڪئي. ان ڪاروبار کي تمام گهڻي محنت ۽ جدوجهد سان مرحوم مختار احمد خان وسعت ڏياري. ترقيءَ جون پاڻ ڪيتريون منزلون طئي ڪري مختلف قسم جا وڏيڪ ڪاروبار بہ شروع ڪيائون. جنهن ۾ اسپرٽ، سينيٽري فٽنگ بہ شامل هئا. صدر جي علائقي ۽ بوهري بازار ۾ قديم زماني کان قائم ڪيل ٻين واپارين جي ڪاروبار جي مقابلي ۾ مرحوم جي جفاڪشي ۽ سخت محنت جي نتيجي ۾ سندن ڪاروباري ترقي قابل رشڪ رهي.

مرحوم مختار احمد ڀٽو ۽ سندن وڏي ڀاءُ اختر احمد خان ڀٽو ڪوٽڙي ۾ آباد ٿيل معزز ۽ معتبر ڪوهستان جي ملڪ خاندان مان هڪ ئي وقت



www.bhutto.org

شاديون ڪيون. پنهي پاڻرن ۽ پنهي پينرن جي وچ ۾ پيار محبت ۽ خلوص ۽ ايثار قائم دائم رهيو. مرحوم پنهنجي اولاد لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهيو. سندن هڪ تحرير ۾ درج هيٺيان اکر دل ۾ گهڙي وجن ٿا:

"منهنجي نظر ۽ فڪر ۾ هر انسان پنهنجي اولاد لاءِ پنهنجي اندر ۾ خاص اڌما ٿو رکي، جيڪو ان کان عاري آهي سو اڌورو آهي."

سٺي تعليم ۽ عمده تربيت جي بدولت مرحوم جي اولاد پنهنجي والد لاءِ نيڪ نامي پيدا ڪئي آهي. سڀ کان وڏو فرزند نديم مختار (جنهن کي مرحوم جي جانشين طور پڳ پارائي وئي آهي)، حڪومت پاڪستان جي ڪسٽم ۽ سينٽرل ايڪسائيز کاتي ۾ انسپيڪٽر جي حيثيت سان فرائض سرانجام ڏئي رهيو آهي. ٻيو نمبر پٽ عمران علي بي ايس سي ايم بي اي جون يو ايس اي جون سندون حاصل ڪري امريڪا ۾ مقيم آهي، جتي مرحوم جي وڏي نياڻي ناهيد پڻ شادي ڪري مستقل طور تي آباد ٿيل آهي. ٻي نياڻي نزهت به شادي بعد پنهنجي انجنيئر مڙس ۽ ننڍي ٻار سميت ڪينيڊا ۾رهيل آهي. خود مرحوم مختار احمد ڀٽو ۽ سندن زوجه نجم السحر امريڪي شهريت جا حامل هئا. سندن ٽيون پٽ عرفان مختار ڀٽو سنڌ اندر پوليس سروس ۾ ڊي ايس پي جي حيثيت سان ملازمت ڪري رهيو آهي ۽ سڀ کان ننڍو فرزند ياسر مختار ڀٽو ڊاڪٽر بنجي اعليٰ تعليم ۽ تربيت لاءِ امريڪا وڃڻ جون تياريون ڪري رهيو آهي.

مرحوم مختار احمد خان کي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو سان بيحد عقيدت هئي. ايتريقدر جو حيدرآباد ۾ مهاجرن ۽ پيپلزپارٽيءَ جي مخالفن جي موجودگيءَ ۾ فخر ۽ ناز سان شهيد جي فريم ٿيل وڏو فوٽو دڪان تي آويزان ڪري سندس اعليٰ قيادت ۽ بيمثال صلاحيتن جي کلي عام تعريف ڪندا رهندا هئا. محترمه بينظير ڀٽو به مرحوم مختار احمد خان کي پنهنجي صلاحڪار طور ڳڻ رکندي هئي. هن وزيراعظم جي حيثيت سان مرحوم کي جنوري 1995ع ۾ بطور ڊائريڪٽر جنرل زرعي ترقياتي بئنڪ جي صدر دفتر اسلام آباد ۾ مقرر ڪيو تاڪ سندن مسلسل رابطو رهي. انهيءَ عرصي ۾ مرحوم مختار احمد خان ڀٽو قوم جي فلاح بهبود ۽ ترقي لاءِ



www.bhutto.org

حڪومت طرفان فنڊز ۽ نوڪريون ڏنيون ويون. انهيءَ ذميداري ڪي مرحوم مختار احمد خان خوش اسلوبيءَ سان ادا ڪيو ۽ ڀٽو ويلفيئر ايسوسيئيشن جي پليٽ فارم تان برادريءَ لاءِ قابلِ تحسين خدمات سرانجام ڏنيون. البته حاسدن جي حسد ۽ منافقن جي عياري سبب مرحوم کي تڪليفون ملنديون رهيون، جن سان پڻ حوصلي ۽ تحمل سان مقابلو ڪندا رهيا. سندن تحرير ڪيل خط ۾ پنهنجي ننڍي ڀاءُ جميل احمد ڀٽو (جنهن وفاقي حڪومت ۾ اعليٰ ترين سرڪاري عهدي گريڊ 22 ۾ سيڪريٽري جي عهدي تائين پهچي مارچ 2003ع ۾ رٽائرڊ ڪيو) کي هن ريت تاڪيد ڪيائون:

"شطرنج جي بساط تي بيٺل شاهي مُهرن تي گهري نظر رکندا. اها بازي مون پيادي لاءِ کٽڻ ضروري آهي. اوهان هٿ ونڊائيندا. الله مددگار آهي."

مرحوم مختار احمد ڀٽو تمام تر ڪاميابيون ۽ ڪامرانيون حاصل ڪري ڀرپور زندگي گذاري هن فاني دنيا مان بتاريخ 8 آگسٽ 2005ع راهه عدم ڏانهن روانو ٿي ويو. کين تمام گهڻن عزيزن، دوستن ۽ ساٿين پنهنجي اشڪبار اکين ۽ دلي دعائن سان حيدرآباد جي ٽنڊي جهانيان واري قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو.

سپردم بہ تو مايۂ خيش را، تو داني حسابِ کم و بيش را.



www.bhutto.org

# مختار احمد ڀٽو

ڀٽو خاندان ۾ ميان عبدالعزيز ڀٽو اديب ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. محترم ولي محمد خان ڀٽو پڻ اديب شاعر ۽ ماهوار "عندليب" جو ايڊيٽر رهي چڪو آهي. ڊاڪٽر ابراهيم خليل، پير علي محمد شاهه راشدي ۽ ٻيا ڪائنس کان مسوده پڙهڻ جي سلسلي ۾ مدد وٺندا هئا.

جڏهن ميان ولي محمد خان ڀٽو جي نياڻي آپا خورشيد ڀٽو ڀٽو خاندان جي پهرين گريجوئيٽ نياڻي هئي، جنهن هفتيوار "برسات" ڪراچي ۾ لکڻ جي شروعات ڪئي. جڏهن تہ فرزند انيس احمد ڀٽو صحافت سان لاڳاپيل رهيو. جنهن شيخ عزيز صاحب سان گڏ "جهنڪار" حيدرآباد مان جاري ڪيو.

جڏهن تہ جميل احمد ڀٽو سابق وفاقي سيڪريٽري مذهبي معاملا رهي چڪا آهن، جنهن ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن.

اهڙي طرح سان حاجي ڊاڪٽر حڪيم نور محمد ڀٽو دوست محمد ڀٽو فيض محمد ڀٽو سڪندر علي خان ڀٽو محمد اسماعيل ڀٽو انگريزي ۾ شاعري ڪئي. جڏهن تہ معشوق علي ڀٽو نشاط انور ڀٽو شاعري ۽ رخسانہ شبنم ڀٽو جو هڪ عدد ناول ۽ شاعري جو ڪتاب ڇپرو ٿيو آهي.

مختيار احمد ڀٽو ڀٽو خاندان جو اهو واحد فرد آهي، جنهن واپار شروع ڪيو. سندس دوڪان اڄ بہ المختار پينٽ هائوس جي نالي سان بوهري بازار صدر حيدرآباد ۾ موجود آهي.

مختيار احمد ڀٽو ڳوٺ ميرپور ڀٽو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ولي محمد ڀٽو جي گهر ۾ 4 فيبروري 1939ع تي جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪئي، بعد ۾ سندس والد صاحب جي سکر رهائش اختيار ڪرڻ سبب ميٽرڪ گورنمينٽ هاءِ اسڪول سکر مان ڪيائون. انٽرميڊئيٽ ۽ بي اي سچل سرمست ڪاليج مان جڏهن تہ ايل ايل بي سنڌ لا ڪاليج حيدرآباد مان ڪيائون. مختيار صاحب بيلي ڪاٽي ۾ پنج سال



www.bhutto.org

رينج فاريسٽ آفيسر جي نوڪري اختيار ڪئي. ڪجهہ عرصو بلڊنگ ڪاتي ۾ ملازمت اختيار ڪيائون. بعد ۾ سرڪاري نوڪري تان استعيفا ڏئي صدر ۾ المختار پينٽ هائوس نالي سان دوڪان کوليو جيڪو هن وقت تمام وڏي دوڪان جي صورت اختيار ڪري ويو آهي.

ان کان علاوه مختار صاحب رنگ جون ايجنسيون پڻ ورتيون. هول سيل جو ڊيلر ٿيڻ کان سواءِ پنهنجي ذاتي رنگ ٺاهڻ جو ڪارخانو قائم ڪيائين. مختار احمد ڀٽو سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن حيدرآباد شاخ ۾ شموليت اختيار ڪري سرگرم ڪارڪن جي حيثيت ۾ ڪم ڪيائون. کيس خزانچي پڻ چونڊيو ويو.

90_1989ع کان 1994ع تائين سول لائين ڊفينس آفيسر ايسوسيئيشن جو چيئرمين رهي چڪو آهي.

ڀٽو قبيلي جي ماڻهن جي سروي ڪري هڪ رپورٽ محترمہ بينظير ڀٽو صاحبہ کي پيش ڪيائون.

مختار احمد ڀٽو صاحب، ڀٽو ويلفيئر ايسوسيئيشن جو سرپرست ۽ بينظير ڀٽو جو هيلٿ اينڊ ايڊيوڪيشن سوسائٽي جو صدر 1994ع کان 1996ع تائين ڊائريڪٽر جنرل ريسرچ زرعي ترقياتي بينڪ اسلام آباد ۾ ملازمت اختيار ڪيائون. مختار احمد ڀٽو صاحب ڪجهہ عرصو بيمار رهڻ بعد 8 آگسٽ 2005ع تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو. کيس ٽنڊو جهانيان جي قبرستان ۾ سپردخاڪ ڪيو ويو.

مرحوم پويان هڪ بيواه چار پٽ نديم، عمران، عرفان ۽ ڊاڪٽر ياسر ڀٽو ۽ ٽي نياڻيون سوڳوار ڇڏيا آهن. سندس وڏو ڀاءُ اختر احمد ڀٽو برک وڪيل ۽ جميل احمد ڀٽو سابق وفاقي سيڪريٽري مذهبي معاملا، اعجاز احمد ڀٽو نائب صدر يونائيٽڊ بئنڪ ڪراچي، ڊاڪٽر شير محمد ڀٽو جِلد جا ماهر ڊاڪٽر جڏهن تہ هڪ ڀاءُ انيس احمد ڀٽو صحافي هو. جيڪو حيدرآباد ۾ پوليس هٿان شهيد ڪيو ويو.

سندس هڪ ڀيڻ خورشيد بيگم ڀٽو رٽائرڊ ايسوسيئيٽ پروفيسر آهي.



www.bhutto.org

مختيار احمد ڀٽو اسان جي والد بزرگوار سان اڪثر ملندو رهندو هو. بابا سائين جڏهن 1987ع ۾ وفات ڪئي تہ اسان جي گهر اچي عذر خواهي جي لاءِ خاندان سميت آيو.

مختيار احمد ڀٽو جو اهو وڏو ڪارنامو آهي تہ ڀٽو خاندان جي غريب ڇوڪرن کي روزگار سان لڳايائين، بيواه عورتن کي سلائي جون مشينون ۽ مستحق ماڻهن ۾ سائيڪلون ورهائي ڏنائين. سندس خواب هو تہ ڀٽو برادري جي لاءِ هڪ عليحده هائوسنگ اسڪيم ٺاهي ڊيپلائي ميمڻ، آغا خاني خواجن ۽ ميمڻن جيان سوسائٽي قائم ڪئي وڃي. ان سلسلي ۾ ڄامشورو ۾ زمين وٺڻ جي ڪوشش ڪيائون پر ڪين بيماري اهو موقعو نہ ڏنو ۽ اهو ڪم اڌ ۾ رهجي ويو. مختيار احمد ڀٽو پهريون شخص هو جنهن چيو تہ ڀٽو برادري جا مسئلا حل ڪرڻ جي لاءِ وڻ جي ڇانو هيٺ ويهي انهن جا مسئلا حل ڪندو.



www.bhutto.org

# جميل احمد ڀٽو

جميل احمد ڀٽو ڀھرين اپريل 1942ع تي ڳوٺ پير بخش ڀٽو تعلقو رتوديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ولي محمد خان ڀٽو جي گھر ۾ جنم ورتو.

ابتدائي تعليم گورنمينٽ باز محمد شاھ پرائمري اسڪول قاضي عبدالقيوم روڊ گاڏي کاتي حيدرآباد مان حاصل ڪئي. جڏھن تہ مڊل نور محمد ھاءِ اسڪول رسالا روڊ برانچ حيدرآباد مان 1950ع ۾ پاس ڪيو ۽ مئٽرڪ نور محمد ھاءِ اسڪول مان 1952ع ڌاري پاس ڪئي. جڏھن تہ انٽرميڊئيٽ 1954ع ڌاري سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد ۽ بي اي فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن سان سنڌ يونيورسٽي مان 1961ع ڌاري پاس ڪئي.

ايل ايل بي سنڌ لاء ڪاليج حيدرآباد مان 1963ع ڌاري فرسٽ ڪلاس فرسٽ ۾ پاس ڪئي. جڏھن تہ ماسٽر آف لا (ايم ايم ايل) فرسٽ ڪلاس ۾ 1968ع ڌاري سنڌ مسلم لا ڪاليج ڪراچي مان امتحان پاس ڪيو. ان کان پوءِ ڊفينس اسٽريجڪ انڊسٽريز فرسٽ ڪلاس 1993ع ڌاري قائد اعظم يونيورسٽي اسلام آباد مان ايم اي سي جو امتحان فرسٽ ڪلاس ۾ پاس ڪيو.

سائين جميل احمد ڀٽو بحيثيت ريسرچ آفيسر ۽ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر ليبر ويلفيئر گريڊ 16 ۽ 17 ۾ 1963ع کان 1967ع تائين رھيا. بعد ۾ 1967ع کان 1980ع تائين 17 کان 18 گريڊ تائين انڪم ٽيڪس آفيسر ويلٿ ٽيڪس آفيسر ۽ اسپيشل اسسٽنٽ ٽو ڪمشنر آف انڪم ٽيڪس مقرر ٿيا. بعد ۾ 1980ع کان 1987ع تائين گريڊ 19 ۾ انسپيڪٽنگ ايڊيشنل ڪمشنر آف انڪم ٽيڪس، ويلٿ ٽيڪس ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر ٽيڪس آڊٽ مقرر ٿيا.

1987ع کان 1993ع تائين گريڊ 20 ۾ چيف ڊائريڪٽر ٽيڪس پاليسي سينٽرل بورڊ آف روينيو اسلام آباد مقرر ٿيا. 1993ع کان 2007ع



www.bhutto.org

تائين 21 گريڊ ۾ ميمبر انڪم ٽيڪس اپيلٽ ٽربيونل اسلام آباد، ميمبر ٽيڪس پاليسي سينٽرل بورڊ آف روينيو اسلام آباد ۽ ميمبر سيڪيورٽيز اينڊ ايڪسچينج ڪوآپريٽو لا اٿارٽي اسلام آباد، ميمبر سيڪريٽري پرائيوٽائيزيشن ڪميشن اسلام آباد، ڊائريڪٽر جنرل انسپيڪشن آڊٽ ۽ انڪوائري، ڊائريڪٽر ٽيڪس اسلام آباد مقرر ٿيا. 2001ع کان 2003ع تائين سيڪريٽري رليجيس افيئرس زڪوات ۽ عشر ڊويزن اسلام آباد گريڊ 22 ۾ مقرر ٿيا. سينئر ميمبر فيڊرل لينڊ ڪميشن اسلام آباد مقرر ٿيا. جتان 15 فيبروري 2003ع تان رٽائرڊ ڪيائون. سائين جو وڏو ڀاءُ اختر احمد ڀٽو سابق چيف آفيسر ڊسٽرڪٽ ڪائونسل حيدرآباد رهي چڪا آهن. جيڪو سندس وڏو ڀاءُ هو ۽ وڪالت پڻ ڪندو هو. ٻيو ڀاءُ مختيار احمد ڀٽو بہ وفات ڪري ويو آهي. ٽيون ڀاءُ اعجاز احمد ڀٽو يو بي ايل مان رٽائرڊ ٿيڻ کان پوءِ ڪئنيڊا هليو ويو آهي. جڏهن تہ انيس احمد ڀٽو عبرت پريس ۾ صحافي رهي چڪا آهن ۽ حيدرآباد پوليس هٿان شهيد ڪيا ويا. جڏهن تہ ننڍي ۾ ننڍو ڀاءُ ڊاڪٽر شير محمد ڀٽو ڪراچي ۾ رهائش رکي ٿو جڏهن تہ سندس ڀيڻ پروفيسر خورشيد ڀٽو خاتون ڪاليج ڪراچي مان رٽائرڊ ڪيو آهي.

سائين جميل احمد ڀٽو 1961ع ڌاري اقتصاديات جا اصول سنڌي نصابي ڪتاب تحرير ڪيو جيڪو سابق رجسٽرار سنڌ يونيورسٽي محمد حسين ترڪ مرحوم ڇپرايو. ان کان علاوه سائين جا تحيقاتي ڪتاب هيٺين عنوانن سان ڇپيا آهن:

- 1972ع ۾ انڊسٽريل رليشن ان پاڪستان لاء پاليسي.
- چينجنگ ٽربيونس آف ليبر پاليسي ان پاڪستان.
- نيو ڊامينيشن آف انڪم ٽيڪس لاء 04_2003ع.

ان کان علاوه ميمبر انڪم ٽيڪس اپيلٽ ٽربيونل جي حيثيت ۾ ڪيترا ئي فيصلا ۽ احڪامات جاري ڪيا. جيڪي لاء جرنلس ۾ ڇپيا آهن.

ريسرچ پيپر آف ڪوآپريٽو لاء اينڊ سيڪيورٽي مارڪيٽ ليبر ايڊيوڪيشن اينڊ سوشل ميٽرس.



www.bhutto.org

سائين جميل احمد ڀٽو فنانس سروس اڪيڊمي لاهور ۾ 1967ع ۽ 1968ع ڌاري سکيا حاصل ڪئي.

ڊائريڪٽوريٽ آف ٽريننگ انڪم ٽيڪس آفيس ڪراچي 1968_69ع ڌاري سکيا حاصل ڪئي.

نيشنل انسٽيٽيوٽ آف پبلڪ ايڊمنسٽريشن نيپا ڪراچي 1976ع ڌاري ٽريننگ حاصل ڪئي.

نيشنل ڊفينس ڪاليج راولپنڊي مان 1993ع ڌاري ٽريننگ حاصل ڪئي.

ان کان علاوه 1986ع ڌاري آمريڪا جي انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪس ايڊمنسٽريشن لاس اينجلس ۽ 1996ع ڌاري سيڪيورٽي اينڊ ايڪسچينج ڪميشن آف يو ايس اي واشنگٽن مان سکيا حاصل ڪئي.

سائين جميل احمد ڀٽو صنعتي تعلقات ۽ ٽيڪس پاليسين، ايڊمنسٽريشن ۽ ڪوآپريٽو لا ۽ ان سان لاڳاپيل موضوعن تي هيٺين ادارن ۾ بحيثيت استاد ۽ مقرر طور ليڪچر ڏنا آهن:

- نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ليبر ايڊمنسٽريشن ڪراچي.
- نيشنل انسٽيٽيوٽ آف ڪراچي ۽ پشاور
- ڊائريڪٽوريٽ آف ٽريننگ انڪم ٽيڪس ڪراچي
- ڪراچي شپ يارڊ ۽ انجنيئرنگ ورڪس ڪراچي
- پنجاب لا ڪاليج راولپنڊي

هن وقت جميل احمد ڀٽو اسلام آباد ۾ رهائش پذير آهن. سندس پٽ اظهر جميل ڀٽو آئي ٽي ۾ ماسٽر ڪيل اٿس ۽ هن وقت آسٽريليا ۾ رهي ٿو. ٻيو پٽ اطهر جميل پي آئي اي ۾ آفيسر آهي ۽ ٽيون پٽ افسر جميل ڀٽو ايم اي زيبسٽ مان ڪرڻ بعد هڪ اين جي اوز اسپارڪ سوسائٽي آف چلڊرين ڪراچي ۾ ڪم ڪري رهيو آهي. ۽ جڏهن ته سندس هڪ نياڻي فائين آرٽس ڪرڻ بعد شادي خانه آبادي بعد ڪراچي منتقل ٿي وئي آهي.



www.bhutto.org

تحرير: نديم قاضي

# ناهيد امداد ڀٽو

شبنم عرف ناهيد ڀٽو 12 سيپٽمبر 1962ع تي قاضي قادر بخش جي گهر حيدرآباد ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم سينٽ ميري اسڪول تلڪ چاڙهي حيدرآباد مان جڏهن تہ انٽرميڊيئيٽ ۽ بي اي سردار بهادر گرلس ڪاليج حيدرآباد مان ڪرڻ بعد ايم اي پولٽڪل سائنس سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان ڪئي. ناهيد ڀٽو جي شادي خانہ آبادي آڪٽوبر 1976ع ۾ سابق وزيراعظم ذوالفقار علي ڀٽو جي سوٽ سڪندر علي خان ڀٽو جي فرزند امداد علي خان ڀٽو سان جيمخانہ حيدرآباد ۾ ٿي.

ناهيد ڀٽو جو والد بزرگوار قاضي قادر بخش ڀٽو پنهنجي دور جو برک وڪيل رهي چڪو آهي. سندس وڏا ضلعي سانگهڙ جا رهندڙ آهن.

مرحوم امداد علي ڀٽي کي سياست سان ڪابہ دلچسپي نہ رهي، پر جڏهن شهيد بينظير ڀٽو جو دور حڪومت آيو تہ هن ناهيد ڀٽو کي سياست ۾ اچڻ جي آڇ ڪئي. پر ناهيد ڀٽو پنهنجي ننڍين ٻارن جي ڪري اهو خوبصورت موقعو وڃائي ڇڏيو ۽ امداد علي ڀٽو نہ چاهيندو هو تہ ناهيد هن جي اکين کان پري رهي.

جڏهن ٿوري دير جي لاءِ ناهيد ڀٽو ڪيڏانهن ويندي هئي تہ الائي ڪيترا ڀيرا فون ڪندو هو تہ ڪيتري دير ۾ ٿي اچين ۽ هن جا سيئي ٻار پنهنجي والده لاءِ الڳ الڳ فون ڪندا هئا.

ناهيد ڀٽو مرحوم کي ماشاءالله پنج پٽ ۽ هڪ نياڻي آهي. سيني کان وڏي پٽ مهدي رضا 13 مارچ 1979ع تي جنم ورتو ۽ هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي، ٻيون نمبر پٽ منيعم عباس ڀٽو هينئر جنهن کي هڪڙي نياڻي آهي، ٽيون پٽ محمد جواد جنهن جي شادي ڊسمبر 2007ع ۾ ٿي هئي، انهيءَ کي نومبر 2008ع ۾ نياڻي جو اولاد ٿيو. ان کانپوءِ چوٿون نمبر پٽ سڪندر علي ڀٽو آهي ۽ پنجون پٽ علي حسين آهي ۽ ننڍي ۾ ننڍي نياڻي اُم فروا ڀٽو آهي.



www.bhutto.org

مرحومہ ناهيد ڀٽو تمام مانيٽي طبيعت جي مالڪ هئي ۽ ڪنهن سان بہ جلدي گهلي ملي نہ ويندي هئي. ان ڪري ڪجهہ ماڻهو ان کي مغرور سمجهندا هئا. ڇو تہ هوءَ ڏاڍي شڪل جي سهڻي هوندي هئي پر بلڪل ائين نہ هو هوءَ بلڪل مغرور نہ هئي. هن جي شخصيت تمام پروقار ۽ پرڪشش هئي. پنهنجي گهر جا تمام معاملا هوءَ پاڻ نبيريندي ۽ هلائيندي هئي. لاڙڪاڻي ۾ پنهنجي زمينن جي نظرداري پاڻ ڪندي هئي. ان جا معاملا بہ هوءَ پاڻ ڏسندي هئي. هن ۾ انهن سڀني معاملن کي هلائڻ جي صلاحيت قدرت طرفان عطا ڪيل هئي. هيئنر بہ جڏهن شهيد بينظير هن کي نئون ديرو موڪليو ۽ اتان جي معاملن کي بينظير ڀٽو حل ڪندي هئي ۽ بينظير ڀٽو ان کي تمام گهڻو ڀائيندي هئي. هن ڀيري جڏهن بينظير ڀٽو آئي تہ هن ناهيد ڀٽو سان ڳالهايو ۽ چيائينس تہ تون نئون ديرو جلدي پهچ ۽ هن بينظير ڀٽو جي خواهش کي رد نہ ڪيو. پهرين ڊسمبر 2007ع تي ناهيد ڀٽو پنهنجي ٽين نمبر پٽ محمد جواد ڀٽو جي شادي ڪرائي پر بينظير ڀٽو کيس فونن مٿان فونون ڪرڻ لڳي ۽ نئون ديرو جلد وڃڻ لاءِ چيو. هوءَ پنهنجي تياري ڪري رهي هئي تہ سندس بہ ننڍڙيون پوٽيون چوڻ لڳيون تہ هاڻي توهان گهر آيا آهيو ۽ هاڻي ئي نئون ديرو وڃي رهيون آهيو. هو جڏهن بہ نئون ديرو مان فون تي ڳالهائيندي هئي چوندي هئي تہ هاڻي منهنجو انتظار نہ ڪريو مان هاڻي واپس ڪونہ ايندي. ائين پيو لڳي ڄڻ تہ هن کي خبر پئجي وئي هجي تہ هوءَ هاڻي واقعي واپس ڪونہ ايندي ڪجهہ عرصي کانپوءِ هوءَ هر ڳالهہ ۾ ائين چوندي هئي تہ منهنجي زندگيءَ جو ڪو ڀروسو نہ آهي. ڄڻ هوءَ باقاعده وصيت ڪري رهي هجي. مان ڪاوڙجي [illegible] هومانس تہ ادي تون اهڙيون ڳالهيون ڇو ٿي ڪرين الله تعاليٰ توکي حياتي ڏئي. هوءَ نئون ديرو وئي اتي هن تمام سهڻي نموني سان شهيد بينظير ڀٽو جي چونڊ مهم جو ورڪ ڪيو ۽ اتان جي پرپاسي جي ڳوٺن ۾ پاڻ وئي ۽ اتان جي عوام کي جوش ڏيارڻ لاءِ تقريرون ڪيائين. اتي جي ٽڪ جي ماڻهن کي محترمہ لاءِ ووٽ ڏيڻ لاءِ راضي ڪيائين. هو شهيد بينظير ڀٽو سان سڀني جلسن ۾ گڏ رهي. هن کي اها خبر نہ هئي تہ هو بينظير ڀٽو جو ساٿ هن جو ساٿ هميشہ جي لاءِ هن جو ساٿ ٿي ويندو. هو جڏهن نئون ديرو مان شهيد بينظير ڀٽو جي ٽيجهو ڪري 31 ڊسمبر 2007ع تي واپس اچي رهي هئي،



www.bhutto.org

ڪيس گهر مان وئي تقريباً هڪ مهينو ٿي ويو هو هن نئون ديرو ۾ عيد ڪئي.
اها عيد پنهنجي گهر وارن ٻارن ٻچن کان سواءِ ڀرين عيد هئي. اها ڪڏهن
به پنهنجي گهر کان ايترو عرصو الڳ نه رهي. مرحوم امداد علي خان هن جي
ڪجهه گهڙين جي جدائي برداشت نه ڪندو هو هن دفعي هن دل تي پٿر رکي
سندس انتظار ڪيو.

31 ڊسمبر 2007ع رات جو انين وڳي ڀٽي خاندان جي لاءِ اهو دردناڪ
ڏينهن هو جڏهن ناهيد ڀٽو جي گاڏيءَ جو حادثو ڄامشورو روڊ وٽ پيش آيو.
ناهيد ڀٽو سان گڏ شهيد بينظير ڀٽو جي پراڻو ڊرائيور ۽ به پراڻا ملازم به ساڻ
هئا. ائين اهو پري چهرو ناهيد ڀٽو هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري پنهنجي
مالڪ حقيقي سان وڃي مليو. سندس وصيت هئي ته هن کي حيدرآباد ۾
سپرد خاڪ ڪيو وڃي. هن پنهنجي اولاد کي چئي ڇڏيو هو ته آئون جڏهن
به وڃان ته مون کي بابا جي پرسان دفنائجو الله جي قدرت جو هن جي بابا جي
پرسان دفن ٿيڻ لاءِ جاءِ ملي وئي ۽ هن جي آخري آرامگاهه ڪئنٽونمينٽ
ڇانوڻي حيدرآباد قبرستان آهي.

ناهيد ڀٽو مرحومه تمام هٿ جي کليل هوندي هئي ۽ هوءَ خيرخيرات،
ميلاد جون محفلون وڏي اهتمام سان ڪرائيندي هئي. پاڻ صوم و صلوات
جي پابند پڻ پنج وقت نماز پڙهندي هئي ۽ قرآن شريف جي تلاوت ڪندي
هئي. هوءَ تمام سٺي طبيعت جي مالڪ هئي. هڪ پيار ڪرڻ واري زال ۽
شفيق ماءُ ۽ پرخلوص دوست هئي. هن جي مون سان تمام گهٽي دل هئي.
ڪو به يقين نه ڪندو ته هوءَ اڪثر مون کان صلاح وٺندي هئي ۽ هوءَ
پنهنجي گهر جا تمام معاملا پاڻ نبيريندي ۽ هلائيندي هئي. نه ئي مرحوم
امداد علي خان ڀٽو هن کي ڪنهن به معاملي ۾ ڪجهه به نه چوندو هو.
مرحومه تمام سادي، سلڇڻي ۽ سٺي طبيعت جي مالڪ هئي. خدا تعاليٰ
ڪيس جنت الفردوس ۾ جاءِ عطا فرمائي. آمين ثم آمين.



www.bhutto.org

# نجم الحسن ڀٽو

نجم الحسن ڀٽو 25 ڊسمبر 1947ع تي ميان انور علي خان ڀٽو جي گهر ۾ ڳوٺ ميرپور ڀٽو تعلقو رتوديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ حاصل ڪيائون. ڪيس ننڍپڻ ۾ شهزادو عرف پرنس سڏيو ويندو هو. نجم الحسن ڀٽو ملڻ جلڻ جو تمام سٺو حليم طبيعت جو مالڪ، هر ڪنهن سان محبت ڪندڙ جرائت مند، علم دوست هو. هو تمام گهڻو فراخ دل، ڌارين سان تمام محبت پيار سان ملندو هو. ٻين جي تڪليف کي پنهنجي سمجهندو هو. هو غريب ماڻهن جي اڪثر مدد ڪندو رهندو هو.

نجم الحسن ڀٽو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ ۾ بعد ۾ ائين جماعت رتوديرو مڊل اسڪول ماڻ ميٽرڪ ڊي سي هاءِ اسڪول لاڙڪاڻي مان ڪيائين. انٽرميڊيئيٽ ۽ بي اي گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لاڙڪاڻي دمان ڪري سنڌ جي آبڪاري کاتي ۾ 1974ع ڌاري انسپيڪٽر مقرر ٿيا. شروع ۾ ڪراچي، جيڪب آباد ۾ نوڪري ڪيائون. سندس پيار ۽ محبت پنهنجي مالي مسٽر شمس الدين ڪورائي رٽائرڊ هيڊ ماسٽر کي گهڻي هوندي هئي. ڪچهري ۽ شڪار جو تمام گهڻو شوقين هوندو هو.

ذوالفقار علي ڀٽو جڏهن لاڙڪاڻي يا ڳوٺ ۾ ايندو هو ته مسٽر نجم الحسن ڀٽو کي پروٽوڪول جي ڊيوٽي حوالي ڪئي ويندي هئي. ذوالفقار علي ڀٽو ساڻس سان پنهنجي اولاد جيان محبت ڪندو هو. محترم نجم الحسن ڀٽو مير مرتضيٰ ڀٽو سان پڻ شڪار تي گڏ ويندو هو. جڏهن رات جو گهر دير سان ايندو هو ته مير صاحب ڪري گهر وارا ڪيس ڪجهه نه چوندا هئا. سندس پٽ شاهنواز عرف شان علي ننڍڙو شهزادو صفدر علي ۽ معظم علي ڀٽو پنهنجي پيءُ جي نقش قدم تي هلي رهيا آهن.



www.bhutto.org

تحرير: رشيد ڀٽو

# محمد مراد ڀٽو

محمد مر د ڀٽو 1947ع ۾ ڳوٺ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ محمد هارون ڀٽو جي گهر ۾ جنم ورتو. ابتدائي تعليم ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ حاصل ڪيائين. سنڌي فائنل پاس ڪري پنهنجي وڏن جون زمينون سنڀالڻ لڳو ۽ هول سيل جو دڪان کولڻ کان علاوه ٽرانسپورٽ جو ڪاروبار شروع ڪيائين. 1977ع ۾ پيپلز پارٽي نئون ديرو جو صدر مقرر ٿيا ۽ پنهنجي علائقي جا ڪائونسلر ۽ ميونسپل ڪائونسلر مقرر ٿيا. 21 سال ڪرياڻ ايسوسيئيشن نئون ديرو جا صدر ٿي رهيا ۽ پنهنجي علائقي ۾ سماجي ڪارڪن رهڻ کان علاوه اتان جي علائقي جي زڪوات ڪميٽي جا صدر پڻ رهيا.

سائين محمد مراد ڀٽو صاحب تمام رحمدل انسان هئا. ڪنهن کي پريشاني ۾ ڏسي ڏک ۾ روئي ڏيندا هئا. مير مرتضيٰ ڀٽو جي شهادت تي کين وڏو رنج هوندو هو ۽ چوندا هئا ته مير شهزادي جي هن ملڪ ۾ زندگي محفوظ ناهي ته اسان کي تحفظ ڪٿان ملندو.

مير مرتضيٰ ڀٽو جڏهن نصيرآباد گرڊ اسٽيشن جو افتتاح ڪيو ته ان وقت محمد مراد ڀٽو تمام محنتي انسان هو. جڏهن سارين جي ڇڙڻ واري ڪارخاني سيلر جي گارو پاڻ ڪٽي ان جي اڏاوت ڪئي ۽ 1988ع کان 1993ع تائين ان جي سارسنڀال ڪيائين. هن ڪڏهن به ذاتي فائدو نه ورتو ته ڇاڪاڻ ته ذاتي فائدو وٺڻ سان شخصيت مطابق متاثر ٿيندي آهي. محمد مراد ڀٽو هارين کي کاتي ڪٽي ڏيندو هو ۽ چوندو هو ته کاتيون ائين ڪٽبيون آهن ۽ ورهيون اهڙي طرح ٺاهبيون آهن ۽ واهيون ٺاهي ڏيکاريندو هو ۽ چوندو هو اوڙ ائين ڏبي آهي. سائين جا ٻيا ڀائر عبدالغفار ڀٽو انجنيئر عبدالرشيد ڀٽو واپڊا ۽ عبدالخالق ڀٽو ڀائر آهن. جڏهن سندن فرزند ۾ نثار احمد ڀٽو نئون ديرو يونين ڪائونسل جو ناظم آهي ۽ پ پ نئون ديرو جو صدر آهي.



www.bhutto.org

تحرير: محمد عتيق ڀٽو

# محمد صديق ڀٽو

محمد صديق ڀٽو 16 جنوري 1948ع تي سکر شهر ۾ عبدالستار ڀٽو جي گهر ۾ جنم ورتو. محمد صديق ڀٽو ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول معصوم شاهه جي مناري ۾ بعد گورنمينٽ هاءِ اسڪول سکر مان ميٽرڪ پاس ڪري اسلاميه ڪاليج سکر مان بي اي ڪيائون.

1969ع ڌاري سندس شادي خانه آبادي ٿي، جنهن مان هن پٽ ۽ چار نياڻيون پيدا ٿيون. محمد صديق ڀٽو 1971ع ڌاري ريلوي کاتي ۾ بحيثيت اسٽيشن ماسٽر نوڪري ڪئي ۽ ڪين پڊ عيدن ۾ مقرر ڪيو ويو. 1972ع ڌاري ٽپال کاتي جيڪب آباد ۾ ڪلارڪ ٿيا. 1973ع ڌاري ڪراچي ۾ پوسٽل کاتي ۾ سکيا حاصل ڪئي. 1974ع ڌاري ترقي ڏئي کيس خيرپور ۾ رکيو ويو. کين ڪراچي ۾ وڌيڪ ٽريننگ لاءِ موڪليو ويو جتان کين سکر ۾ ترقي ڏئي رکيو ويو. سيپٽمبر 1980ع ۾ کين ترقي ڏئي خزانچي جنرل پوسٽ آفيس (جي پي او) حيدرآباد ۾ مقرر ڪيو ويو. جتي مسلسل ڏهه سال ايمانداري سان خدمتون سرانجام ڏيڻ لڳا. بعد ۾ کين پوسٽ ماسٽر ڪري سائيٽ ايريا، زيل پاڪ، هير آباد ۽ سنڌ يونيورسٽي اولڊ ڪئمپس حيدرآباد جي مختلف برانچن ۾ ڊيوٽي ڏيندا رهيا.

9 سالن کانپوءِ کين ترقي ڏئي اسسٽنٽ چيف ماسٽر جنرل پوسٽ آفيس حيدرآباد مقرر ڪيو ويو. جتان 2003ع ۾ رٽائرمينٽ ورتائون.

محمد صديق ڀٽو صاحب کي 1986ع ۾ شگر جي بيماري ٿي پئي، ان کان پوءِ کين جگر جو عارضو ٿي پيو. 2002ع ۾ سندس طبيعت خراب هئڻ سبب اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. 11 آڪٽوبر 2005ع تي سائيٽ ايريا جي پنهنجي رهائش گاهه تي هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويا. کين پير شيشي بادشاهه جي قبرستان ۾ پيتا حويلي لڳ سکر ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.

محمد صديق ڀٽو پويان پٽ محمد عتيق ڀٽو جيڪو ڪمپيوٽر سائنس جي شعبي ۾ ڊگري حاصل ڪرڻ کان پوءِ هڪ اين جي اوز ۾ سکر ۾ استادن



www.bhutto.org

ڪي سکيا ڏئي رهيو آهي. ٻيو فرزند محمد عقيل ڀٽو بايو ٽيڪنالاجي شعبي ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو ۾ ليڪچرار آهي. جڏهن ته سندس نياڻي عطيه خانم ڀٽو زبيده گرلس ڪاليج حيدرآباد ۾ حساب جي ليڪچرار آهي. جڏهن ته سندس هڪ نياڻي لياقت ميڊيڪل يونيورسٽي مان ايم بي بي ايس ڪرڻ بعد اسپتال ۾ هائوس جاب ڪري رهي آهي. جڏهن ته هڪ نياڻي بي فارميسي ۾ ايم ايس سي ڪئي آهي. جڏهن ته چوٿين نياڻي يونيورسٽي ۾ ايم بي اي ڪري رهي آهي.

محمد صديق ڀٽو هڪ خوش گفتار محبت ڏيڻ وارو انسان هو. پنهنجي زندگي تمام منظم نموني سان گذاريائون. جڏهن ته شاگردي واري دور ۾ ان وقت روزانو پنهنجي روزمره جي معاملن تي ڊائري لکندا هئا. پاڻ مهمان نواز، ملنسار طبيعت جا مالڪ هئا.

محمد صديق ڀٽو بزرگن سان تمام گهڻي خاص عقيدت رکندا هئا. هن جو مذهب سان تمام گهڻو لڳاءُ هو. پاڻ درگاهه دريا دولهه خان بابا گهانگهرا موري واري درگاهه واري مسجد ۾ جمع نماز جي امامت ڪندا هئا. ڪين رات جو مطالعو ڪرڻ جي عادت هئي. اسلامي ڪتابن کان علاوه تاريخ جا ڪتاب وڏي شوق سان پڙهندا هئا. محمد صديق ڀٽو ءِ سندس گهر وري جي جدوجهد سبب ٻار سٺي تعليم و تربيت حاصل ڪرڻ بعد ان مقام تي پهتا آهن. محمد صديق ڀٽو جي سڄي عمر جي جدوجهد سکيا تعليم تي خاص ڌيان جو نتيجو آهي. اڄ اهي پنهنجي پنهنجي روزگار سان لڳي پنهنجي خاندان جي سار سنڀال لهي رهيا آهن.



www.bhutto.org

تحرير: سانوڻ خان ڀٽو

# سخي مرد محمد هاشم ڀٽو

محمد هاشم ڀٽو ڳوٺ قليلي ۾ ديهہ شاهہ بخاري ۾ دادو ڀٽو جي گهر ۾ 1936ع ڌاري جنم ورتو.

محمد هاشم ڀٽو ان سڄي تر ۾ واڙو رکڻ سبب سڄو مالوند مشهور هو. هن جي واڙي مان ڪيترائي مڻ روزانو وڪري لاءِ کير جي مارڪيٽ ۾ روانو ڪيو ويندو هو. هتڙي ديهہ شاهہ بخاري ۾ سخي مرد علائقي ۾ راڄ جو چڱو مڙس هو. هو ڀٽو برادري جا فيصلا پڻ ڪندو هو.

هن طرفان روزانو غريب ماڻهن ۾ هڪ مڻ کير مفت ورهايو ويندو هو. اتي جي ماڻهن کيس نو لکي گودڙي جو لال سڏيندا هئا.

محمد هاشم ڀٽو تعليم کاتي ۾ ڪم ڪندڙ اسسٽنٽ سانوڻ ڀٽو جو چاچو ۽ سهرو پڻ هو.

لاهور ۾ جڏهن نمائش ٿيندي هئي تہ اتي محمد هاشم ڀٽو جا ڍڳا انعام حاصل ڪندا هئا. محمد هاشم ڀٽو حضرت لال شهباز قلندر ۽ حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو عقيدت مند هو. اها سخي مرد شخصيت 2001ع ۾ 65 سالن جي ڄمار ۾ وفات ڪري ويو.



www.bhutto.org

# ذيشان علي ڀٽو

ذيشان علي ڀٽو 16 جون 1983ع تي حاجي عبدالخالق ڀٽو جي گهر پراڻي وحدت ڪالوني ويسٽ ونگ حيدرآباد ۾ جنم ورتو.

هن ابتدائي تعليم بيبي بواءِ هاءِ اسڪول پراڻي وحدت ڪالوني حيدرآباد مان حاصل ڪئي، جڏهن ته ميٽرڪ جو امتحان آغا تاج محمد اڪيڊمي اسڪول سنڌي مسلم هائوسنگ سوسائٽي حيدرآباد مان پاس ڪيو.

انٽرميڊئيٽ غلام حسين هدايت الله هاءِ اسڪول پڪو قلعو حيدرآباد مان جڏهن ته بي ٽيڪ اليڪٽرونڪس ۾ ٽيڪنيڪل ڪاليج آف ٽيڪنالاجي وحدت ڪالوني حيدرآباد مان ڪرڻ بعد بي اي، ايم اي (پوليٽيڪل سائنس) سچل سرمست آرٽس ڪاليج تلڪ چاڙهي حيدرآباد مان پاس ڪرڻ ڪان پوءِ گل احمد ٽيڪسٽائيل مل ڪراچي ۾ ڪجهه وقت نوڪري ڪيائين ۽ پنهنجي والدين ڪي چوندو هو ته منهنجو بندوبست الله تعاليٰ طرفان ٿي ويو آهي.

17 آگسٽ 2009ع سومر جي ڏينهن شام جو 6 لڳي ڏهه منٽن تي ٽول پلازه ڄامشورو وٽ هڪ ڪار حادثي ۾ وفات ڪري ويو. انا لله و انا عليه راجعون. الله تعاليٰ کيس جوار رحمت ۾ جاءِ ڏئي. کيس بابن شاهه قبرستان جي او آر ڪالوني حيدرآباد ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو.



www.bhutto.org

# محترم الهبچايو ڀٽو

الهہ بچايو ڀٽو 05 جون 1948ع تي شهمير خان ڀٽو جي گهر قليلي ٽنڊو ٺوڙهو حيدرآباد ۾ جنم ورتو. هن ابتدائي تعليم گورنمينٽ پرائمري اسڪول مرزا قليچ بيگ قليلي مان ۽ حاجي ماڻڪ ڀٽي هاءِ اسڪول مان 1967ع ڏاري ميٽرڪ سائنس گروپ ۾ 1969ع ڏاري انٽر آرٽس مسلم سائنس ڪاليج حيدرآباد مان بي اي 1937ع ۾ سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو مان، ايم اي پوليٽيڪل سائنس سنڌ يونيورسٽي مان 1977ع ڏاري پاس ڪيائين.

آگسٽ 1973ع کان جون 1974ع تائين ميونسپل ڪاميٽي حيدرآباد ۾ بحيثيت جونيئر ڪلارڪ مقرر ٿيو جون 1974ع کان جولائي 1976ع تائين بحيثيت پروف ريڊر سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو ۾ مقرر ٿيو. جولائي 1976ع کان سيپٽمبر 1976ع تائين سنڌ يونيورسٽِ انجنيئرنگ ڪاليج ڄامشورو ۾ اسسٽنٽ مقرر ٿيا. 07 سيپٽمبر 1976ع کان 02 جنوري 1984ع تائين پبليڪيشن اسسٽنٽ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي مقرر ٿيا. 21 مارچ 1995ع کان جون 2008ع تائين سنڌ يونيورسٽي پريس جا پريس مئنيجر اولڊ ڪئمپس حيدرآبد ۾ مقرر ٿيا. هن وقت رٽائرمينٽ جي زندگي گذاري رهيا آهن. الهہ بچايو ناز ڀٽو صاحب ماهوار سائنس ميگزين سنڌي سيڪشن ۾ ٻہ سال بحيثيت پبليڪيشن اسسٽنٽ طور ڪم ڪيو. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان نڪرندڙ ساليانو ”سنڌي ادب“ ۾ بحيثيت اسسٽنٽ ايڊيٽر طور سال 1982ع ۽ 1983ع، 1984 ۽ 1985ع ۾ ڪم ڪيائين. منهنجو پٽ مارچ 1973ع انجير ٽوڙايو اپريل 1973ع سسپيان جا ٻيجل، مئي ۽ جون 1973ع روشن تارا سلسلو ڪتاب حيدرآباد مان شايع ڪيائين. ذات جي



www.bhutto.org

لاٽ ۾ لاٽ ٻرندي رهي. تند تنوار ڪتابي سلسلو اپريل 1970ع تائين پرڀات پبليڪيشن حيدرآباد طرفان شايع ڪيائين.

سائين الهه بچايو ناز ڀٽو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي طرفان سلور جوبلي ميڊل 1987ع ۾ ڪارڪردگي سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو. سنڌ ڪوآپريٽو پريس لميٽڊ حيدرآباد طرفان ۽ نومبر 1996ع تي بين الاقوامي ناٽڪ فيسٽول ۾ بهتر ڪارڪردگي تي ميرٽ جو سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو.


ٽائيگر اسڪائوٽ اولهه پاڪستان بوائيز اسڪائوٽ ايسوسيئيشن طرفان 1965ع ڌاري تعاون ڪرڻ تي سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو. 28 سيپٽمبر 1995ع تي آل پاڪستان قومي مشاعره حيدرآباد ۾ ڪاميٽي طرفان بهتر ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪرڻ تي سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو.

07 جولائي 1996ع تي سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر طرفان سياسي ڪارڪن جو نيشنل بلڊنگ پريس ۾ ڪردار بابت سيمينار جو انتظام ڪرڻ تي بهتر ڪارڪردگي جو سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو.

ان کان علاوه برک اديب محمد ابراهيم جويو، ڊاڪٽر غلام علي الانا، عبدالقادر جوڻيجو ۽ مهتاب اڪبر راشدي طرفان ڪيس سنڌالاجي ڄامشورو ۾ بهتر ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪرڻ تي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويا.



www.bhutto.org



# تعارف

نور محمد ڀٽو 14 جنوري 1955ع تي ڳوٺ پير بخش ڀٽو تعلقو رتوديرو ضلعي لاڙڪاڻي ۾ علي محمد ڀٽو جي گهر ۾ جنم ورتو.

هن ابتدائي تعليم سنڌي پرئڪٽسنگ اسڪول ايليمينٽري ڪاليج خيرپور ميرس ۾ حاصل ڪئي. ميٽرڪ رضا ميموريل هاءِ اسڪول حيدرآباد ۽ انٽر، بي اي ايم اي (پوليٽڪل سائنس) سچل سرمست ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيائين.

ينگ رائيٽرس گلڊ سنڌ جو چيئرمين رهڻ کان علاوه جنرل سيڪريٽري ڀٽو ويلفيئر ايسوسيئيشن ضلعو حيدرآباد، پريس سيڪريٽري ۽ جوائنٽ سيڪريٽري گريجوئيٽس ايسوسيئيشن آف پاڪستان ڪراچي، نئون سج، سج پبليڪيشن جو مرتب ۽ روزانو عبرت، مهراڻ ۽ خلق جو سب ايڊيٽر رهڻ کان علاوه ڪهاڻين جو مجموعو عظمتن جا مينار، شخصيات، ڀٽو خاندان کان علاوه سنڌ جا تعليمي ماهر ڪتاب (ڇهه پاڳا) حيدرآباد جي مختصر تاريخ ۽ صحافت جي تاريخ مرتب ڪيا اٿس.

**ڊاڪٽر مقبول ميمڻ مارو**
**مصطفيٰ ڪلينڪ ماتلي، ضلعو بدين**

www.bhutto.org

# شهيد راڻي بينظير ڀٽو

شهيد حق اي راڻي شهيد بينظير ڀٽو تنهنجو الله مانُ وڌايو تو جام شهادت جو پيتو ساري دنيا توکي سارهايو آ

آ تاج شهادت بَرسَر پيو سنڌ هند ۾ نالو اَمَرُ ٿيو
تو تي راضي آ ربّ اڪبر ٿيو جنهن شاهي شان بڻايو آ
تو قوم کي جو پيغام ڏنو جمهوريت جو آ پيام ڏنو

ماني، ڪپڙي اجهي جو انجام ڏنو تو موت سان پاڻ ملهايو آ رنگ خون شهيدان لائيندو تنهنجا ڳڻ هر پيو ڳائيندو

ڏني ووٽ ميار هو لاهيندو هاڻي اهڙو عوام جو رايو آ تنهنجا قاتل ٿيندا خوار سيئي، ٿيا نفرت جا حقدار سيئي، رلي مرندا مَدَ گهر ٻار سيئي، جن ناحق خون وهايو آ

آ ملڪ سڄو سوڳوار ٿيو ڪري عزم وري بيدار ٿيو
"جيئي ڀٽو" چئي آ تيار ٿيو سرواڻ بلاول آيو آ
بينظير ڀٽو شهيد حق آ، اهو سال شهادت برحق آ
2007 عيسوي "بيدار" نہ ان ۾ ڪو شڪ آ.

هي قادر قلم وهايو آ" .بينظير ڀٽو شهيد حق" ان مان سال وفات 2007ع نڪري ٿو. ماده سال هجري بدرالهديٰ بينظير 1428 ھ محسن زمان بينظير 1428 ھ همايون قدم بينظير 1428 ھ حاڪم مومنان بينظير 1428ھ.

Salam Printers & Publishers Hyd. 0333-3222430